# سنڌي صوتيات

ڊاڪٽر غلام علي الانا

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# انتساب

سنڌي ٻوليءَ جي ڀهڳٽي شاعر ۽ محقق

**ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ**

جي نالي

ـ ڊاڪٽر غلام علي الانا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


ناشر نوٽ 07

تعارف 09

پهرئين ڇاپي جو مقدمو 10

ٻئي ڇاپي جو مهاڳ 18

ٽئين ڇاپي جو مهاڳ 41

**باب پهريون** 49

صوتيات جو مفهوم ۽ مقصد

**باب ٻيو** 55

ڳالهائڻ جا عضوا

ڳالهائڻ جي آوازن جي ٺهڻ جو طريقو ڳالهائڻ جا عضوا، آوازن جو پڙ، وات جي ڇت، چپ، ڳالهائڻ جي عضون جي بيهڪ، ڏند، مهار سخت تارون، نرم تارون، مورڙن، چپ، ڪاڪڙو نڙي، گلو نڙگهٽ، آوازي تندون، جيڀ، جيڀ جي نوڪ يا چوٽي، ڦار مهڙ پوڇڙ

**باب ٽيون** 67

آوازن جي اچارڻ جو ڍنگ

ٻچپوان يا ٻن چپن وارا آواز چپ ۽ ڏندن گاڏوان آواز ڏنداوان يا ڏندن وارا آواز مهاروان يا مهارن وارا آواز ڦار ۽ مهار گاڏئون/ مهار گاڏڙ آواز مُورڙني آواز سخت تارونءَ وارا آواز نرم تارونءَ وارا آواز نرم تارون ڪان پوئير آواز ڪاڪڙي وارا آواز نڙيءَ وارا آواز نڙگهٽ وارا آواز

**باب چوٿون** 73

سنڌي وينجنن جا قسم ۽ گروهه

ڌوڪڻا يا ڌماڪيدارآواز، چوسڻا آواز، نڪوان يا گهڻا وينجن، بندشي گسڻا آواز، پاسيرا آواز، ڦرڻا يا لرزش وارا آواز، ڦڙڪڻا آواز، گسڻا آواز، بنا گهڪي وارا روان آواز، نيم سُر

**باب پنجون** 83

سنڌي آوازن جا قسم

وينجن جي وصف، وينجنن جون خصوصيتون، وسرگائي

**باب ڇهون** 94

سنڌي وينجنن جو بيان

ڌوڪڻا وينجن، چوسڻا وينجن، نڪوان يا گهڻا وينجن، گسڻا (گهڪيدار) وينجن، پاسيرا وينجن، ڦرڻا يا لرزشدار وينجن، ڦڙڪڻا وينجن، نيم سُر



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**باب ستون** 104
سُر جو اڀياس
سُر جي وصف، سُرن جي اچارن ۾ ڪم ايندڙ ڳالهائڻ جا عضوا. گهٽيل سُر، ڪليل سُر، اڌ گهٽيل سُر، اڌ ڪليل سُر، چپ جي حصي موجب سُرن جا قسم، مهڙ وارا سُر، پوئيڙ وارا سُر، وچترا سُر، چپن جو ڍول، سيٽيل ۽ ڍرا سُر.
**باب اٺون** 116
سنڌي سُرن جو بيان
سنڌي سُرن جي تقسيم، سادا سُر، يڪپدا ڌُهرا سُر، سُرن جي لامريا ڊيگهه، ڊگها سُر ۽ ڇوٽا سُر، مهڙ وارا، پوئيڙ وارا، ڇوٽا سُر، وچترا، هر هڪ سُر جو بيان، سُرن جو جوڙيون
**باب نائون** 122
سنڌي سُرن جون ٻيون خاصيتون
گُهٽا يا انوناسڪ سُر، صاف ۽ گهٽن سُرن ۾ فرق، گُهٽاهٽا سُر يعني انوُسوار
**باب ڏهون** 129
ڇوٽن گهٽن سُرن جو، گهٽن ڏماڪيدار وينجنن سان گڏيل اچار ڪان پوءِ وينجنن جي صورت ۾ بدلجڻ
**باب يارهون** 133
لفظن ۽ انهن جي پدن اندر ڪم آيل سُرن ۽ وينجنن جي ميل/ ميلاپ جو مطالعو
سُرن جا ميل، ٻن سُرن جو ميلاپ، ٽن سُرن جو ميلاپ، وينجنن جا ميل/گڏيل وينجن، لفظن جي منڍ/ شروعات ۾ استعمال ٿيندڙ گڏيل وينجن، 151
**باب ٻارهون**
سنڌي صوتياتي نظام ۾ شدّ جو استعمال
**باب تيرهون** 155
وسرگ آوازن تي مشتمل لفظن جو صوتياتي اڀياس
**باب چوڏهون** 157
سنڌي صوتياتي نظام موجب، ’همزي‘(ء) جو اڀياس
**باب پندرهون** 160
علم صوتيات ۾ اِدغام/ سَنڌيءَ (Assimilation) جو ڪارج
تاريخي سَنڌيءِ نسبتي سَنڌيءِ
ڪتاب ۾ آيل فني لفظن جي فهرست 180
مددي ڪتاب ۽ رسالا 186

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ناشر نوٽ

’سنڌي صوتيات‘ يعني سنڌي ٻوليءَ جو صوتياتي علم، جنهن سان سنڌي ٻوليءَ جي آوازن جو سائنسي ۽ فني بنيادن تي اڀياس ڪري سگهجي. سنڌيءَ جي صوتيات ۾ ٽن ٻولين جا آواز شمار ٿين ٿا، هڪ خود نج سنڌي آواز، ٻيا عربي اکرن جا آواز ۽ ٽيون فارسي اکرن جا آواز. انهن جا مخرج، سُر ۽ وينجن جا ميلاپ مطلب تہ هر پهلوءَ ڪي بحث هيٺ آڻيو آهي.

پروفيسر علي نواز حاجن خان جتوئي، سنڌي ٻوليءَ جو پهريون اسڪالر هو، جنهن لنڊن مان هن علم جي سکيا ورتي ۽ واپس اچي هڪ بهترين ڪتاب ”علم اللسان سنڌي زبان“ لکيو جيڪو سائنسي انداز ۾ لکيل هڪ ناياب ڪتاب آهي. اهو ڪتاب سنڌالاجي ڄام شوري طرفان ڇپرايو ويو هو.

ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب بہ سنڌي صوتيات جي لنڊن مان تعليم حاصل ڪئي ۽ ان روشني ۾ سنڌي ٻوليءَ کي هي ڪتاب”سنڌي صوتيات“ مليو.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري ۾ شروع کان ”لئنگئيج لئبارٽري“ جي هڪ رٿا، ڪاغذن ۾ موجود رهندي پئي اچي، پر ان کي هن وقت تائين عملي شڪل نہ ملي سگهي آهي. ڪوشش

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندي تہ هن سلسلي ۾ پيش رفت ڪري، هن رٿا کي تڪميل تائين پهچائجي.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري طرفان هن ڪتاب جو هيءُ ٻيو ڇاپو آهي، پر مجموعي طور تي 'سنڌي صوتيات' جو هيءُ ٽيون ڇاپو آهي، جيڪو اوهان جي هٿن ۾ آهي.

آءٌ ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جو ٿورائتو آهيان، جنهن منهنجي گذارش تي نہ صرف هن ڪتاب جو ٽيون ڇاپو ڇپائڻ جي اجازت ڏني، پر هن ڇاپي لاءِ هڪ ضخيم مهاڳ بہ لکي موڪليو ۽ گڏوگڏ ٻئي ڇاپي ۾ پروف جون جيڪي غلطيون رهجي ويون هيون، اهي بہ درست ڪري ڏنيون.

مون کي اميد آهي تہ هن ڪتاب کي بنياد بنائيندي سنڌي ٻوليءَ جي صوتيات تي ڪي نوان محقق بہ ميدان ۾ ايندا ۽ هن موضوع تي وڌيڪ تحقيق ڪندا.

پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ
چيئرمئن

25 جنوري، 2017ع
حيدرآباد، سنڌ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تعارف

صوتيات، لسانيات جو اهم حصو آهي. ٻولين جو ظاهري لاڳاپو آوازن سان آهي، تنهن ڪري لسانيات ۾ ٻين موضوعن کان اڳ صوتيات تي بحث ٿيل آهي. هر ٻوليءَ جو صوتياتي نظام پنهنجو پنهنجو آهي، تنهن ڪري سنڌي ٻوليءَ جو صوتياتي نظام پنهنجي انفرادي حيثيت رکي ٿو. انهيءَ موضوع تي سنڌيءَ ۾ اڄ تائين ڪنهن به قلم نه کنيو آهي. مسٽر الانا پهريون شخص آهي جنهن انهيءَ موضوع کي نباهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سندس هيءُ ڪتاب، سنڌي صوتيات، پورو نه بلڪ اڌورو آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌي زبان جي فقط آوازن (sounds) جي چنڊ ڇاڻ ڪئي وئي آهي، ۽ ان کان اڳتي قدم نه وڌايو ويو آهي؛ ان جو سبب فقط اهو آهي ته باقي مواد پيش ڪيل مواد کان وڌيڪ ڏکيو آهي. خود پيش ڪيل مواد به پهرين پڙهڻيءَ سان مشڪل سان سمجهه ۾ ايندو. شاگردن کي وري وري پڙهڻو پوندو، مگر جيڪي شاگرد انهيءَ ساڳئي مواد کي استاد کان ڪلاس ۾ ٻڌندا سي سنت ئي ان کي سمجهي ويندا.

مسٽر الانا نهايت محنت ڪري، حوالا ڏيئي، سنڌي آوازن کي بلڪل چٽي نموني ۾ پيش ڪيو آهي. اميد ته صوتيات جو باقي مواد به ائين ئي ذري پرزي پيش ڪندو جيئن شاگرد لسانيات جي هن اهم حصي کان چڱيءَ طرح واقف ٿين.

حيدرآباد
30 مئي 1967ع

علي نواز جتوئي
صدر
سنڌي شعبو
سنڌ يونيورسٽي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## پهرئين ڇاپي جو مقدمو

صوتيات هڪ ڏکيو علم آهي. ٻين علمن وانگر هن علم لاءِ بہ جديد زماني ۾ تجربيگاهہ (Laboratories) ۽ سائنسي آلات ڪم آندا ويندا آهن، تنهن ڪري موجوده دور ۾ هن علم جي اهميت هيڪاري وڌي وئي آهي. اجوڪي زماني ۾، جيتوڻيڪ، ڪي ماهر اُهائي پراڻي 'پَرَ' قائم رکيو اچن، ۽ جديد نتيجن ڪي سامهون ڏسندي، پنهنجيءَ پراڻيءَ هير ۽ پنهنجن پراڻن نظرين ڪي جديد علم جي روشنيءَ ۾ بيان ڪيل نتيجن ڪي زباني طور مڃي، ڪنڌ لوڏي، هائوڪار تہ ڪن ٿا، پر جڏهن هُو ٻوليءَ جي باري ۾ لکڻ ويهن ٿا تڏهن سندن صراحيءَ مان اهوئي پراڻو شراب اوتجي ٿو.

صوتيات جي تاريخ، سنڌو- ماٿر جي تاريخ وانگر، تمام گهڻي پراڻي آهي. علم طب، علم رياضي، علم ڪيميا، علم جوتش ۽ علم طبعي توڙي جادو ۽ منتر جي علمن وانگر، ٻيءَ دنيا کي، هيءُ علم (صوتيات)، بہ سنڌو- ماٿر جي ماهرن کان ئي ورثي ۾ مليو. لسانيات جي مشهور امريڪي ماهر، بلو مفيلڊ قبول ڪيو آهي تہ آوازن جي اچارڻ جو ڍنگ، آوازن جا مخرج توڙي علم صوتيات جي بيان کان، دنيا کي پهرين پهرين برصغير اندوپاڪ جي عالمن ئي واقف ڪرايو.

سنڌو ماٿر جو مشهور وياڪرڻي، پنڊت پاڻيني، پهريون ئي شخص هو جنهن علم صوتيات جي جديد علم جو پايو وڌو. ٻين



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عالمن ان جي نتيجن تي سوچ ويچار ڪري، پنهنجين ٻولين ۾، پنڊت پاڻينيءَ جي نتيجن کي پنهنجو ڪري، بيان ڪيو.

سنڌي ٻوليءَ ۾، علم صوتيات تي، هن کان اڳ ڪيترن ئي بزرگن ڪجهه نہ ڪجهه ضرور لکيو آهي. ڪن سنسڪرت جي وياڪرڻ تان مدد ورتي آهي، تہ ڪن وري فارسي ۽ عربي وياڪرڻين جي ڪتابن تان سنڌي صوتيات جي باري ۾، سنڌي ٻوليءَ جي رچنا ۽ مزاج کي سمجهڻ بنا، فارسي ۽ عربي ٻولين جي مواد کي نقل ڪيو آهي. ڪن صاحبن وري مولانا اشرف علي ٿانويءَ ۽ ٻين مولوي صاحبن جي ڪتابن ۾ بيان ڪيل ڳالهين کي پنهنجو ڪري لکيو آهي.

مشهور تعليمي ماهر محترم واحد بخش شيخ تہ عربي صوتيات وارا ساڳيا اصول، سنڌي صوتيات سان لڳائي، پنهنجي ڪتاب، 'سنڌي صرف و نحو' ۾ اهڙو بيان ڪيو آهي، جنهن تي جيڪڏهن ويهي لکجي تہ هڪ نئون ڪتاب ٺهي پوندو.

سڀ کان اول جنهن صاحب سنڌي آوازن جي باري ۾ علمي بحث ڪري انهن تي لکڻ جي ڪوشش ڪئي، سو هو ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ. ڊاڪٽر ٽرمپ، پنهنجي سنڌي گرامر (1872ع) ۾، سنڌي زبان جي آوازن، انهن جي مخرجن کان سواءِ، مفرد ۽ گڏيل آوازن تي چڱو مواد پيش ڪيو آهي. جيتوڻيڪ موجوده زماني ۾ ڊاڪٽر ٽرمپ صاحب جا کي نتيجا اڄ پراڻا پيا لڳن، پر انهيءَ هوندي بہ، ان زماني جي وصف موجب سندس نظريا بلڪل وزندار ۽ درست آهن.

ڊاڪٽر ٽرمپ کان پوءِ جن صاحبن سنڌي وياڪرڻ ۽ سنڌي صوتيات تي لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، تن گهڻو ڪري ڊاڪٽر ٽرمپ جي گرامر تان مدد ورتي آهي، ۽ ان جا حوالا بہ ڏنا اٿن. ان کان پوءِ مسٽر سيمور (Seymour)، 1884ع ۾ سنڌي گرامر لکيو. ديوان نارائڻ جڳنات وسناڻي، ڊاڪٽر ٽرمپ کان پوءِ هڪ اهڙو ماهر نظر اچي ٿو جنهن 1892ع ۾، هن ڪيتر ۾ قلم آزمائي ڪئي، ۽



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

’نئون سنڌي گرامر‘ نالي ڪتاب لکيائين. هن جا ڪڍيل نتيجا، ڊاڪٽر ٽرمپ جي بيانن ۽ نتيجن کان، ڪنهن نه صورت ۾ گهٽ درجو نٿا رکن. هن جو گرامر، سنڌي ادب ۾ هڪ املهه وٿ آهي. ان کان پوءِ، 1904ع ۾، ديوان ڏيارام وسومل مير چنداڻيءَ جو گرامر مِلي ٿو. اهڙيءَ طرح سرگريئرسن (1919 ۽ 1927ع)، ٽي- جي بيلي (1922ع)، ۽ آر-ايل- ٽرنر (1923ع) نه سنڌي صوتيات ۽ سنڌي آوازن جي باري ۾ سني چند چاڻ ڪئي آهي.

1925ع ۾ ڪاڪي ڀيرومل جو ’وڏو سنڌي وياڪرڻ‘ ٽن جلدن ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. پهرئين جلد ۾ ديوان صاحب (ڪاڪي ڀيرو مل)، سنڌي آوازن جي مخرجن ۽ مرڪب آوازن جي باري ۾ جيڪي ڪجهه لکيو آهي سو سڀ ڊاڪٽر ٽرمپ جي گرامر تان ترجمو ڪيو اٿس. اهڙيءَ طرح ديوان صاحب جي ٻئي ڪتاب، ’سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ‘ (1956ع) ۾ نه علم صوتيات جي باري ۾ ڪافي چند چاڻ ڪيل آهي. ساڳيءَ طرح مرزا قليچ بيگ جي ’سنڌي وياڪرڻ‘ ڀاڱي ٻئي (1960ع) ۾، ڊاڪٽر ٽرمپ وارو مواد سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل آهي، پر تنهن هوندي به مرزا صاحب سندس هن ڪتاب ۾، سُرن (vowels) واري حصي ۾ گهڻا ئي اضافا ڪيا آهن.

بهرحال انهن ٻنهي بزرگن- ديوان ڀيرو مل ۽ مرزا قليچ بيگ جا ڪتاب علم صوتيات جي ڪيتر ۾ قيمتي اضافو آهن، جن کي نظر انداز ڪرڻ يا گهٽ سمجهڻ، انهن ٻنهي بزرگن جي ڪم جي بيقدري ٿيندي.

ورهاڱي کان پوءِ، سنڌ ۾ جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، پروفيسر علي نواز جتوئيءَ، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي ۽ سراج الحق ميمڻ، هن ميدان ۾ قلم کنيو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب ۽ ڊاڪٽر سنديلي صاحب پنهنجين لغتن ۾، سنڌي صوتياتي نظام، سنڌي آوازن ۽ انهن جي چند خصوصيتن تي روشني وڌي آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن ۾ سنديلي صاحب تہ سنسڪرت جي ڪتابن تان مدد وٺي، پنهنجي تجزئي ۽ بيان کي گهڻي قدر علمي بنائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پروفيسر جتوئي صاحب جي ڪتاب، 'سنڌي صحيفو' ۾ جيتوڻيڪ علم صوتيات تي گهڻو ڪجهہ لکيل ڪونهي، پر ان ۾ صوتي تبديلين جي باري ۾ سنڌس ورتل جائزو، گهڻي قدر ۽ قيمت جي حيثيت رکي ٿو. مرحوم جتوئي صاحب اهو مواد، ڊاڪٽر محي الدين 'زور' جي ڪتاب، 'هندستاني لسانيات' تان مدد طور کنيو آهي. اهڙيءَ طرح هن ڏس ۾، هندستان ۾، ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچنداڻيءَ، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ، ڊاڪٽر سي- ايس ڏاسواڻي ۽ ڊاڪٽر ستيش روهڙا کان سواءِ، امريڪا ۾ ڊاڪٽر بورڊي ۽ انگلئنڊ ۾ منهنجي استاد پروفيسر ٽي-ايف- مچل بہ چڱي محنت ڪري، هن ڏس ۾ ڪافي مواد پيش ڪيو آهي.

علم صوتيات جي ميدان ۾، جن جن صاحبن جيڪي ڪجهہ لکيو آهي تن جو مٿي صرف تعارف ڪرايو ويو آهي. انهن جي مواد تي تبصرو ڪرڻ هن مقدمي ۾ موزون نہ ٿيندو، البت ايترو لکڻ ضروري آهي تہ مٿين سيني بزرگن جو مقصد، 'سنڌي صوتيات' يا 'سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام' تي لکڻ نہ هو. هنن تہ صرف سنڌي وياڪرڻ ۽ لغت جي مواد تي وڌيڪ زور ڏنو آهي، تنهن ڪري صوتيات سان واسطو رکندڙ اڪثر نڪتن کي هٿ لائڻ يا انهن جي باري ۾ ڪجهہ لکڻ جي ضرورت ئي ڪانہ سمجهي اٿن.

هي ڪتاب (سنڌي صوتيات)، علم صوتيات جي باري ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ پهريون ڪتاب آهي، جنهن ۾ پهريون دفعو سنڌي صوتيات ۽ سنڌي آوازن، انهن جي مخرجن ۽ آوازن جي قسمن تي روشني وڌي وئي آهي، ۽ سنڌي پڙهندڙ عوام جي سنڌي صوتيات جي علم ۽ ان جي مفهوم ۽ مقصد وغيره سان ڏيٺ ڪرائي وئي آهي.

موجوده زماني ۾، صوتيات سنڌ ۾ تہ ڇا، پر پوري پاڪستان ۾ هڪ نئون علم ليکيو وڃي ٿو. انهيءَ ڪري ڪنهن بہ يونيورسٽيءَ ۾، هي علم، پوريءَ ريت پڙهايو ئي نٿو وڃي؛ جيڪڏهن ڪنهن هڪ اڌ يونيورسٽيءَ ۾ لسانيات جي تعليم شروع بہ ڪئي اٿن، تڏهن بہ ان جي نصاب ۾ علم صوتيات تي توجهہ بلڪل گهٽ ڏنل آهي. انهيءَ جو خاص سبب هي بہ آهي تہ هن علم جي پڙهائڻ لاءِ تربيت يافتہ استاد بلڪل آهن ئي ڪونہ، ۽ ٻيو تہ هن شعبي ۾ معياري ۽ مستند ڪتاب لکيا ئي نہ ويا آهن. پاڪستان ۾، هن کان اڳ اردو ٻوليءَ ۾، هن علم تي لکيل هڪ عدد ڪتاب ملي ٿو پر اهو بہ نہ پڙهجي تہ وڌيڪ بهتر. جڏهن تہ اُن ڪتاب جي مصنف کي آوازن جي مخرجن ۽ انهن جي گروهن ۽ ٻين صوتياتي خصوصيتن جي باري ۾ ڪا بہ ڄاڻ ڪانهي، تڏهن اهڙن مصنفن جي ڏکي بازيءَ سان پريل ڪتابن کي نصاب تي رکڻ سان شاگردن جي رهنمائي تہ ڪا نہ ٿيندي پر پاڻ اُهي ٻوليءَ جي سٽاء ۽ صوتياتي نظام جي ڄاڻ کان گمراهہ ٿي ويندا.

هي ڪتاب، ان ڏس (General Linguistics and Phonetics) ۾ پهريون ئي ڪتاب آهي، جيڪو لنڊن يونيورسٽيءَ جي 'اسڪول آف اوريئنٽل اينڊ آفريڪن اسٽڊيز' جي جڳ مشهور عالمن جي هٿ هيٺ، 'عام لسانيات ۽ صوتيات' جي علمن جي تربيت وٺڻ ۽ هند-آريائي ٻولين جي صوتياتي نظام جي ڄاڻ ۽ ڪافي مطالعي ۽ مستند ڪتابن جي اڀياس کان پوءِ، لکيو ويو آهي. انهيءَ ڪري هن ڪتاب ۾ گهڻيون ئي خوبيون نظر اينديون. هن ڪتاب ۾ علم صوتيات جي مفهوم ۽ مقصد، ڳالهائڻ جي عضون، آوازن جي اُچارڻ جو ڍنگ، بين الاقوامي اصولن موجب وينجنن (consonants) جا گروهہ ۽ قسم، سنڌي وينجنن جا گروهہ ۽ قسم، سنڌي وينجنن جون خاص خصوصيتون، سنڌي سُرن (vowels) جا قسم ۽ اُنهن جون خصوصيتون، پنهنجي تجربي ۽ سکيا موجب، ۽ دنيا جي مشهور ۽ مستند ڪتابن مان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حوالا ڏيئي، بيان ڪيا ويا آهن. هر هڪ نقطي جي بيان کي سمجھڻ لاءِ ڪوشش ڪري مثال بہ ڏنا ويا آهن تہ جيئن پڙهندڙ، صوتيات جهڙي خشڪ مضمون کي آسانيءَ سان سمجهي سگهن. ڳالهائڻ جي عضون واري باب ۾، يا 'سنڌي آوازن جي قسمن' واري باب ۾، توڙي 'سنڌي وينجنن جون خصوصيتون' واري باب ۾، ڪيتريون ئي نئيون ڳالهيون بحث هيٺ آنديون ويون آهن. ساڳيءَ طرح گُهڻن (انوناسڪ/nasal) ۽ اَنوسوار (nasalised) سُرن جي سمجهاڻي ۽ اُنهن جو مطالعو بہ هڪ نئون بحث آهي، جيڪو تعليمي ماهرن، اُستادن ۽ عالمن جو توجهہ ڇڪائي ٿو.

ايترين سارين خوبين هوندي بہ آءٌ هرگز اها دعويٰ نٿو ڪريان تہ لسانيات جي ڪيتر ۾ هي ڪتاب ڪو حرف آخر آهي، ۽ يا هن کان وڏيڪ معتبر ۽ وڌيڪ مستند ڪتاب لکجي نہ سگهبو. مون کي خبر آهي تہ هن ڪتاب ۾ اجا ڪهڙي ڪهڙي کوٽ آهي. اها کوٽ مون ڄاڻي واڻي رکي آهي، انهيءَ لاءِ تہ اسان جو سنڌي پڙهندڙ عوام، صوتيات جي علم جون بنيادي ۽ ضروري ڳالهيون جيستائين سمجهي نہ سگهندو، تيستائين اهي ٺوس ۽ خشڪ مسئلا، جيڪي هن ڪتاب ۾ شامل نہ ڪيا ويا آهن، اُنهن کي سمجهڻ تہ پري رهيو پر اُهي انهن تي هڪ نظر وجهڻ بہ پسند نہ ڪندا. پڙهندڙ سمجهندا تہ هي مضمون شايد ڪنهن هڪ خاص گروهہ يا هڪ خاص طبقي لاءِ لکيو ويو آهي، ۽ عوام جو اُن سان ڪو بہ واسطو نہ آهي. حقيقت ۾ ابتدائي تعليم جي هر اُستاد کان وٺي، هر اديب، شاعر ۽ هر عالم کي هن علم جي ڄاڻ هئڻ تمام ضروري آهي، ڇاڪاڻ تہ اسان جي ٻوليءَ جو علمي ۽ وگيانڪ مطالعو تہ اجا شروع ئي نہ ٿيو آهي. هرڪو سنڌي، پنهنجيءَ تقرير ۾ تہ اهائي دعويٰ ڪندو آهي تہ هو وڏو زباندان آهي، ۽ هو ئي لسانيات جي علم ۾ ودوان آهي، پر منهنجيءَ نظر ۾ اُن صاحب جي اها دعويٰ فقط هڪ خوش فهمي آهي. علم وارا ۽ ڄاڻو ماڻهو اهڙيون ڳالهيون ٻڌي خاموش رهندا آهن.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون متي عرض ڪيو آهي تہ هن ڪتاب ۾ ڪن بابن يا ڪن مسئلن کي ڇاڻي واڻي شامل نہ ڪيو ويو آهي. جڏهن اهي مسئلا حل ڪري هن ڪتاب جي مواد ۾ شامل ڪبا تڏهن سمجهبو تہ هن ڪتاب ۾ اها کوٽ پرجي وئي، يا اهو خال پر ٿي ويو، ۽ هيءُ ڪتاب صوتيات جي ڄاڻ لاءِ مڪمل ٿي ويو، جيتوڻيڪ مفهوم ۽ مقصد واري باب جي مطالعي کان پوءِ، مذڪوره کوٽ، پڙهندڙن کي پاڻيهي نظر ايندي تاهم هت اشاري طور اُنهن جي فهرست ڏجي ٿي:

’آوازن جا ميل جوڙ‘ (junctures)، ’ادغام يا سَنڌي‘ (assimilation)، آوازن ۾ ڇانٽ/ ڇانٽي (elision)، ’صوتياتي تبديل‘ (phonetic changes)، ’جهيلار‘ (intonation)، ’پد جي ورهاست‘ (syllabic division)، ’آوازن جو ڪارج‘، ’گڏيل آواز‘ ۽ ’پد تي زور‘ وغيره. مذڪور مسئلن مان، ’آوازن ۾ ڇانٽ/ ڇانٽي‘، ’سَنڌيءَ‘، ’صوتياتي تبديل‘، ’جهيلار‘، ’آوازن جو ڪارج‘ جهڙن عنوانن جو واسطو وياڪرڻ سان وڌيڪ آهي. انهيءَ ڪري انهن موضوعن تي ڌار ڌار باب، منهنجي ڪتاب ’سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس‘ ۾ شامل ڪيا ويا آهن. اهو مواد پڙهندڙن جي ڪجهہ قدر پياس پوري ڪندو، پر هي ڪتاب تعليمي ماهرن، خاص طور انهن ماهرن جو ضرور ڌيان ڇڪائيندو جيڪي سنڌي وياڪرڻ جي اڀياس ۾ دلچسپي رکن ٿا.

آءٌ رب العزت جي حضور ۾ سر جهڪائي، سندس شڪرانا ادا ٿو ڪريان، جنهن جي ڪرم سان هي ڪتاب پڙهندڙن جي هٿن تائين پهتو آهي. آءٌ پنهنجي شفيق اُستاد ۽ رهبر، پروفيسر علي نواز خان جتوئيءَ جو ٿورائتو آهيان، جنهن هن ڪتاب ۾ صاف ڪيل ڪن مسئلن جي باري ۾ خيالن جي ڏي-وٺ ڪرڻ جي اجازت ڏني. ڪيترائي اهڙا حل ۽ نتيجا آهن جيڪي ساڻن ڪيل گفتگو دوران صاف ٿيا. آءٌ سندن انهيءَ ڪري بہ شڪرگذار آهيان جو پاڻ هن ڪتاب جو تعارف لکيو اٿن.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻين کھڙن کھڙن پيارن جا تورا مجيان. ڪتاب جي آخر ۾ ڏنل فني اصطلاحن جي ’لڙهي‘ گواهه آهي تہ اهو ڪم مون اڪيلي جو نہ آهي پر اُن ۾ گھڻن ئي سڄڻن ۽ ساٿين جو حصو آهي. اُنهن مان مرحوم گل نصرپوريءَ، ڪلاس ۾ بحث دوران ڪي فني اصطلاح ٻڌايا، سنڌ جي برک تعليمي ماهر، محترم رحيم بخش ميمڻ، سابق ڊائريڪٽر ايجوڪيشن سنڌ، بہ هن ڏس ۾ پنهنجو ڀال ڀلايو ۽ ڪن لفظن لاءِ موزون نعم البدل ٻڌايا. آءٌ پنهنجي نياٽيءَ، سلطانہ خواجہ جو بہ ٿورائتو آهيان جنهن هن ڪتاب جي مسودي جي نقل ڪرڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي.

اُميد تہ سنڌ جا اُستاد ۽ عام ماڻهو هن ڪتاب مان فائدو حاصل ڪندا.

سنڌي زبان جو فدائي

**خواجہ غلام علي الانا**

حيدرآباد (سنڌ)

5-6-1967ع

# ٻئي ڇاپي جو مهاڳ

1. علم اللسان، انسان ذات جي ٻولين جي اڀياس ۽ اُنهن جي ڇنڊ ڇاڻ جو علم آهي. هي اهو علم آهي، جيڪو ٻولين جي آوازن، آوازي سٽائن، آوازي ميلن ۽ ميڙن، صوتين، صرفين، فقرن، لفظن ۽ جملن جي سٽاء، ترتيب، يعني صوتي، صرفي، نحوي ساخت ۽ رچنا ۽ معنوي اصولن بابت ڄاڻ مهيا ڪري ٿو. مطلب ته ڪنهن به هڪ ٻوليءَ يا دنيا جي ڌار ڌار ٻولين جي صوتي، صرفي ۽ نحوي سرشتي ۽ نظام جي مطالعي کي 'علم اللسان' چئبو آهي. علم اللسان، ڪنهن به ٻوليءَ جي آوازن، اُنهن (آوازن) جي لسانياتي اصولن موجب مقرر تنظيم، ساخت ۽ سٽاء جي، اهلِ زبان توڙي ڌارين ماڻهن لاءِ هڪ تشريح آهي. علم اللسان، ڪنهن به ٻوليءَ جي صوتي، صرفي ۽ نحوي سٽاء جو هڪ علمي ۽ سائنسي بيان آهي. مطلب ته ڪنهن به هڪ ٻوليءَ يا دنيا جي ڌار ڌار ٻولين جي صوتي، صرفي ۽ نحوي سرشتي ۽ نظام جي مطالعي کي 'علم اللسان' چئبو آهي.

2. صوتيات، علم اللسان جي هڪ شاخ آهي، جنهن کي برطانيه جي هڪ مشهور ماهرِ لسانيات، 'فرٿ' (Firth) ، ڳالهائڻ جي آوازن جو علم، سڏيو آهي. هن علم (صوتيات) جي مدد سان، ڪنهن به ٻوليءَ جي هرهڪ آواز ۽ اُنهن آوازن جي مخرجن يعني 'نقط ادا' (points of articulation) جو جائزو وٺي سگهجي ٿو. صوتيات جي ذريعي خبر پوي ٿي ته انساني ٻولين جي آوازن جي اُچارڻ لاءِ ڪهڙا ڪهڙا عضوا ڪم ڪن ٿا ۽ اُنهن عضون جي عمل جو ڍنگ ڪهڙو هوندو آهي؟



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

3. صوتيات جو علم، 'صوت' (sound) ۽ 'صوتيہ' (phoneme)، 'صرف' (morph) ۽ 'صرفيہ' (morpheme) جي بيان، ٻوليءَ اندر لفظن ۾ انهن جي تقسيم وغيره جي تشريح ڪري ٿو. ڪو بہ شخص، پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾، ڪيترو بہ ماهر ڇو نہ هجي، پر هي علم (صوتيات) اُن جي ڄاڻ ۽ مطالعي ۾ اُن جي مدد ڪري ٿو، ۽ اُن ۾ اضافو آڻي ٿو. مثال طور، لسانيات جي مطالعي ڪان اڳ، جيڪڏهن ڪنهن اهل زبان کان پڇجي تہ 'سندس' لفظ جي پهرئين آواز [س] ۽ پوئين آواز [س] ۾، لسانيات جي لحاظ کان ڪهڙو فرق آهي، تہ هوُ علم اللسان جي اصولن موجب، ان سوال جو صحيح جواب ڏيئي نہ سگهندو، يا جيڪڏهن اُن کان پڇجي تہ سنڌي صوتيات موجب [س] ۽ [پ] آوازن ۾ ڪهڙو فرق آهي، يا اِهي ٻئي آواز، آوازن جي ڪهڙن قسمن ۽ گروهن سان واسطو رکن ٿا، تہ هوُ انهن سوالن جا، علم اللسان جي اصولن موجب، صحيح جواب ڏيئي نہ سگهندو. علم اللسان جو اڀياس، انهن ۽ اهڙن ٻين سينئي سوالن جا صحيح جواب ڏيڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندوآهي.

4. علم اللسان جي اڀياس ڪان پوءِ، هڪ يا هڪ کان وڌيڪ ٻولين جي مائٽيءَ يا خانداني نسبت ۽ ميل جهول جي باري ۾ کوجنا ڪرڻ ۾ بہ مدد ملي ٿي، ۽ ڪنهن بہ ٻوليءَ جي بڻ بنياد، يا ڪنهن بہ ٻوليءَ جي ساڳئي خاندان جي، ٻن يا وڌيڪ شاخن جي وچ ۾ مٽي مائٽيءَ ۽ هڪ جهڙائيءَ جي باري ۾ ڪا صحيح راءِ ڏيئي سگهجي ٿي. هن علم جي مدد سان، ڪنهن بہ ٻوليءَ يا ڪن بہ ٻولين جي آوازن جي تاريخي ارتقا ۽ اُن ارتقا دوران، ڪنهن آواز/ آوازن جي اوسر جي تاريخ بيان ڪري سگهجي ٿي. علم اللسان جي اڀياس جي مدد سان، آوازن جي سٽاءَ ۽ ساخت ڪان سواءِ، آوازن جي هڪ خصوصيت يعني 'سَنڌي'

(assimilation) جي اصولن، قانونن، صوتي، صرفي ۽ معنوي تبديلين جا نشان ۽ اُهڃاڻ بہ سڃاڻي سگهجن ٿا، جيڪي ڪنهن بہ ٻوليءَ جي ماضيءَ جي تاريخ ۽ ارتقا جي مطالعي لاءِ نهايت ئي ضروري هوندا آهن.

5. علم اللسان (عام لسانيات) ۽ فلالاجيءَ (Philology) بہ جدا جدا شعبا آهن. انهن جي وچ ۾ جيڪو فرق آهي، تنهن کي اسان جي ماهرن اڃا سمجهيو ئي نہ آهي. اُهي ماهر، 'علم اللسان' (Linguistics) کي 'فلالاجي' (Philology) ئي سمجهن ٿا، پر دراصل علم اللسان جو دائرو، فلالاجيءَ جي ڀيٽ ۾ گهڻو وسيع آهي. فلالاجي، پراڻين لکيل ٻولين، انهن ٻولين جي لفظن توڙي جملن، انهن جي پراڻي تاريخ، يعني اُنهن جي ماضيءَ جي مطالعي، اُنهن جي باري ۾ کوجنا ۽ اُنهن جي ڇاڻ ڇنڊ جي سلسلي ۾ مدد ڪري ٿي. فلالاجي، دراصل، علم اللسان جو هڪ شعبو آهي، يعني 'تاريخي لسانيات' (Historical Linguistics) جي هڪ شاخ آهي، جيڪا روزمره واريءَ ٻوليءَ جي جديد (صوتي، صرفي، نحوي ۽ معنوي)، ڇنڊ ڇاڻ لاءِ 'بي پهچ' ۽ 'بيوس' هوندي آهي.

6. دراصل علم اللسان جا جديد اصول ۽ قاعدا ئي آهن، جن جي مدد سان، روز مره واريءَ ڪنهن بہ ٻوليءَ جي لغوي خزاني مان، 'ڌارين' (ٻاڦي وارين يا ڌارانهين) ٻولين مان اُڌارن ورتل لفظن کي ڌار ڪري سگهجي ٿو. ڪنهن بہ ٻوليءَ جي پنهنجن لفظن جي 'نجي ڌن' جي اِپياس ۽ ڇنڊ ڇاڻ جي خبر تڏهن پئجي سگهندي، جڏهن اُن مان 'ڌارين' يعني 'اُڌارن ورتل لفظن' کي ڌار ڪري، باقي بچيل 'ديسي' لفظن جو تجزيو ڪري سگهجي ٿو.

(الف) ڪن بہ ٻولين ۾، 'ڌارين لفظن جي مواد جو مطالعو'، هڪ ڌار موضوع آهي، ڇاڪاڻ تہ هرڪا سڌريل ٻولي، ڌارين لفظن يعني اُڌارن ورتل لفظن کي، پنهنجيءَ سٽاء موجب



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قيرائي، انهن کي پاڙ ۾ ’جذب ڪرڻ جي لائق‘ بنائي ڇڏيندي آهي.

(ب) علم اللسان جي جديد اصولن جي روشنيءَ ۾، ٻولين جي صوتيات ۽ وياڪرڻ (صرفي ۽ نحوي حصو) جو مطالعو دلچسپيءَ وارو هوندو آهي، پر هن قسم جي مطالعي ۾، وياڪرڻ جا پراڻا اصول توڙي فلالاجي قاصر رهجيو وڃن. هن قسم جي مطالعي ۾، علم اللسان جا فقط جديد اصول ۽ قانون ئي صحيح طرح سان مدد ڪري سگهن ٿا.

7. (الف) 2007ع ۾، ’سنڌي ٻوليءَ جي ماهيت‘ جي عنوان سان، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ، منهنجي ساٿيءَ، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي صاحب جو ڪتاب شايع ڪيو آهي، جنهن ۾ هن صاحب ڌار ڌار موضوعن تي ڇپيل، سنڌس پراڻن مقالن ۽ مضمونن جو هڪ چربو پيش ڪيو آهي. مون کي اهو ڪتاب پڙهي ڏاڍي حيراني ٿي ته ڊاڪٽر جوڻيجي صاحب، ’سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد‘ جي سلسلي ۾، صفحي 34 تي 1974ع ۾ ڇپيل منهنجيءَ پراڻي راءِ کي، سواءِ ڪنهن تبديليءَ جي، پنهنجي هن ڪتاب ۾ دُهرايو آهي، جيتوڻيڪ هن موضوع تي، 1974ع کان پوءِ، منهنجا ڇهه ڪتاب ۽ ڪن ٻين ڪتابن جا مهاڳ پڻ شايع ٿيا آهن، جن ۾ مون وڌيڪ تحقيق ڪان پوءِ، ’سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد‘ جي باري ۾ پنهنجي نئين راءِ واضح طور ڏني آهي. منهنجا اهي ڇپيل ڪتاب ۽ مهاڳ هيٺ موجب آهن:

(1) سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس- هي ڪتاب انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ طرفان پهريون ڀيرو 1987ع ۾ شايع ٿيو هو. هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو 2005ع ۾ شايع ٿيو آهي.

(2) An Introduction to Sindhi Literature- هي ڪتاب، سنڌي ادبي بورڊ طرفان 1991ع ۾ شايع ڪيو ويو هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(3) Papers on Sindhi Language and Linguistics-
هي ڪتاب، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ طرفان 1998ع ۾ شايع ڪيو ويو.

(4) Origin and Growth of Sindhi Language- هي ڪتاب، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ طرفان 2002ع ۾ شايع ڪيو ويو هو.

(5) سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد- هن ڪتاب جو ٻيون ڇاپو، سنڌيڪا اڪيڊميءَ طرفان سال 2004ع ۾ شايع ڪيو ويو.

(6) سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا- هي ڪتاب سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ، پنج سال ڪولڊ اسٽور ۾ رکڻ کان پوءِ ڪڍي، سال 2006ع ۾ شايع ڪيو.

(7) برصغير جي ٻولين جو لسانياتي جائزو-
هي ڪتاب جڳ مشهور ماهر، سر گريئرسن جي ڪتاب Lingustic Survey of India, Vol. Viii Part-I جو ترجمو آهي. اهو ترجمو محترمه ڊاڪٽر فهميده حسين ڪيو هو. هي ڪتاب سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ سال 2000ع ۾ شايع ڪيو. هن ڪتاب جو مهاڳ منهنجو لکيل آهي جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي باري ۾ منهنجي نئين راءِ واضح طور ڏنل آهي.

(ب) ڊاڪٽر جوٽيجي صاحب، منهنجن انهن ڪتابن ۾ 'سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد' جي باري ۾ ڏنل منهنجي راءِ، يقيناً پڙهي هوندي. انهيءَ هوندي به (الاجي ڪهڙي سبب جي ڪري، جنهن جي ڊاڪٽر جوٽيجي صاحب کي ئي خبر هوندي)، 2007ع ۾ پنهنجي ڇپيل ڪتاب، 'سنڌي ٻوليءَ جي ماهيت' ۾ صفحي 34 تي منهنجي 1974ع ۾ ڇپيل راءِ کي ڏهرائڻ ۽ نئين راءِ کي نظرانداز ڪرڻ جو ڊاڪٽر جوٽيجي جو مقصد ڇا آهي؟ اهو ڊاڪٽر


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوڻيجو صاحب ئي ٻڌائي سگهي ٿو.

(ت) 1992ع ۾، ’سنڌي ٻوليءَ جو محاورو‘ جي عنوان سان، ڊاڪٽر جوڻيجي صاحب جو هڪ مقالو، مهراڻ رسالي جي 1992/3ع واري نمبر ۾، صفحي 134 کان صفحي 143 تائين شايع ٿيو هو. ڊاڪٽر جوڻيجي صاحب جي انهيءَ مقالي جي جواب ۾ منهنجو مقالو، مهراڻ رسالي جي 1992/4ع واري نمبر ۾ شايع ٿيو هو. منهنجي جوابي مقالي جو عنوان هو: ’سنڌي ٻوليءَ جو محاورو مقالي ۾ پيدا ڪيل غلط فهمين متعلق ڪي حقيقتون‘. مون پنهنجي جوابي مقالي ۾، صاف لفظن ۾ عرض ڪيو هو ته:

”مون هِن وضاحتي مقالي لکڻ جي ضرورت اُن ڪري محسوس ڪئي جو، جوڻيجي صاحب، ’سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد‘ جي سلسلي ۾، جيڪا منهنجي راءِ ڏني آهي تنهن کي آءٌ 1974ع ۾ بدلائي چڪو آهيان. منهنجي اها راءِ، جيئن ڊاڪٽر صاحب طرفان ڏنل حوالي مان ظاهر آهي ته، 1967ع ۾، ٿماهي مهراڻ رسالي جي نمبر 1967/2ع ۾ صفحي 86 تي ڇپيل آهي. هاڻ سوال هي ٿو پيدا ٿئي ته 1967ع ۾ ڏنل اها راءِ، جيڪا 1974ع ۾ بدلائي وئي هئي، تنهن کي 2007ع ۾ بنياد بنائڻ يا جواز طور پيش ڪرڻ ۾، ڊاڪٽر جوڻيجي صاحب جي ڪهڙي مصلحت آهي؟ اڳتي هلي پنهنجي ساڳئي مقالي ۾ مون اهو به عرض ڪيو هو ته: ”آءٌ فقط ايترو عرض ڪندس ته ’سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد‘ جي سلسلي ۾، گهٽ ۾ گهٽ منهنجي راءِ جي باري ۾، مڪمل مطالعو ڪيو وڃي ها ۽ علم اللسان جي اڀياس جي سلسلي ۾ فقط ترجمن ۽ اُڌارن خيالن تي آڌار نه رکي ها.“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ث) ساڳيءَ طرح، ڊاڪٽر جوٽيجي صاحب، منهنجي نئين تحقيق موجب، سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي سلسلي ۾ منهنجيءَ نئين راءِ (2002ع کان 2006ع تائين ڇپيل) کي پڙهڻ بدران، 2007ع ۾ پنهنجي ڪتاب، 'سنڌي ٻوليءَ جي ماهيت' ۾، 1974ع ۾ ڇپيل منهنجي راءِ کي ڏهرايو آهي. منهنجي راءِ، جيڪا آءٌ 1987ع ۾ بدلائي چڪو هوس ڊاڪٽر جوٽيجي، 'سنڌي ٻوليءَ جي ماهيت' ڪتاب ۾، صفحي 34 تي ڏهرايو آهي، جنهن کي مون 1987ع ۾ بدلايو هو، سا هيٺ هوبهو نقل ڪري ڏجي ٿي: ڊاڪٽر جوٽيجو منهنجو پراڻو ساٿي رهيو آهي. مون کي سندس لاءِ هميشه احترام رهيو آهي پر نه ڄاڻي ڪهڙي سبب جي ڪري هر دفعي هو، 'سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد' جي سلسلي ۾ منهنجي صحيح راءِ ڏيڻ کان چو تنائيندو رهيو آهي. 2007ع ۾ ڇپيل سندس ڪتاب ۾، ڊاڪٽر جوٽيجي صاحب منهنجي جيڪا راءِ ڏني آهي اُها ڪافي پراڻي آهي. هن اها راءِ، منهنجي 1974ع ۾ ڇپيل منهنجي ڪتاب، 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد' تان ڪنئي آهي، جڏهن ته اُنهيءَ ڪتاب جو ٻيو، نئون ۽ سڌاريل ڇاپو، 2004ع ۾ شايع ٿي چڪو آهي. ڊاڪٽر جوٽيجي صاحب، 1974ع ۾ ڇپيل منهنجو رايو، جيڪو هن 2007ع ۾ پنهنجي ڇپيل ڪتاب ۾ ڏهرايو آهي، تنهن جو آءٌ هوُبهو نقل هيٺ پيش ڪريان ٿو:

> "سنڌ ۾ سنڌي زبان جي بڻ بنياد بابت ڊاڪٽر غلام علي الانا جو نظريو آهي. هن خاص طور ڊاڪٽر رابرٽ ڪالڊويل جي گرامر جي آڌار تي سنڌيءَ کي غير آريائي زبان قرار ڏنو ۽ انهيءَ آڌار تي ڪالڊويل جي ڪتاب وارا دليل ڏنائين. سندس تحقيق موجب



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌيءَ جو شجرو هن ريت بيٺو:

تواني ٻولي

موهن جي دڙي واري ٻولي

دراوڙي ٻولي — بروهڪي ٻولي — سئنڌو

سئنڌو

قديم سنڌي

وچئين دور واري سنڌي

هاڻوڪي سنڌي

(ج) ڊاڪٽر جوٽيجي صاحب نهايت ئي غيرذميدارانہ راءِ ڪان ڪم ورتندي اهو لکيو آهي تہ ”منهنجو اهو رايو ڊاڪٽر رابرٽ ڪالڊويل جي گرامر تي آڌاريل آهي“، جڏهن تہ منهنجي ڪتاب ’سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد‘ جي 1974ع ۾ ڇپيل، پهرئين ڇاپي ۾، صفحي 117 کان صفحي 121 تي ڏنل ببليوگرافيءَ ۾ 17 سنڌي ڪتابن، ۽ صفحي 121 کان صفحي 124 تائين ڪُل ملائي 46 انگريزي ڪتابن جا حوالا ڏنا ويا آهن. جيڪڏهن انهن ڪتابن جي فهرست دُهرائبي تہ مهاڳ جو مواد وڌي ويندو. انهيءَ ڪري آءٌ اهو وري چوندس تہ جوٽيجي صاحب جي اها راءِ بلڪل غيرذميدارانہ ۽ شخصي نفرت جي بنياد تي ٻڌل آهي، ۽ ائين لکڻ بلڪل غلط آهي تہ مون صرف هڪ ڪتاب جي آڌار تي پنهنجو اهو رايو ڏنو آهي.

(i) مون کي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي پبليڪيشن شعبي تي بہ حيراني ٿي ٿئي، جنهن جي ذميوار آفيسر، بنا پڙهڻ جي، ڊاڪٽر جوٽيجي صاحب جيڪي ڪجهہ فرمائي ڇڏيو سو سؤ في صد صحيح سمجهي، جيئن جو تيئن پنهنجيءَ راءِ بنا،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي جو لکيل مواد ڇپائي ڇڏيو، جڏهن تہ ساڳئي اداري، سال 2006ع ۾، منهنجو ڪتاب ’سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا‘ بہ شايع ڪيو آهي، جنهن ۾ بہ ’سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد‘ جي باري ۾ منهنجو رايو واضح طور ڏنل آهي. منهنجي ان ڪتاب جو مهاڳ سنڌ جي هڪ وڏي ماهر ۽ علم اللسان جي ڄاڻوءَ، محترم سراج الحق ميمڻ لکيو آهي. هاڻي جڏهن تہ ساڳئي اداري طرفان ڇپايل ٻن ڪتابن ۾، ’سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد‘ جي باري ۾ ڌار ڌار رايا ڏنل آهن تہ پوءِ اداري کي، پبلشر جي نوٽ ۾ اهڙو اشارو ڏيڻ کپندو هو تہ جيئن پڙهندڙن کي صحيح معلومات ملي سگهي.

(ii) منهنجي ساڳئي ڪتاب، يعني ’سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد‘ جي 2004ع ۾ ڇپيل ٻئي ڇاپي ۾، 215 ۽ 216 صفحن تي، سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي باري ۾، ڪافي بحث مباحثي کان پوءِ مون پنهنجيءَ پراڻي راءِ ۾ تبديلي آڻي، سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي باري ۾ جيڪو رايو ڏنو هو، سو هيٺ نقل ڪري ڏيان ٿو:

”لهٰذا هن چوڻ ۾ وڏاءُ ڪونہ ٿيندو تہ سنڌي ٻولي، آريائي زبانن کان تمام اڳاٽي، موهن جي دڙي واريءَ تهذيب يعني سنڌو- تهذيب جي سئنڌَوَ/ سئنڌئي ٻولي آهي، جيڪا موجوده دراوڙي گروهہ جي ٻولين، سنڌي ۽ لهندي خاندان وارين ٻولين جو اصلي بڻ بنياد آهي، جيئن روسي، اميريڪي ۽ فنس (Finis) عالمن جو رايو آهي. سئنڌَوَ/ سئنڌُئي ٻوليءَ تي آرين جي اچڻ کان پوءِ، آريائي ٻولين، راجستاني ٻولين، گجراتيءَ، ڪانياواڙيءَ، ڪشميريءَ ۽ داردي ٻولين توڙي پراڪرت، پالي ۽ سنسڪرت ٻوليءَ جو بہ اثر ٿيو آهي. انهن اثرن جي باوجود ۽ هزارين سالن جي عرصي جي گذري وڃڻ کان پوءِ بہ، سنڌي ٻولي پنهنجي پراڻي ۽



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اصلوڪي غير- آريائي صوتياتي، صرفي ۽ نحوي سٿاء
۾، سواءِ ڪنهن معمولي تبديليءَ جي، ڪابہ بنيادي
تبديلي ڪانہ آندي آهي. البت پراڪرتي ٻولين جي لفظن
۽ ڌاتن جو وڏو ذخيرو، سنڌي زبان ۾ داخل ٿي ويو
آهي، ۽ انهن ڪي موجوده ٻوليءَ ۾ سڃاڻڻ بہ مشڪل
ٿي پيو آهي. ڪيترائي پراڻا مقامي/ ديسي لفظ ۽
ڌاتو، متروڪ ٿي ويا آهن ۽ انهن جي جاءِ، نون
پراڪرتي ٻولين جي لفظن ۽ ڌاتن والاري آهي، پر
انهن اُڌارن (تَتَسَمَ ۽ تَديَوَ) لفظن ۽ ڌاتن جي ڪري،
ٻوليءَ جي ڍانچي يا سٿاء ۾ ڪو بہ فرق يا ڦيرو
ڪونہ آيو آهي، جيئن هن ڪتاب جي پڙهڻ سان، اڳتي
هلي، معلوم ٿيندو" (ص ص 215 ۽ 216)

(iii) ساڳيءَ طرح منهنجي ٻئي ڪتاب، 'سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا' جيڪو سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ طرفان، سال 2006ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي، اُن جي صفحي 36 تي، سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي باري ۾ مون جيڪي ڪجھہ عرض ڪيو آهي، سو هوبهو هيٺ پيش ڪريان ٿو:

"دراصل جواب طلب نقطو هي آهي تہ ڇا اهو
صحيح آهي تہ سنڌي ٻولي، سنسڪرت مان، پراڪرت،
پاليءَ، شؤرسينيءَ ۽ وراچڊ اپڀرنش جي ذريعي، ٻارهين
صدي عيسويءَ ڌاري، ڌار ٿي، هاڻوڪي صورت ورتي
هئي؟ هن سوال جا بہ حصا آهن. پهريون حصو هي آهي تہ
ڇا سنڌي زبان، سنسڪرت جي شاخ آهي، ۽ وراچڊ
اپڀرنش مان ڦٽي نڪتي آهي؟ هن سوال جو ٻيو حصو هي
آهي تہ ڇا، سنڌي ٻولي، ٻارهين صدي عيسويءَ ڌاري،
وراچڊ اپڀرنش کان ڌار ٿي، هاڻوڪي صورت ورتي هئي؟
انهن ٻنهي سوالن جا جواب، جيتوڻيڪ، 'سنڌي ٻوليءَ
جو بڻ بنياد' ۽ 'Orgin and Growth of Sindhi



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Language' ڪتابن ۾ ڏنا ويا آهن، ۽ انهن ڪتابن ۾ اهو پڻ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ سنڌي زبان ڪن صوتي ۽ صوتياتي تبديلين کان سواءِ، اُهائي ساڳي زبان آهي جيڪا موهن جي دڙي واريءَ تهذيب جي جاهہ و جلال وقت بہ، هن علائقي ۽ هن ماتر ۾ رائج هئي، ۽ جيڪا زماني جي تبديلين سان گڏوگڏ، ڌار ڌار حملہ آورن ۽ فاتحن جي ٻولين کان اثر وٺندي، پنهنجي لغوي خزاني ۾ واڌارو آڻيندي ۽ پنهنجي قديم صوتياتي، صرفي ۽ نحوي سٽاء ۽ ساخت کي قائم رکندي آئي آهي؛ پر جيستائين موهن جي دڙي واري لکت پڙهي نہ وئي آهي، تيستائين اهو چئي نٿو سگهجي تہ سنڌو- ماتر جي اُن قديم ٻوليءَ جو سٽاءُ ڪهڙو هو، يا اُن ٻوليءَ جو نمونو ڪهڙو هو؟" (ص 36)

(iv) ساڳيءَ طرح 'سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا' ڪتاب ۾ صفحي 37 تي مون هن طرح بہ ڄاڻايو آهي:

"اهڙيءَ طرح موهن جي دڙي، مهر ڳڙهہ، ڪوٽ ڏجيءَ ۽ آمريءَ جي دڙن جي کنڊرن مان جن جن جانورن، پکين، وڻن ٽڻن، گلن ٻوٽن، ٿانون ۽ زيورن وغيره جا نمونا هٿ آيا آهن، انهيءَ ساڳئي ئي نموني جي ٿانون، زيورن ۽ ٻين شين تي اهڙائي چٽ، نقش، شڪليون ۽ صورتون اڄ بہ ڪيون وينديون آهن، جيڪي سنڌو- تهذيب جي هنرن ۽ فنن تي عام طور اڄ بہ نظر اينديون آهن؛ پر موهن جي دڙي واريءَ تهذيب جي قديم زماني ۽ معاشري ۾، اُنهن شين جا نالا ڪهڙا هئا، يا اُنهن کي ڪهڙن ڪهڙن نالن سان ڪوٺيو ۽ سڃاتو ويندو هو، تنهن جي باري ۾ اڃا تائين ڪوبہ پڪو ثبوت ڪونہ مليو آهي، جيتوڻيڪ ڊاڪٽر آسڪو پارپولا، سيمو پارپولا، ڊاڪٽر فيئر سروس ۽ ٻين



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسڪئنڊينيويئن، آمريڪي، روسي ۽ ڀارتي عالمن، ڪن شڪلين ۽ صورتن جون پڙهٽيون ڏنيون به آهن، ۽ انهن شڪلين ۽ صورتن جا ڪي مُلهه به مقرر ڪيا اٿن. جيڪڏهن اُنهن ماهرن جون اُهي پڙهٽيون ۽ سندن طرفان مقرر ڪيل مُلهه، صحيح مڃجن ته پوءِ هيئن چئبو ته موهن جي دڙي ۽ هڙاپا واريءَ سنڌو - تهذيب (سئنڌُوئي تهذيب) واري معاشري ۾، ٻولي به ساڳي يعني سئنڌُوئي (اڳتي هلي سنڌي) هئي، جنهن جي لغوي خزاني يا لفظن جي ذخيري ڪي، آرين جي اچڻ ۽ سنڌو- ماٿر تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ، پراڪرت جي وياڪرٽين، 'ديسي لفظ'، يعني آرين جي اچڻ کان اڳ واري سنڌو- تهذيب ۾ مستعمل ۽ رائج مقامي ٻوليءَ جا لفظ يا اُن جي 'باقيات' سڏيو آهي. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو ته اِهي، اُهي لفظ آهن جيڪي سنڌو- ماٿر جي اصلوڪي ۽ قديم زبان جي باقيات آهن، ۽ اِهي، اُن قديم زبان سان ئي واسطو رکن ٿا. اهي لفظ (ديسي لفظ)، اُن زبان جا اُهڃاڻ ۽ باقيات آهن، جيڪي هزارين سالن جي گذري وڃڻ جي باوجود، هتي جي ماڻهن، پنهنجي روزمره واريءَ ٻوليءَ ۾ جاري رکيا آهن.

ڪاڪو ڀيرومل، انهن ديسي لفظن جي باري ۾ لکي ٿو ته:

"ديشي يا ديسج (ديس = ڏيهه + ج = جن = ڄڻڻ) معنيٰ ديس ۾ ڄاول يا پيدا ٿيل. ديشي (ديسي يا ڏيهي) لفظ اُهي آهن، جي آرين جي اچڻ کان اڳ ئي، ديس (هندستان) ۾ چالو هئا، پر بنياد سنسڪرت مان نه اٿن. اُهي ڪولن، پوءِ سنٿالن، دراوڙن ۽ ٻين اصلوڪن رهاڪن جي ٻولين مان اُڌارا ورتل ليکجن ٿا" (ص37).

(ح) هاڻ پڙهندڙ پاڻ فيصلو ڪن ته ڊاڪٽر جوٽيجي صاحب ڪهڙي سبب جي ڪري، منهنجي 1974ع واريءَ راءِ کي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري وري پئي دُهرايو آهي، جنهن کي آءُ پهرين 1987ع ۾ بدلائي چڪو آهيان. منهنجو اهو بدلايل رايو 1987ع ۾ شايع ٿيل منهنجي ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس، ۽ پوءِ 1991ع ۾، سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيل ڪتاب، 'An Introduction to Sindhi Literature' ۾، ۽ پوءِ اهو ساڳيو رايو مٿي ڄاڻايل ٻين ڪتابن ۾ به ڏنو هو. اهو ساڳيو رايو ٽماهي مهراڻ رسالي 1992/2ع واري نمبر ۾، 98 ۽ 100 صفحي تي به ڏنو هئم، جيڪو ڊاڪٽر جوڻيجي يقيناً پڙهيو هوندو، پر اهي رايا پڙهڻ جي باوجود، پاڻ کي وڏو محقق ۽ سنڌي لسانيات جو ماهر ثابت ڪرڻ لاءِ، منهنجي پراڻي راءِ کي وري وري پئي دُهرايو اٿس ته جيئن هُو منهنجيءَ راءِ کي رد ڪرڻ لاءِ ڪو سبب ڏيئي سگهي.

(خ) ڊاڪٽر جوڻيجو صاحب موجوده وقت، هائر ايجوڪيشن ڪميشن جو، سنڌيونيورسٽيءَ ۾ مقرر ڪيل پروفيسر آهي، ۽ هُو يقيناً ايم. فل ۽ پي.ايڇ ڊي جي شاگردن جو تحقيقي رهنما پڻ هوندو.

(i) ته ڇا، پروفيسر ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب، پنهنجن شاگردن کي، سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي سلسلي ۾، اجا تائين منهنجي 1974ع وارو نظريو پڙهائيندو هوندو؟ ڇا اُن سلسلي ۾، هن صاحب 1987ع کان وٺي 2008ع تائين منهنجا ڇپيل مقالا ۽ ڪتاب ڪونه پڙهيا آهن؟ ڇا ڊاڪٽر صاحب کي، ڊاڪٽر ٽرمپ وارو بدليل رايو، سرگريئرسن جي جڳ مشهور ڪتاب Linguistic Survey of India جي پهرئين واليوم جي پارٽ پهرئين (ڇپايل 1927ع) ۾، سنسڪرت جي بڻ بنياد جي باري ۾ ڏنل رايو اجا تائين نظر ڪونه آيو آهي؟

(ii) ڇا ڊاڪٽر جوڻيجي صاحب کي، ڊاڪٽر سُنتي ڪمار چٽرجيءَ طرفان لکيل سندس ڪتاب: Indo-Aryan and Hindi



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ سنسڪرت ٻوليءَ جي بڻ بنياد ۽ پراڪرت ٻولين جي باري ۾ ڊاڪٽر چٽرجيءَ جي ڏنل ڄاڻايل، راءِ ڇو نظر نہ آئي آهي؟ ڇا ڊاڪٽر جوٽيجي منهنجن ڪتابن ۾ سنڌيءَ ۽ دراوڙي ٻولين جي وچ ۾ صوتي، صرفي، نحوي بناوتن ۽ خاص ڪري ضميري پڇاڙين جي حوالي سان ڏنل مثال غور سان پڙهيا نہ آهن؟ اهڙيءَ طرح انهن ڪتابن ۾، سنسڪرت ۽ سنڌي ٻوليءَ جي وچ ۾ صوتي، صرفي ۽ نحوي هڪجهڙائي نہ هجڻ لاءِ منهنجا ڏنل دليل، ڊاڪٽر جوٽيجي صاحب کي ڇو نٿا آئڙن؟

ڪن بہ ٻولين جي تقابلي مطالعي لاءِ، انهن ٻولين جو لفظي خزانو نہ، پر ٻولين جي صوتياتي، صرفي ۽ نحوي ساخت جي هڪجهڙائيءَ جو مطالعو ڪرڻ ضروري هوندو آهي.

8. حيرانيءَ جي ڳالهہ هيءَ بہ آهي تہ ڊاڪٽر موصوف کي، منهنجي ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد' جي 1974ع ۾ ڇپيل، پهرئين ڇاپي ۾، سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد لاءِ ڏنل چارٽ تہ نظر اچي ويو، پر ساڳئي ڪتاب جي 2004ع ۾ سڌاريل ۽ وڌايل ٻئي ڇاپي ۾، صفحي 301 تي، منهنجو نئون ۽ منهنجي نئين نظرئي لاءِ ڏنل دليل وارو چارٽ ڪيس ڇو نظر ڪونہ آيو؟

9. فقط اها دعويٰ ڪرڻ تہ مون (ڊاڪٽر الانا) کي سنسڪرت ٻولي نٿي اچي، انهيءَ ڪري هن موضوع تي مون کي ڪنهن بہ راءِ ڏيڻ جو ڪوبہ حق نہ آهي، تہ پوءِ ڊاڪٽر جوٽيجو، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سراج الحق ميمڻ، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ، ڊاڪٽر پرسي گدوانيءَ، پرم ابيچنداڻي، پروفيسر پوپٽي هيرانندانيءَ ۽ بزرگ شري جيرامداس دولترام لاءِ ڪهڙي فتويٰ ڏيندو، جن کي بہ سنسڪرت ڪانہ ايندي آهي/هئي.

10. ڊاڪٽر جوٽيجو صاحب مهرباني ڪري ڊاڪٽر ٽرمپ جي 'سنڌي گرامر' جو مقدمو پڙهي. ڊاڪٽر ٽرمپ اهو بزرگ هو، جنهن سڀ کان پهرين اها دعويٰ ڪئي تہ "سنڌي ٻولي سنسڪرت



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان، اپيرنش جي وسيلي نڪتي آهي“. پنهنجي انهيءَ ساڳئي ڪتاب جي مقدمي ۾، صفحي 11 تي ڊاڪٽر ٽرمپ، سنڌي ٻوليءَ ۾ ’ديشيہ لفظن‘ جو وڏو ذخيرو ڏسي، اها راءِ ڏني تہ: ”سنڌي ٻولي هڪ خودمختيار ٻولي آهي، جنهن جو واسطو تاتار خاندان جي ڪنهن ٻوليءَ سان ٿي سگهي ٿو.“

ڊاڪٽر ٽرمپ تہ سنسڪرت ڄاڻندو هو. پوءِ بہ هن پنهنجيءَ پهرينءَ راءِ، جنهن موجب چيو تہ: ”سنڌي ٻولي سنسڪرت مان نڪتي آهي ۽ وراچڊ اپيرش جي شاخ آهي“، پوءِ هن پنهنجيءَ راءِ کي ڇو بدلايو، ۽ سنڌي ٻوليءَ کي غير-آريائي ٻولي ڇو سڏيو آهي؟

11. ماهر ڄاڻن ٿا تہ ڪنهن بہ تحقيق ۾، نئين سوچ ۽ تبديليءَ ڪان پوءِ محقق، پنهنجي راءِ تبديل ڪندا رهندا آهن. اهو ڪوعيب ڪونهي، پر جيڪڏهن محقق، پنهنجي راءِ ڪنهن غلط طريقي ۽ پنهنجي من پسند فيصلي موجب، پڙهندڙن تي مسلط ڪرڻ چاهيندو هجي تہ پوءِ ضروري نہ آهي تہ سندس اها راءِ قبول ڪجي. ڊاڪٽر جوٽيجي صاحب کي اها هام هڻڻ نہ گهرجي تہ هن هاڻ سنسڪرت ٻولي سکي ورتي آهي ۽ هاڻ هُو سنسڪرت ٻوليءَ جو ماهر بڻجي ويو آهي. گهر ويٺي سنسڪرت، گريڪ يا لئٽن جهڙيون ڪلاسيڪل ٻولين جي سکي وڃڻ جي هام هڻندڙ، پاڻ کي تہ خوش فهميءَ ۾ رکي سگهن ٿا، پر علم اللسان جي شاگردن کي مڃائي نٿا سگهن.

هن مهاڳ ۾ ’سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد‘ ڪتاب جو ٻيو ڇاپو، جيڪو سنڌيڪا اڪيڊميءَ 2004ع ۾ شايع ڪيو آهي، اُن جي صفحي 310 جي حوالي سان پنهنجو بدلايل رايو هيٺ ٻيهر پيش ڪريان ٿو تہ جيئن اهو واضح ٿئي تہ مون 1974ع ۾ ڏنل راءِ ۾ اڳتي هلي وڏي تبديلي ڪئي آهي. منهنجي هن بدلايل راءِ لاءِ مون اهو واضح لفظن ۾ لکيو آهي تہ ”سنڌي، سنڌو ماٿر جي هڪ قديم ٻولي آهي، جنهن جون پاڙون سنڌو-ماٿر واريءَ تهذيب ۾ ڪتل آهن. اُها ٻولي سنسڪرت ٻوليءَ کان هزارين سال اڳاتي ۽ غير-آريائي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻولي آهي، ۽ جيڪا ويدن واريءَ ٻوليءَ کان به گهٽي آڳاٽي آهي.“

12. (الف) ڊاڪٽر جوٽيجي صاحب، پنهنجي ڪتاب، ’سنڌي ٻوليءَ جي ماهيت‘ ۾ صفحي 34 ۽ 35 تي، هڪ ٻئي نقطي طرف به پڙهندڙن جو ڌيان ڇڪايو آهي. ڊاڪٽر جوٽيجو صاحب لکي ٿو ته:

”ماهرن جي هنن ڇئن اصل نسل وارن نظرين مان ڪنهن کي به رد ڪرڻ جي حيثيت ۾ نه آهيان. منهنجا ڪي دليل هن ريت آهن ته ماهرن ڪي متعلقه ٻوليون مڪمل طور اڇڻ ڪپن. **هتي سڄو ممڻ سنسڪرت جي سر تي متل آهي ته پيٽ لاءِ سنسڪرت اڇڻ ڪپي.** ڪتابن مان لفظ، عدد ۽ جملا نقل ڪري ڏيڻ سان ڳالهه اڌوري رهندي؛ جي قبول آهي ته به سنسڪرت، جي رد آهي ته به سنسڪرت! جي ماءُ آهي ته به سنسڪرت، جي ڌيءَ آهي ته به سنسڪرت ، ۽ وري ڀيڻ به ويچاري سنسڪرت!“

(ب) ڊاڪٽر جوٽيجو اڳتي لکي ٿو ته ”آءٌ سنسڪرت کي اکيون بند ڪري، ٻولين جي ماءُ سڏڻ نٿو گهران، پر قبول ڪرڻ/نه ڪرڻ لاءِ، اهڙن دليلن جي گذارش ڪريان ٿو ته **هر صورت ۾ سنسڪرت هڪ مئل زبان ٿي سهي، ڪا ڳالهه وثوق سان چئي سگهبي. سنسڪرت ليپيءَ سميت سکڻ کان پوءِ پنهنجا ڪجهه تاثرات مثالن جي صورت ۾ ڏيئي، آءٌ هن باب جي پڇاڙيءَ تي اچان ٿو:**

(ت) ٻولين ۾ اسمن (Nouns) جي ڏي وٺ گهٽي کان گهٽي ٿئي ٿي. اثر ۽ رابطي (Language in contact) جي ڪري، اهڙا اثر وٺندڙ انگريزي لفظ آهن: ٽيبل، گلاس، مئجسٽريٽ، جج، ائڊووڪيٽ، اپيل، سمريءَ سميت اسم وٺي چڪا آهيون. اها ڳالهه فطري آهي. سنسڪرت ۽ اُن جي عروج وارا به ڪي اسم، سنڌيءَ ۾ آهن“ (ص ص 34 ۽ 35)

”سنسڪرت يا دراوڙي زبانن جي ڄاڻ کان سواءِ، سنڌيءَ يا ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي باري ۾ ڪابه راءِ ڏيڻ جو، اُن ماڻهوءَ کي حق نٿو پهچي جيڪو اِهي ٻوليون نٿو ڄاڻي.“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

13. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي صاحب جي انهيءَ ساڳئي اعتراض (مهراڻ رسالي ۾ ڇپيل انٽرويو ۾) جو جواب مون، سماهي مهراڻ 1992/4ع واري نمبر ۾ ڇپيل، منهنجي راءِ ۾، ڏنو هو، جيڪو ڊاڪٽر جوٽيجي صاحب ضرور پڙهيو هوندو. اهو ساڳيو اعتراض، جوٽيجي صاحب سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان 2007ع ۾ ڪوٺايل، 'شيخ اياز ادبي ڪانفرنس' ۾، پنهنجي مقالي ۾ به ڪيو هو. مون اُتي به جوٽيجي صاحب جي اعتراض جي جواب ۾ عرض ڪيو هو ته "اهو ضروري نه آهي ته ڪن به ٻن يا وڌيڪ ٻولين جي تقابلي مطالعي لاءِ سنسڪرت وغيره ٻولين جي ڄاڻ هئڻ ضروري آهي. اهڙيءَ پيٽ ڪنڌڙ ماهر کي Philologist چئبو آهي. جديد لسانيات جي اصولن موجب، ٻولين جي تقابلي اڀياس لاءِ، ٻولين جي لسانياتي اصولن ۽ قاعدن جي ڄاڻ لاءِ يعني عام لسانيات (General Linguistic) جي ڄاڻ هئڻ ضروري هوندي آهي ۽ نه ڪ ڪن ٻولين جي لفظن ڄاڻ. عام لسانيات (General Linguistics) ۽ 'فلالاجي' (Philology) به اهڙا فني لفظ آهن جن جي معنيٰ، مفهوم ۽ ڪارج ۾ وڏو فرق آهي. اڳ ۾ چيو ويو آهي ته philologist ٻولين جو ڄاڻو هوندو آهي پر جديد لسانيات جي اصولن موجب، ٻولين جا 'عام لسانياتي اصول'، جن ۾ صوتيات، صوتياتي ساخت ۽ رچنا، صوتياتي نظام، اُنهن ٻولين (جن جي پيٽ ڪئي ويندي آهي) جي صرف ۽ نحو وغيره جي ساخت جي جديد لسانياتي اصولن موجب ڄاڻ ۽ اُنهن جي ڄاڻ لاءِ تربيت، پيٽ ڪندڙ لاءِ ضروري هوندي آهي، ۽ ڪنهن به پيٽ ڪندڙ کي انهن اصولن کان واقف هجڻ اُن لاءِ لازمي هوندو آهي. اهو ضروري نه آهي، ته سنڌي ۽ سنسڪرت، سنسڪرت ۽ لهندا، يا سنسڪرت ۽ سرائڪي ٻولين جي تقابلي مطالعي لاءِ، جديد لسانيات جي ڪنهن به تربيت يافته ماڻهوءَ کي، سنسڪرت ٻوليءَ جي ڄاڻ هجي. جن به ماهرن، سنسڪرت ٻوليءَ جو، جديد عام لسانيات جي اصولن موجب، جائزو ورتو آهي،

ان جائزي جي مدد سان، ’سنڌي لسانيات‘ جو ڪو بہ تربيت يافتہ ڄاڻو، سنسڪرت ۽ سنڌيءَ جو تقابلي مطالعو، ’تقابلي لسانيات‘ (Comparative Linguistics) جي مقرر ڪيل اصولن موجب ڪري سگھي ٿو، جنهن لاءِ ڪنهن بہ philologist کي اعتراض هجڻ نہ گھرجي. اهو عام ۽ طي ٿيل اصول آهي. مون S.O.A.S جي ماهر پروفيسرن وٽ اهي اصول پڙهيا آهن ۽ سکيا آهن.

14(الف) آءٌ اهو قبول ٿو ڪريان تہ آءٌ سنسڪرت ۽ دراوڙي ٻولين جو philologist نہ آهيان، پر ڀارت جي هڪ مشهور سنڌي ودوان ۽ پوني يونيورسٽيءَ جي لسانيات واري انسٽيٽيوٽ جي هڪ مشهور ماهر ۽ لسانيات جي پروفيسر، ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ، 1974ع ۾ ڇپيل منهنجي ڪتاب، ’سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد‘ ۾، ’سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد‘ جي سلسلي ۾، ڏنل منهنجي راءِ کي قبول ڪيو هو ۽ ساراهيو بہ هو. پروفيسر گدواڻيءَ، 15 جون 1983ع ۾ مون کي ان سلسلي ۾ خط بہ لکيو هو. پنهنجي اُن خط ۾، ڊاڪٽر گدواڻيءَ منهنجي مذڪوره ڪتاب (سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد) جي باري ۾ مون کي پنهنجي راءِ بہ موڪلي هئي. ڊاڪٽر گدواڻيءَ جو اهو خط مون، مهراڻ رسالي جي 1992/4ع واري نمبر ۾، ڊاڪٽر جيٺلي ۽ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جي مطالعي لاءِ، منهنجي جوابي مقالي ۾ شايع بہ ڪرايو هو. ان وقت ڊاڪٽر گدواڻي زنده هو. پروفيسر ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ، منهنجي ڪتاب، ’سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد‘ ۾ منهنجي ڏنل راءِ جي حمايت ۾ لکيو هو تہ:

”مون تہ 1980ع ۾ مئسور ۾، جتي ’سينٽرل انسٽيٽيوٽ آف انڊين لئنگئيجز‘ آهي، اُتي دراوڙي ٻولين جي ودوانن اڳيان، ۽ 1981ع ۾، مارچ ۾، اَنا ملائي يونيورسٽيءَ ۾، جتي ‘Centre for Advanced Study in Dravidian Linguistics’ آهي،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اتي اٽڪل 150 دراوڙي ٻولين جي ودوانن اڳيان، سندن خاص نيند تي وجي، پنهنجو مقالو پيش ڪيو. ويچارن جي ڪافي ڏي- وٺ ٿي، پر هڪ حقيقت آهي تہ مقالو قبول پيو. هن وقت ڪوشش اها آهي تہ مان مقالي جو پهريون واليوم جلد شايع ڪرايان. ٻيو واليوم Morphology ۽ ٽيون واليوم Syntax تي ٿيندو.

ها! مهربان سائين، توهان جو ڪتاب، 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد' ڏٺو اٿم؛ وشواس سان چئي سگهان ٿو تہ منهنجو مقالو منهنجي شخصي ڪوشش ۽ ڪشالي جو نتيجو آهي. اهو coincidence آهي تہ سنڌ ۽ هند جي ٻن linguists ، سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد تي، ساڳئي نظرئي ڪان سوچيو آهي. توهان جو ڪم پهرين شايع ٿيو، اُن جو شرف توهان کي ضرور ملندو. دراصل ان سبب ئي، هيءَ چٺي لکڻ سمجهو تہ جڻ هڪ نموني مجبور ئي ڪيو.

"هن چٺيءَ لکڻ جو مقصد فقط اهو آهي تہ توهين ۽ مان، سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد کي، ڪنهن حد تائين ساڳيو ٿا مڃون، ان ڪري وقت بوقت هڪ ٻئي سان ويچارن جي ڏي-وٺ ڪندا رهون، ۽ موقعو ملڻ تي روبرو ملاقات ٿي سگهي تہ ان لاءِ هٿ پير هلائيندا رهون."

(ب) اهڙيءَ طرح پروفيسر ڊاڪٽر گدواڻي صاحب، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ طرفان شايع ٿيندڙ رسالي، 'سنڌي ادب' جي جلد 12، نمبر 1994/2ع ۾ صفحي 49 تي، سندس چيپل مقالي ۾، ڪجهہ ويچار هنن لفظن ۾ ونديا هئا. اُن مقالي جو عنوان آهي: 'سنڌڪي ۽ دراوڙي شخصي نالن ۾ هڪ جهڙايون ۽ مينگهواڙ شخصي نالا'. هو لکي ٿو تہ:

"وقت بوقت ودوانن، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪجهہ دراوڙي اثرن جي باري ۾، ڌيان پئي ڇڪايا آهن. انهن ۾ خاص ڪري پيرو مل آڏواڻيءَ 'سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ' ۾ سنڌيءَ جي اُپڀاشا (dialect)، لاڙيءَ تي دراوڙي اثر (ص 125) ۾ اُن ڳالهہ ڏانهن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيان ڇڪايو آهي، پر ان ڏس ۾ وڏي ۾ وڏو عالماڻو ۽ پهريون وگيانڪ (scientific) يوگدان (contribution) آهي، ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جو 'سنڌيءَ جو بڻ بنياد'. هن مقالي ۾ ڊاڪٽر الانا صاحب پراڻن مثالن جي مدد سان، هڪ عالماڻي سند پيش ڪئي آهي" (ص 49).

(ت) ڊاڪٽر گدواڻي صاحب جي هن راءِ کان پوءِ، مون کي ڊاڪٽر جوٽيجو صاحب جي سرٽيفڪيٽ جي ڪا به ضرورت ڪانهي. يقيناً ڊاڪٽر جوٽيجو، ڊاڪٽر گدواڻيءَ جي مقابلي ۾، علم اللسان (Linguistics) جي سلسلي ۾ ڪا به 'سند' نٿو رکي، جاڪاڻ ته ڊاڪٽر گدواڻي، پوني يونيورسٽيءَ ۾ جديد لسانيات جو پروفيسر هو. هو، سنڌ ۽ ڀارت ۾ لسانيات جي ماهرن وٽ وڏي عزت رکندو هو.

15. علم اللسان هڪ جديد سائنس آهي. اُن جي باري ۾ ڪا به صحيح راءِ اُهو شخص ڏيئي سگهندو جنهن هن علم ۾، ماهر اُستادن وٽ، تربيت حاصل ڪئي هوندي؛ ان شخص، جديد لسانيات ۾ هڪ تربيت يافته پروفيسر جي حيثيت ۾، اُن ماڻهوءَ جي حيثيت اهڙي آهي جهڙي هڪ قابل 'تارُو' ماڻهوءَ جي. اهڙو ماڻهو علم جي درياءَ ۾ ٽپو ڏيئي، اُن جي خطرناڪ لهرن جي پرواهه نه ڪري، آسانيءَ سان اهو درياءَ تري ٻئي پار پهچي ويندو آهي، پر 'اڻ تارُو' ماڻهو اهڙو جوکائتو ڪم نه ڪري ته بهتر، نه ته هُو درياءَ جي دهشت سبب، اُن جي لهرن ۾ ئي لُڙي ويندو.

16. (الف) 'سنڌي صوتيات' ڪتاب جو هي ٻيو ڇاپو آهي، جنهن ۾ مون، اُن جي پهرئين ڇاپي ۾، صوتيات جي باري ۾ رهجي ويل سيني مضمونن جو اپياس شامل ڪيو آهي. اُهي رهجي ويل مضمون هي آهن:

(1) ڇوٽن گهٽن سرن (انوناسڪ/Short nasal vowels) [اَن، اِن ۽ اُن] جو ڏماڪيدار وينجنن سان گڏيل اُچار کان پوءِ،

گھڻن وينجنن (nasal consonants) جي صورت ۾ بدلجڻ.

(2) لفظن ۾ اُنهن جي پدن (syllables) اندر ڪم آيل سرن ۽ وينجنن جي ميل جو اڀياس.

(3) سنڌي صوتياتي نظام موجب 'شَدَ' (gemination) جو استعمال.

(4) وسرگ وينجنن تي مشتمل لفظن جو صوتياتي اڀياس.

(5) سنڌي صوتياتي نظام موجب 'همزي' (ء) جو اڀياس، ۽

(6) علم صوتيات ۾ ادغام/سنڌي (assimilation) جو اڀياس.

(ب) هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو، اڄ کان ايڪيتاليهه سال اڳ يعني 1967ع ۾، ادبيات پبليڪيشن طرفان شايع ڪيو ويو هو. هي اهو زمانو هو جنهن ۾ سنڌ تہ ڇا پر پوري پاڪستان ۾ لسانيات جو جديد علم اڃا سرجيوئي مس هو. آءٌ، آگسٽ 1963ع ۾، هن علم يعني 'عام لسانيات ۽ صوتيات' (General Linguistics and Phonetics) ۾، لنڊن يونيورسٽي جي جڳ مشهور اداري، "School of Oriental and African Studies" مان جديد لسانيات ۾ ايم-اي جي ڊگري حاصل ڪري، سنڌ ۾ واپس آيو هوس. منهنجي وطن ورڻ کان پوءِ، منهنجو اُستاد ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جو صدر، پروفيسر علي نواز جتوئي صاحب، ساڳئي اسڪول ۾، جديد لسانيات ۽ صوتيات ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ لنڊن روانو ٿيو. هوڏانهن پارت ۾، ياءَ لڇمڻ خوبچنداڻيءَ، امريڪا جي پينسلوانيا يونيورسٽيءَ مان، جديد لسانيات ۾ پهرين ايم-اي ڪئي ۽ پوءِ پي. ايچ ڊي بہ ڪيائين. اُن کان پوءِ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر ستيش روهڙا ۽ ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ بہ جديد لسانيات ۾، پوني يونيورسٽيءَ مان پي. ايچ ڊي ءَ جون ڊگريون حاصل ڪيون.

(ت) مون اڳ ۾ عرض ڪيو آهي تہ 'صوتيات' هڪ ڏکيو علم آهي. هيءُ علم، سنڌو- ماٿر جي تاريخ ۽ تهذيب وانگر تمام گهڻو قديم آهي. هن علم جي شروعات بہ سنڌو- ماٿر ۾ ئي ٿي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي. هن علم جي ميدان ۾ ’پنڊت پاٽيني‘ پهريون ودوان هو جنهن قلم کنيو هو. سنڌي صوتيات جي باري ۾ مون کان اڳ، ڪيترن ئي صاحبن قلم کنيو هو، جيئن مون اڳتي عرض ڪيو آهي.

(ث) آزاديءَ کان پوءِ، سنڌ توڙي هند ۾، سنڌي لسانيات ۽ صوتيات تي گهڻن ئي ماهرن عرق ريزي ڪئي آهي. انهن جا لکيل ڪتاب هي آهن:

(i) علم لسان ۽ سنڌي زبان- مصنف پروفيسر علي نواز جتوئي.

(ii) سنڌي ڌوني - وگيان (سنڌي صوتيات)- مصنف ڊاڪٽر مرليڌر ڪشنچند جيٽلي.

(iii) ڀاشا ۽ ڀاشا وگيان - مصنف ڊاڪٽر ستيش روهڙا .

17. (الف) صوتيات، علم اللسان جي سلسلي ۾ نهايت ئي هڪ ڏکيو ۽ اهم مضمون آهي، جنهن جي سکيا، پاڪستاني يونيورسٽين کان سواءِ، ملڪ جي ٽيچرس ٽريننگ ڪاليجن ۾ زير تربيت اُستادن لاءِ پڻ تمام ضروري آهي، ڇاڪاڻ تہ مادري زبان توڙي ٻين زبانن لاءِ، هن مضمون جي سکيا تمام ضروري آهي. اُهي ادارا جن ۾ جتي ادبيات تي مشتمل مضمون پڙهايا ويندا آهن، اُتي لسانيات جي علم ڪي خانہ پُريءَ طور پڙهائڻ جي بدران، هن مضمون جي باقاعدي تربيت ڏني وڃي.

(ب) هيءُ مضمون اُنهن اُستادن کان پڙهايو وڃي جيڪي هن مضمون ۾ تربيت يافتہ هجن تہ جيئن اسان جا نوجوان ’عام لسانيات ۽ صوتيات‘ جي مضمونن کان چڱيءَ طرح واقف ٿي، هن ميدان ۾ تحقيق ڪن، جنهن جي اڄ ڪلهہ گهڻي ضرورت آهي.

آءٌ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي اڳوڻي چيئرمئن ۽ سنڌالاجيءَ ۾ خدمت ڪندڙ منهنجي اڳوڻي ساٿيءَ، محترم عبدالقادر جوڻيجي جو شڪر گذار آهيان، جنهن منهنجي گذارش تي هن ڪتاب جي ٻئي سڌاريل ۽ وڌايل ڇاپي جي شايع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. جوڻيجي صاحب جي وڃڻ کان پوءِ منهنجي لائق

نياڻيءَ محترمہ ڊاڪٽر فهميده حسين کي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جون واڳون سؤنپيون وئيون آهن. هن نياڻيءَ، جوڻيجي صاحب جي رٿائن ۾ ڪنهن بہ قسم جي تبديليءَ آڻڻ جي بدران، اُنهن کي اڳتي وڌائڻ جو فيصلو ڪيو ۽ منهنجيءَ هن محنت کي بہ قبول ڪيو ۽ اُن کي ڇپائڻ جي منظوري ڏني. سنڌس انهيءَ ڪشاده دليءَ لاءِ آءٌ سندس ٿورائتو آهيان. ساڳئي وقت آءٌ، محترم خالد 'آزاد' وڳهئي جو بہ ٿورائتو آهيان، جنهن اداري جي طرفان، هن ڪتاب جي ڇپائڻ جو بندوبست ڪيو. رب ڪريم جا ڪروڙين ڪرم جو منهنجي پراڻي ساٿيءَ محترم تاج جويي، اٿارٽيءَ ۾ سيڪرٽريءَ جا فرائض سنڀالڻ ڪان پوءِ، اهي ساڳيا پروجيڪٽ شروع ڪرايا آهن، جيڪي اسان گڏجي شروع ڪيا هئا، پر پوءِ اُهي سڀ پروجيڪٽ روڪيا ويا. تاج صاحب دلچسپي وٺي، منهنجي هن ڪتاب کي وري شروع ڪرايو، جنهن لاءِ آءٌ سندس ٿورائتو آهيان. آءٌ محترم شوڪت علي جتوئيءَ جو بہ ٿورائتو آهيان جنهن هن سڌاريل ۽ وڌايل ايڊيشن جو مڪمل متن نئين سر ڪمپوز ڪيو.

پڙهندڙن جي خدمت ۾ منهنجي گذارش آهي تہ منهنجون اوڻايون درگذر ڪن ۽ منهنجي هن ڪاوش کي قبول ڪن.

سنڌي زبان جو فدائي
ڊاڪٽر غلام علي الانا

حيدرآباد (سنڌ)
07-12-2008



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٽئين ڇاپي جو مهاڳ

موجوده عرصي ۾، سنڌ ۾، سنڌي ٻوليءَ ۾، جديد علم اللسان واري مضمون تي تحقيق ”ڪرڻ لاءِ“ ڪي ڳاڻ ڳڻيا محقق، مس وڃي رهيا آهن، جڏهن ته اڄ کان ڏهه-پندرهن سال اڳ، سنڌ جي يونيورسٽين کان سرڪاري توڙي خانگي ڪاليجن ۽ پرائمري اسڪولن ۾ پڙهائيندڙ استادن، طرفان، هن مضمون تي ڪافي تحقيقي ڪم ٿي رهيو هو، پر هاڻ هن موضوع تي تحقيق ڪندڙ ڪو هڪ اڌ لکندڙ مس وڃي بچيو آهي. حقيقت ۾، سنڌ جون اُهي يونيورسٽيون، جن ۾ سنڌي ٻولي ۽ سنڌيءَ جي سکيا لاءِ شعباز قائم ڪيا ويا آهن. اُتي پڙهندڙ شاگردن کان سواءِ، حڪومت سنڌ جي تعليم ۽ لٽريسي کاتي طرفان، سڄيءَ سنڌ ۾ قائم ڪيل ’ٽيچرس ٽريننگ انسٽيٽيوٽس‘ ۾، زير تربيت اُستادن لاءِ، سنڌي لسانيات ۽ سنڌي صوتيات واري مضمون پڙهائڻ ۽ اُن سلسلي ۾ تربيت ڏيڻ تمام ضروري آهي.

منهنجو ذاتي تجربو آهي ته حڪومت سنڌ طرفان، قائم ڪيل ’سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ‘، سنڌي ٻوليءَ جي سکيا لاءِ، ڪلاس پهرئين کان وٺي ڪلاس ٻارهين تائين درسي ڪتابن جي لکرائڻ جو اهتمام ڪندو آهي. پوءِ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ طرفان تيار ڪرايل اُهي مسودا، حڪومت سنڌ جي قائم ڪيل ’نظرثاني



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪميٽيءَ‘ کي، نظرثاني لاءِ موڪليا ويندا آهن. مذڪوره نظرثاني ڪميٽيءَ، سنڌ سرڪار جي قائم ڪيل بيورو آف ڪريڪيولم جي ڊائريڪٽر کي بار بار اها سفارش پئي ڪئي آهي ته سنڌي مادري زبان جي سکيا لاءِ نصابي مواد لکندڙ/ تيار ڪندڙ خواتين و حضرات لکيڪ، ’ٽيڪسٽ بڪ رائيٽنگ‘ جي سلسلي ۾ ڪا به ڄاڻ نٿا رکن ۽ تجربي مان معلوم ٿيو آهي ته ’درسي ڪتاب‘ لکندڙن مان ڪي صاحب، سنڌي ويا ڪرڻ جي درجيوار سکيا جي سلسلي ۾ بلڪل اڻڄاڻ هوندا آهن. ٽيڪسٽ بڪ بورڊ طرفان تيار ڪرايل مسودن تي نظرثاني ڪندڙ ڪميٽيءَ جي سيني ميمبرن اهو پڻ محسوس ڪيو آهي ته درسي ڪتابن جا مسودا تيار ڪندڙ اُهي خواتين و حضرات، سنڌي وياڪرڻ جي درجيوار سکيا لاءِ گهربل مواد، نصابي ڪتاب ۾، مشقن اندر شامل ڪرڻ لاءِ، سنڌي ويا ڪرڻ جي سکيا لاءِ ڪا به رٿابندي نه ڪندا آهن. ان جو خاص سبب شايد هي هجي ته ڪافي عرصي کان وٺي، سنڌ جي ڪنهن به تعليمي اداري ۾، پرائمري اسڪول سطح کان وٺي گرئجوئيٽ سطح تائين، سنڌي نصاب پڙهائڻ دوران، سنڌي ويا ڪرڻ جي سکيا کي نظرانداز ڪيو ويو آهي. ويا ڪرڻ جي سکيا دوران، Functional Sindhi واري طريقي جي مدد سان ٻوليءَ جي سکيا جو، تعليمي ادارن ۾ ڪو تصور ئي ڪو نه هوندو آهي. جنهن جي مدد سان سنڌي وياڪرڻ جي باري ۾ شاگردن کي ڪا سکيا ملي سگهي.

مذڪوره نظرثاني ڪميٽيءَ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ طرفان لکرايل مسودن ۾ ويا ڪرڻ جي سلسلي ۾ شامل ڪيل مواد جي مطالعي مان اهو محسوس ڪيو ته موجوده وقت ۾، مادري زبان سنڌيءَ جي سکيا لاءِ تيار ڪرايل درسي ڪتابن جي سبقن جي ڪن جهونن ۽ رٽائرڊ استادن کي اهو به معلوم هوندو نه آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي مفرد، مرتب، مرڪب ۽ ٻين لفظن جي گهاڙيٽن ۾ ڪهڙو ويا ڪرڻي فرق آهي. اُنهن اُستادن توڙي ڪن نوجوان ليکڪن جو، سنڌي ويا ڪرڻ جي سلسلي ۾ مطالعو مرحوم مرزا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قليچ بيگ ۽ ديوان ڀيرو مل آڏواڻي جي لکيل ويا ڪرڻ تائين ئي محدود هوندو آهي. انهن بزرگ ويا ڪرڻين جا لکيل اُهي ويا ڪرڻ، هڪ سؤ کن سال پراڻا ۽ اڳ وارن ويا ڪرڻي اصولن تي آڌاريل آهن، جڏهن تہ هاڻ، جديد لسانيات جي جديد اصولن جي حاوي ٿيڻ ڪانپوءِ، اُنهن پراڻن ويا ڪرڻن ۾ ڏنل وصفون ۽ جدولون، جديد لسانيات، جي قائم ڪيل اصولن موجب نظرثاني ڪرڻ جي تمام گهڻي ضرورت آهي.

هاڻي تہ سنڌي ٻوليءَ جي ويا ڪرڻي مواد جي سلسلي ۾، سنڌ ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مخدوم طالب المولىٰ، پروفيسر علي نواز جتوئي، سراج الحق ميمڻ، ڊاڪٽر الطاف حسين جوڪئي، ڊاڪٽر فهميده حسين، ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي، ڊاڪٽر شايہ پتافيءَ ۽ ڀارت ۾ ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچنداڻيءَ، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، شري جئرامداس دولترام، ڊاڪٽر ستيش روهڙا، ڊاڪٽر چندر ڏاسواڻيءَ ۽ ڊاڪٽر ڪنيي ليکواڻيءَ کان سواءِ، ڪئناڊا جي مشنرين، جديد لسانيات جي اصول کي آڏو رکي، سنڌي ويا ڪرڻ جي باري ۾، نئين ۽ سڌاريل مواد تي مشتمل ويا ڪرڻي ڪتاب ۽ مقالا لکيا آهن.

مون اهو بہ ڏٺو آهي تہ نصابي ڪتاب لکندڙ ڪن سڄڻن کي اها بہ ڄاڻ ڪا نہ هوندي آهي تہ 'علم صرف' جي اصولن موجب اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون، صرف مرتب لفظن جي ناهڻ لاءِ، مفرد لفظن جي اڳيان يا پنيان ملايون وينديون آهن. جيڪڏهن ڪنهن بہ مرڪب لفظ جي اڳيان يا پنيان، اهي اڳياڙيون ۽ پڇاريون ملايون وئيون تہ پوءِ اهو تہ مرتب ٿي ويندو. انهيءَ سلسلي ۾، مرحوم سراج الحق ميمڻ، نئين زندگي رسالي ۾، هڪ ڏکهو مضمون بہ لکيو هو.

مون کي اهو بہ معلوم آهي تہ سنڌ يونيورسٽي، ڪراچي يونيورسٽي، شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور ۾ قائم ڪيل سنڌي شعبن ۾، ايم — اي ۽ بي- اي(آنرز) جي نصاب ۾ هڪ پيپر 'سنڌي لسانيات ۽ صوتيات' جو بہ رکيل آهي پر اُن مضمون جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهائڻ لاءِ، انهن يونيورسٽين جي اُنهن شعبن ۾ ڪو بہ تربيت يافتہ استاد موجود ڪونهي. علم اللسان جهڙي خشڪ ۽ سماجي سائنس جو مضنون خالي ڪتابن ۾ ڇپيل مواد کي پڙهي، شاگردن کي سيکاري نہ سگهبو، پر اُن مضمون جي سکيا لاءِ، يورپ، آمريڪا، جاپان ۽ روس جهڙن ملڪن ۾، جتي جتي 'عام لسانيات ۽ صوتيات' جا ادارا قائم آهن، اُتي پنهنجن فئڪلٽي ميمبرن کي موڪلي، اُتي موجود ماهرن ۽ پروفيسرن کان سکيا ۽ تربيت ڏياري وڃي. اهو بہ ياد رهي تہ هي مضمون، آن لائين بہ سکي نہ سگهبو چاڪاڻ تہ صوتيات جي سکيا لاءِ فونيٽڪ لائبارٽرين ۾ ڪي هفتا تربيت وٺڻي پوندي آهي.

هن ڪتاب جي ٽئين ڇاپي لاءِ مون، مسودي ۾ ڪي بہ واڌارا ڪيا نہ آهن، البتہ سڌارا ضرور ڪيا اٿم، ڇاڪاڻ تہ ٻئي ڇاپي جي ڪمپوز ٿيل مواد جا پروف مون کي موڪليا نہ ويا هئا، پر اٿارٽيءَ جي پبليڪيشن آفيسر پاڻ ڏٺا هئا، انهيءَ ڪري ڇپيل مواد ۾ ٽيڪنيڪل لفظن جي صورتخطيءَ ۾ ڪافي غلطيون رهجي وئيون هيون. انگريزي لفظن جي Spellings ۾ ڪافي غلطيون هيون، انهيءَ ڪري ٽئين ڇاپي لاءِ ڪمپوز ٿيل مواد ۾ مون کي ضرور سڌارا ڪرڻا هئا.

ڪنهن بہ ٻوليءَ جي سکيا لاءِ، علم اللسان جي سکيا تمام ضروري هوندي آهي. اُن سلسلي ۾ هي هڪ نهايت ئي اهم مضمون آهي. سنڌ ۾ هن وقت، هن مضمون جي باري ۾ لکجندڙ ڪتاب صرف 'سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ" طرفان ئي شايع ڪرايا ويندا آهن. انهيءَ ڪري اٿارٽيءَ جي بيورو آف ٽرانسليشن ۽ پبليڪشن جو اهو فرض آهي تہ پنهنجي اشاعت واري مواد ۾، سنڌي ٻوليءَ جي ويا ڪرڻ جي اصولن، ٻوليءَ جي عبارت ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي سلسلي ۾، اُنهن ڪتابن ۾ بيان ڪيل مواد تي باقاعدي نظر وجهي، پوءِ اهو مواد، ڇپائيءَ لاءِ پريس کي ڏنو وڃي. هن ڪتاب جي ٻئي ڇاپي جي مهاڳ ۾ مون، اٿارٽيءَ جي بيورو

آف پبليڪيشن جي لاپرواهيءَ طرف پڙهندڙن جو ڌيان ڇڪايو آهي ۽ تفصيل سان، اُن ڪوتاهيءَ جو ذڪر ڪيو اٿم. منهنجو لکيل اهو مهاڳ، اٿارٽيءَ جي چيئرمئن صاحب کان سواءِ، اٿارٽيءَ پبليڪيسن بيورو جي ڊائريڪٽر کي بہ هڪ دفعو ضرور پڙهڻ گهرجي.

آءٌ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي موجوده چيئرمئن، پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ جو دل جي گهراين سان شڪرگذار آهيان جو هن صاحب، منهنجي هن ڪتاب جي ٽئين ڇاپي جي شايع ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ فرمائي. آءٌ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي بيورو آف ٽرانسليشن اينڊ پبيليڪشن جي ڊائريڪٽر محترم امين محمد لغاري ۽ سندس بيورو ۾ سندس ساٿي ڪارڪنن، خاص ڪري موجوده پبليڪيشن آفيسر خالد آزاد ۽ پروف ريڊر محترمہ نغما ابڙو جو بہ احسانمند آهيان، جن اٿارٽي طرفان منهنجي هن ڪتاب جي ٽئين ڇاپي ۾ دلچسپي ورتي، ساڳي طرح آءٌ محمد رمضان ترڪ جو بہ ممنون آهيان، جو هن صاحب، هن ڪتاب جي ٽئين ڇاپي لاءِ سڄو مواد نئين سر ڪمپوز ڪيو.

پڙهندڙ حضرات کي منهنجي وينتي آهي تہ جيڪڏهن ڪين هن ڇاپي جي مواد ۾ ڪا غلطي يا اوڻائي نظر اچي تہ مهرباني ڪري ان کان مون کي واقف ڪن.

ڌڻي سائين سڀني تي پنهنجو ڪرم ڪري.

سنڌي زبان جو فدائي
خواجہ غلام علي الانا

حيدرآباد سنڌ.
23 ڊسمبر، 2016ع



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌي صوتيات

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب پهريون

## صوتيات جو مفهوم ۽ مقصد

1. 'گفتگوءَ واري ٻولي' (Spoken Language)، 'آوازن جي تواتر' (succession of sounds) مان نهي ٿي. اُهي آواز، پنهنجن شاخن سميت، 'ڳالهائڻ جي عضون' (organs of speech) جي مدد سان اُچاريا ويندا آهن، ۽ اُهي (متواتر آواز)، 'ڳالهاءُ جي آوازن' (speech sounds) ۽ آوازن جي 'گهِڪي' (glide) مان نهندا آهن.

2. ڪنهن به ٻوليءَ جي سکڻ لاءِ اول، اُن ٻوليءَ جي 'وياڪرڻ' سکڻ يا اُن ٻوليءَ جي لغت مان لفظن جي لڙهين ۽ سنگهرن جي ياد ڪرڻ جي ضرورت نه آهي، پر سکندڙن لاءِ اِهو ضروري آهي ته هو پهرين اُن ٻوليءَ جي ڏار ڏار آوازن کي سڃاڻن، جيڪي اُن ٻوليءَ جا مقامي ڳالهائيندڙ اُچاريندا آهن. سکندڙن کي اُهي آواز[1] ائين ئي اُچارڻ گهرجن جيئن مقامي ماڻهو اُهي آسانيءَ سان سمجهي سگهن.

علم صوتيات (Phonetic Science) اهو علم آهي، جنهن جي مدد سان 'ڳالهائڻ جي آوازن' (انفرادي طور ڳالهايل) توڙي ڳالهائڻ جي ٻين جزن جو جائزو وٺي سگهجي ٿو، ۽ جملن ۾ انهن جي 'استعمال' (function) ۽ 'تقسيم' (distribution) جو مطالعو ڪري سگهجي ٿو.[2] علم صوتيات اهو علم آهي، جنهن جو واسطو ڳالهائڻ جي عضون جي عمل (function) سان آهي[3]. هن علم جي

---

(1) هنن لفظن مان مراد 'ڳالهائڻ جي آوازن' (Speech sounds) جي آهي، ۽ نه ڪ الف-ب واريءَ پٽيءَ ۾ ڏنل اکرن جي. هن بحث دوران، اسان جو واسطو صورتخطيءَ ۾ ڏنل ڪنهن به صورت، حرف يا اکر سان نه آهي.

(2) Ward, C., 1952. The Phonetics of English, W. Heffer and Sons Ltd., Cambridge: England, P. 32

(3) Hocket, C.F., 1960 A Course in Modern Linguistics, The Macmillan Company, New York: P.63



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مدد سان، اهو ڏيکاري يا سيکاري سگهجي ٿو ته ڪنهن به نئين يا خاص آواز جي اُچار ڪرڻ وقت، ڳالهائڻ جي عضون جي بيهڪ (position) ڪهڙي ٿي سگهي ٿي.[1] 'فرٿ'جي بيان موجب:"علم صوتيات، ڳالهائڻ جي آوازن جو علم آهي".[2] هن علم جي مدد سان، هر آواز، ۽ اُن آواز جي 'مخرج' يا 'نقطهٔ ادا' (point of articulation) جو چڱيءَ طرح جائزو وٺي سگهجي ٿو. هن علم جي وسيلي خبر پوي ٿي ته ڪهڙن ڪهڙن آوازن جي اُچارڻ لاءِ ڪهڙا ڪهڙا عضوا ڪم اچن ٿا، ۽ انهن جي عمل جو ڍنگ يا طريقو ڪهڙو آهي.

3. صوتيات جو علم، 'صوت' (phone) ۽ 'صوتيه' (phoneme) جي سمجهاڻي، لفظن ۾ انهن جي عمل ۽ تقسيم، توڙي اُنهن جي جزن (elements) جي تشريح لاءِ مواد مهيا ڪري ٿو. ڪو شخص چاهي پنهنجيءَ زبان ۾ ڪٿي ڪيتري به مهارت رکندو هجي، پر صوتيات جو علم اُن ماڻهوءَ جي ڄاڻ ۽ مطالعي ۾ گهڻو اضافو آڻي ٿو، ۽ اُن جي معلومات کي لسانيات جي جديد علم جي مدد سان جديد بنائي ٿو. مثال طور، صوتيات جي تربيت ۽ مطالعي کان اڳ، ڪو شخص چاهي پنهنجيءَ بوليءَ ۾ ڪيتري به مهارت ڇو نه رکندو هجي، پر هو اهو هرگز ٻڌائي نه سگهندو ته [س] ۽ [پ][3] ۾ ڪهڙو فرق آهي، يا اِهي ٻئي آواز، آوازن جي ڪهڙن گروهن سان واسطو رکن ٿا. اُهو شخص سمجهندو آهي ته 'ف' ۽ 'ق' جي تحريري صورت، 'ق' تي سواءِ زائد نقطن جي، ساڳي آهي، تنهن ڪري انهن کي سنڌي الف- ب جي پٺيءَ ۾ هڪ ٻئي جي پر ۾ رکڻ کپي، پر دراصل اِهي ٻئي آواز[ف ۽ ق]، ڏار

---

(1) Bloch, B., and Trager. L.,(1942 Outline of Linguistic Analysis, Linguistic Society of America, Baltimore: PP. 12 and 13

(2) Firth, J.R., (1957.) Papers in Linguistics, 1934-51, Oxford University Press, London: P. 30.

(3) چورس ڏنگين مان مراد آهي 'آواز'.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏار آوازن جي گروهن سان واسطو رکن ٿا، ۽ ٻنهي جو مخرج ٻه ڌار ڌار آهي، جڏهن اهڙي معلومات ملي ٿي، تڏهن ئي انهن آوازن جي لکت لاءِ حرفن جي پٽيءَ ۾ ٻه فرق آڻبو آهي. [1]

نه فقط اهو، پر علم صوتيات جا ڄاڻو ئي ٻڌائي سگهندا ته 'کَٿَّ، مَٿَّ، ٻُتّ، ۽ پِتّ' لفظن ۾، 'وچيان' وينجَنَ[ٿ، ت وغيره]، مشدد ڇو ٿا ٿين، ۽ 'ڪاٿِ، موٺ، پوُت، ڪيٽو، ايڪو ۽ اوٺَ، وغيره لفظن' ۾ وچ وارا وينجن مشدد ڇو نٿا ٿين؟ اهڙا ٻيا به ڪيترائي مسئلا آهن، جن جي علم صوتيات جي ڄاڻ کان سواءِ خبر ڪانه پوندي.

علم صوتيات جي مدد سان نه فقط مفرد آوازن ۽ انهن جي اُچارن جي خبر پوي ٿي، پر ڌار ڌار لفظن ۾، ڌار ڌار آوازن جي استعمال ۽ اُنهن جي تقسيم جو به پتو پوي ٿو، يعني ته اها خبر پوي ٿي ته ڪهڙا ڪهڙا آواز، لفظن جي مُنڍ يعني ابتدائي صورت (initial position) ۾ ڪم ايندا آهن، ڪهڙا ڪهڙا آواز، لفظن جي وچينءَ صورت (medial position) ۾، ۽ ڪهڙا ڪهڙا آواز لفظن جي آخري صورت (final position) ۾ ڪم ايندا آهن. مثال طور، اها خبر پوي ٿي ته [ڱ، نھ، ڻ، ٺھ، ڃ، ڙھ، مھ ۽ لھ] آواز، لفظن جي مُنڍ يعني شروع ۾ ڪم اچي نٿا سگهن.

انهيءَ کان سواءِ اها به خبر پوي ٿي ته ڪهڙا ڪهڙا آواز، گڏيل يعني مرڪب صورتن ۾ اُچاري سگهجن ٿا، ۽ ڪهڙا ڪهڙا آواز، گڏي اُچاري نٿا سگهجن. اُن کان سواءِ اهو به پتو پوي ٿو ته ڪهڙن ڪهڙن آوازن جو مرڪب اُچار ممڪن نه آهي. اهڙيءَ طرح صوتيات جي علم مان آوازن، آوازن جي ميلن يا مجموعن (sets of sounds)، لفظن ۾ آوازن جي استعمال ۽ لفظن جي ساخت، سٽاء ۽ رچنا جي خبر پوي ٿي.

---

(1) ديوناگري اکرن واري پٽي، هن دعويٰ جو دليل آهي. ديوناگريءَ جي پٽيءَ ۾ شامل اکر، صوتياتي نظام موجب، سندن مخرج مطابق ترتيب ڏنل آهن، يعني پٽيءَ ۾ پهرين نرم تارونءَ وارن آوازن جون صورتون (ڪ، ک، گ، گھ ۽ ڱ)، پوءِ سخت تارونءَ وارن آوازن جون صورتون (چ، ڇ، ج، جھ ۽ ڃ)، ۽ اهڙيءَ طرح انهيءَ پٽيءَ ۾ مورڌني، ڏندن وارن ۽ پوءِ ٻن چپن وارن آوازن جون صورتون رکيل آهن.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**(4) علم صوتيات جو مقصد:**

علم صوتيات گھڻا ئي مقصد ته رکي ، جن مان ڪي هي آهن:

(الف) پرڏيهي ٻوليون (foreign languages) سکڻ— علم صوتيات جو خاص مقصد هيءُ آهي ته پرڏيهي زبانون سکندڙ، انهن زبانن جي مختلف آوازن جا درست اُچار ڪري سگهن. تجربي مان ثابت ٿيو آهي ته نقل ڪري اُچار سکڻ جو طريقو ڪامياب ثابت نه ٿيو آهي، پر علم صوتيات جي مدد سان اُچارن سکڻ مان، چڱا ۽ ڪامياب نتيجا نڪتا آهن. درست اُچار ڪرڻ لاءِ علم صوتيات جي تربيت ضروري آهي. اُن لاءِ هيٺيون ڳالهيون لازمي آهن:

(i) ڪنن ڪي تربيت ڏيڻ (ear training)، (ii) ڳالهائڻ جي عضون جي مشق ڪرڻ، (iii) گڏيل آوازن (clustered sounds) ۽ آوازن جي ميل (sequences of sounds) ۽ ساڳين آوازن جي ميل جي ڊيگهه (length)، زور (stress) ۽ جهيلار (intonation) جي مدد سان جملن اندر لفظن جا درست اُچار ڪرڻ.

(ب) مادري زبان (mother-tongue) جو مطالعو — ڪن عالمن جو خيال آهي ته مادري زبان جي اُچارن ۾ يڪسانيت هئڻ گهرجي. اُهي هن راءِ جا آهن ته اُهي ماڻهو جيڪي معياري لهجي (standard dialect) کان مختلف لهجي ۾ ڳالهائيندا آهن، تن کي به همٿايو وڃي ته هو پنهنجو لهجو سڌارين ۽ قومي سطح ۽ ابلاغ جي ذريعن لاءِ معياري لهجي ۾ ڳالهائين ۽ اُن کي لکن.

هت اهو بحث ڪرڻو نه آهي ته اها راءِ ڪيتري قدر درست ۽ وزندار آهي، پر هت فقط ايترو بيان ڪرڻو آهي ته جيڪڏهن ڪو شخص پنهنجو لهجو بدلائڻ چاهي ته هو علم صوتيات جي مدد سان ئي ائين ڪري سگهي ٿو. اُن لاءِ ڪيس اهي ئي طريقا اختيار ڪرڻا پوندا، جيڪي پرڏيهي زبانن جي سکڻ لاءِ اختيار ڪيا آهن.

(ت) ڳالهائڻ ۾ عيب (defects in speech) - ڳالهائڻ ۾ عيب ٻن


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قسمن جو ٿيندو آهي: هڪڙو عيب اهو هوندو آهي، جيڪو ڳالهائيندڙ ۾ طبعي خاميءَ جي ڪري ٿيندو آهي. ٻئي قسم جو عيب ڪنهن عادت جي ڪري ئي ٿيندو آهي. ٻئي قسم وارا عيب گهڻن ئي ماڻهن ۾ ڏٺا ويا آهن. پنهنجيءَ خاص عادت جي ڪري، ڪي ماڻهو درست اُچار ڪري ئي نہ سگهندا آهن. انهن ڪي گهرجي تہ پرڏيهي ماڻهن وانگر، اُنهن آوازن جي اُچار ڪرڻ جي مشق ڪن، جيڪي اُهي درست نموني اُچاري نٿا سگهن. پهرئين قسم واري عيب لاءِ علم صوتيات جي هڪ خاص شاخ ايجاد ڪئي وئي آهي، جنهن کي ’ڳالهائڻ جي ورزش‘ (Speech therapy) چوندا آهن.

(ث) صورتخطيون (Orthographies) ناهڻ- صوتيات جو علم انهن زبانن جي الف - ب ۽ صورتخيون ناهڻ ۾ انهن اندر مختلف آوازن لاءِ صورتون مقرر ڪرڻ ۾ بہ مدد ڪري ٿو، جيڪي لکيون نٿيون وڃن. ڪيترن ئي ماهرن جي ڪوشش سان، آفريڪا جي اڪثر زبانن کي موزون، آسان ۽ ڪارآمد صورتخطيون ناهي ڏنيون ويون آهن. انهن ماهرن جون ڪوششون ايتريقدر تہ ڪامياب ثابت ٿيون آهن جو اڄ انهن زبانن مان ڪيتريون ئي زبانون، ’صوتياتي صورتخطين‘ (Phonetic orthographies) جي مدد سان لکيون وڃن ٿيون. صورتخطيءَ/ صورتخطين جي مقرر ٿيڻ ڪري، اُهي ٻوليون هاڻ لکي ۽ پڙهي سگهجن ٿيون.

(ج) صورتخطين جا قسم- علم صوتيات جي مدد سان، اڌ اکري (short hand)، تار لاءِ الف- ب، ۽ انڌن، گونگن ۽ ٻوڙن لاءِ الف- ب ناهي وئي آهي.

(ح) ٻولين جو تقابلي مطالعو (Comparative study of languages) - علم صوتيات جي مدد سان ٻولين جي هڪ ٻئي سان مائٽيءَ (relationship) ۽ هڪ جهڙائيءَ (affinity) تي تحقيق ڪري سگهجي ٿي. ٻولين جي ساڳئي خاندان جي، ٻن ٽن شاخن جي وچ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ هڪ جهڙائيءَ ۽ نسبت جي مطالعي جي باري ۾ علم صوتيات ڪافي مدد ڪري سگهي ٿو. علم صوتيات جي مدد سان، ڪنهن به آواز يا لفظ جي 'تاريخي ارتقا' (historical evolution) جي خبر پئجي سگهي ٿي.

(خ) لهجن جو مطالعو (Dialectology)- لهجن جو مطالعو به لسانيات جي هڪ اهم شاخ آهي، جنهن لاءِ صوتيات جي علم جي ڄاڻ نهايت ئي ضروري آهي.

(د) ٻولين جي تاريخ (History of Languages)- ٻولين جي تاريخ جي مطالعي لاءِ لازمي آهي ته صوتيات جي علم جي ڄاڻ حاصل ڪجي، ڇاڪاڻ ته ڳالهائڻ جي آوازن جي سٽا ۽ رچنا (structure)، ارتقا (evolution) ۽ تبديل (change) جو صحيح جائزو تڏهن وٺي سگهبو، جڏهن علم صوتيات (Phonetics) ۽ 'علم الاصوات' (Phonology) موجب، آوازن جي استعمال ۽ عمل، توڙي 'صوتي قانونن' (Phonetic laws) جي ڄاڻ هوندي. هن قسم جو مطالعو ۽ جائزو ڪافي دلچسپ ٿئي ٿو.

اهڙا ٻيا به انيڪ مثال ملي سگهن ٿا، جيڪي تشريحي لسانيات (Desciptive Linguitics) جي مطالعي لاءِ ڪافي اهميت وارا آهن. 'صوتيات جي تاريخي جائزي'، 'ادغام' (juncture)، 'سَنڌي' (assimilation)، 'تخفيف' (آوازن جي ڇانٽي/ elision)، 'صوتياتي تبديل' (phonetic change)، 'جهيلار' (intonation)، 'پد جي ورهاست' (syllabic division)، آواز جي 'لام' (ڊيگهه) ۽ 'ڇوٽائي' وغيره جي اڀياس جي مدد سان ٻوليءَ جي تاريخ جي خبر پئجي سگهي ٿي.

حاصل مطلب ته علم صوتيات جو مطالعو ۽ مقصد، نهايت ئي اهم ۽ ضروري آهي. هن علم جي مطالعي کان سواءِ ڪنهن به ٻوليءَ جو صحيح جائزو وٺي نه سگهبو.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## باب ٻيو

# ڳالهائڻ جا عضوا (Organs of Speech)

ڳالهائڻ جا آواز (speech sounds)، ڳالهائڻ جي عضون جي جسماني تحرڪ (bodily motion) جي مدد سان پيدا ٿين ٿا. انهيءَ تحرڪ کي 'اُچار' (articulation) چئبو آهي.


### 1_ ڳالهائڻ جي آوازن جي نهڻ جو طريقو:

انسان جي ڳالهائڻ واري طريقي کي راڳ جي ڪنهن ساز، جهڙوڪ: بنسريءَ، نڙ يا هارمونيئم وغيره مان پيدا ٿيندڙ آواز جي طريقي سان ڀيٽي سگهجي ٿو. ٻنهي حالتن ۾، آواز کي روڪڻ ۽ اُن جي 'لنگهه' ۾ رڪاوٽ پيدا ڪرڻ سان، آواز ۾ ڌار ڌار خصوصيتون پيدا ڪري سگهبيون آهن. انسان جي گفتار يا ڳالهاءَ ۾ نرم تارونءَ (soft palate) کي هيٺ يا مٿي ڪرڻ، يا هوا جي لنگهڻ وقت اُن جي لنگهه ۾، 'گهُٽَ' يا 'کُلَ' پيدا ڪري، ڌار ڌار خصوصيتن وارا آواز– يعني گهُٽيل، کليل، صاف، گهُٽا، گسٺا، ڏوڪٽا، چوُسٽا ۽ ڦڙڪي وارا – پيدا ڪري سگهجن ٿا. انساني آواز جي تحرڪ ۾ ڦڦڙن جي مدد سان 'زور' ، 'داٻ' ۽ 'ڪمزوري' آڻي سگهبي آهي، جڏهن ڦڦڙن مان هوا ڦوڪي، مٿي وات واري ڪوپي ۾ چاڙهبي آهي، تڏهن وات واري ڪوپي ۾، ڌار ڌار 'هنڌن' تي، رنڊڪون وجهڻ سان، يا هوا جو لنگهه، سوڙهو يا ويڪرو ڪرڻ سان، آوازن ۾ ڌار ڌار خصوصيتون پيدا ٿينديون آهن. اهو سڀ ڪجهه بلڪل ائين ٿئي ٿو جيئن ساز وڄائڻ مهل، اُن مان ڌار ڌار، يعني سنها ۽ ٿلها سر ڪڍڻ لاءِ، آڱرين جي مدد سان، يا ڪنهن ٻئي طريقي سان ڪيو ويندو آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڳالهائڻ جا عضوا




چ = چپ (lips) ق = چپ جو قار (blade of the tongue)

ڏ = ڏند (teeth) ج-م = جِيَ جو مُهَڙُ (front of tongue)

م = مهار (teeth-ridge/alveolum)

ج-پ = جِيَ جو پوچڙ (back of the tongue)

مورڙن = (retroflex) ن = نڙي (pharynx)

س-ت = سخت تارون (hard palate)

ڍ = نڙيءَ جي ڍڪڻي (epiglottis)

ن-ت = نرم تارون (soft plate)

ن-گهہ = نڙگهٽ (larynx)

ڪ = ڪاڪڙو (uvula) پ = جِيَ جي پاڙ (root of the tongue)

ج-ن = جيڀ جي نوڪ (tip of the tongue)

و-ڪ = وات وارو ڪوپو (oral cavity)




sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### 2_ ڳالهائڻ جا عضوا:

سوال تو پيدا ٿئي ته اهي ڪهڙا ڪهڙا عضوا آهن جيڪي مختلف سنڌي آوازن جي اُچارڻ ۾ بهرو ونن ٿا. هر آواز جي اُچارڻ ۾ 'مخرج' يعني 'نقط ادا' (point of articulation) يا 'اُچاريندڙ جزي' (articulator) جي بيهڪ (position) ڪهڙي ٿئي ٿي؟ سامهون ڏنل تصوير ۾، ڳالهائڻ جي ڌار ڌار عضون جا ڌار ڌار نالا ۽ نشان ڏنا ويا آهن، ته جيئن پڙهندڙ هر هڪ عضوي جي 'بيهڪ' جو اپياس ڪري سگهن، ۽ آوازن جو مطالعو ڪري سگهن.

### 3_ آوازن جو پڙ:

انساني جسم ۾ آوازن جي پيدا ڪرڻ لاءِ هڪ مقرر 'پڙ' (tract or region) ٿيندو آهي، جتي ڳالهائڻ جا آواز پيدا ٿي سگهن ٿا. ڪنهن به گفتگوءَ ۾ جيڪي به عضوا 'عمل' ڪن ٿا تن مان ڪي ٻاهران ئي ڏسڻ ۾ ايندا آهن، پر ڪي بلڪل ڏسي ڪونه سگهبا آهن. ڳالهائڻ جا جيڪي عضوا ٻاهران ڏسڻ ۾ ايندا آهن، اُهي آهن: چپ ۽ ڏند. البت ڪن آوازن جي اُچارڻ وقت جيڀ جي نوڪ (tip of the tongue) به ٻاهران ڏسڻ ۾ ايندي آهي. ٻيا اهم عضوا جيڪي ٻاهران ڏسڻ ۾ نٿا اچن اُهي 'وات واري ڪوپي' (oral cavity) جي اندر ئي اندر، آوازن جي اُچارڻ ۾ ڪم اچن ٿا. ايڪسريز ڪئميرا(x-rays camera) يا لئرنگوسڪوپ (laryngoscope) جي مدد سان اهي عضوا ڏسي سگهبا آهن.[1]

اهو نهايت ئي ضروري آهي ته ڪنهن به ٻوليءَ جي فني ۽ صوتياتي جوڙ جڪ ۽ سٽاءَ جي اپياس ڪندڙن کي ڳالهائڻ جي

---

(1) صوتيات جي مطالعي ۾ دلچسپي رکندڙن کي گهرجي ته پنهنجو وات کولي، هٿ جي آرسيءَ جي مدد سان، وات جي اندرئين حصي کي ڏسن. بهترين طريقو هيءُ آهي ته روشنيءَ کي پٺ ڏيئي ويهجي ۽ آرسي اهڙي طريقي سان جهلجي جو روشنيءَ جو عڪس وات ۾ پوي، ۽ وات جي اندرئين حصي کي روشن ڪري، جيئن جاچيندڙ اندرئين حصي جو پورو جائزو وٺي سگهي.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عضون جي بيهڪ ۽ عمل جي پوري پوري ڄاڻ هئڻ گهرجي. اهو ڄاڻڻ بہ ضروري آهي تہ ڪهڙن ڪهڙن عضون جي ميلاپ يا تحرڪ سان، ڪهڙا آواز پيدا ٿين ٿا.

صوتياتي تربيت کان سواء، ڳالهائڻ جي عضون مان ڪنهن بہ غير ملڪي ٻوليءَ جي آواز جو اُچار ڪري نہ سگهبو. هڪ تربيت يافتہ صوتيات جو ڄاڻو (phonetician) ئي ٻڌائي سگهندو تہ ڪنهن آواز جي اُچارڻ وقت ڪهڙا ڪهڙا عضوا عمل ڪن ٿا، يا ائين ڪٿي چئجي تہ ڪنهن آواز جي اُچار جي حالت ۾ ڄڀ توڙي ٻيا عضوا ڪهڙي بيهڪ وٺن ٿا. ڄڀ ۽ وات جو ڪهڙو حصو ڇُري پُري ٿو، ۽ ڪهڙو عضوو وات جي ٻئي حصي سان ملي آواز پيدا ڪري ٿو. حاصل مطلب تہ انساني جسم جا اُهي عضوا جيڪي ڳالهائڻ ۾ مدد ڪن ٿا تن مان هڪڙا 'مخرج' (points of articulation) آهن، يعني اُهي 'نقط ادا' يا 'آواز پيدا ڪرڻ جي جاءِ' ٿي ڪم اچن ٿا، ۽ ٻيا 'اُچاريندڙ' يا 'ادا ڪندڙ' عضوا (articulators) آهن. مخرج' ۽ 'اُچاريندڙ' عضون کي گڏي، 'ڳالهائڻ جا عضوا' چئبو آهي. اهڙيءَ طرح 'وات واري ڪوپي' (Oral cavity) / مهار، مورڙن، سخت تارون، نرم تارون، ۽ ڪاڪڙو-، نڪ واري ڪوپي (nasal cavity) ۽ نڙيءَ (pharynx) کي، مجموعي طور،'آوازن جو پڙ' چئبو آهي.

متي بيان ڪيل 'آوازن جي پڙ' کي، صوتياتي مطالعي جي سهوليت لاءِ هيٺ ڏنل ڳالهائڻ جي عضون ۾ تقسيم ڪجي ٿو: وات جي ڇت (roof of the mouth) ۽ ڄڀ (the tongue) [1]

**(الف) وات جي ڇت:**

صوتياتي مقصد لاءِ، آوازن جي مختلف خصوصيتن جي مطالعي لاءِ وات جي ڇت کي ڇهن مکيہ ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي:

---

(1) Jones, D., 1960, An Outlines of English Phonetics, W. Heffer and Sons Ltd., P.14



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏند (teeth)، مهار (teeth ridge or alveolum)، مورڏن (retroflex)، سخت تارون (hard palate)، نرم تارون (soft palate)، نرم تارونءَ کان ٿورو پونير حصو (post velum or post soft palate) ۽ ڪاڪڙو (uvula)[1]. انهن کان سواءِ چپ، گلو (glottis)، نڙي (pharynx) ۽ نڙ گهٽ (larynx) به ڳالهائڻ جي عضون ۾ شامل آهن.

(ب) **چپ:**

ماهرن چپ کي صوتيات جي اڀياس لاءِ هيٺين حصن ۾ ورهايو آهي[2]: چپ جا اُهي حصا جيڪي ڌار ڌار آوازن يعني وينجنن ۽ سُرن جي اُچارڻ ۾ مدد ڪن ٿا، اُهي حصا هي آهن[3]:

(i) چپ جي نوڪ يا چوٽي (tip of the tongue)، (ii) ڦار (blade of the tongue)، (iii) مهڙ (front of the tongue)، (iv) پوچڙ (back of the tongue) ۽ (v)پاڙ (root of the tongue) [4]

(1) ڪاڪي پيرو مل جي بيان موجب : "ڪنٺ، تارون، ڏند ۽ چپ" ڳالهائڻ جا عضوا آهن. ڏسو: پيرومل آڏواڻي: 1926ع، وڏو سنڌي وياڪرڻ، ڀاڱو 2، هندو پريس، ڪراچي: ص 2

مرزا قليچ بيگ جي لکت موجب: "نڙي، تارون، زبان جو پاسو يا چپ، ڏند ۽ چپ ڳالهائڻ جا عضوا آهن" ڏسو: مرزا قليچ بيگ: 1960ع، سنڌي وياڪرڻ، ڀاڱو 3، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد: ص 68.

(2) Jones, D., Op. Cit,. P. 15 And see: Bloch, B & Trager, L. Op. Cit, P. 14 and 15. Also see: Grierson, A. C., 1964, An Introduction to the Pronunciation of English, Edward Arnold (Publisher) Ltd. London: PP. 14 and15. Also see: Ward, T.D.A., 1962, The Phonetics of English, W.Heffer and sons Ltd. London, PP.48 and 49.

(3) ڪنهن به سنڌي ماهر، صوتيات جي بيان ڪندي 'چپ' جي ڀاڱن جو ذڪر نه ڪيو آهي. مرزا صاحب 'زبان جو پاسو يا چپ' ڄاڻايو آهي. ڏسو مرزا قليچ بيگ: سنڌي وياڪرڻ، ڀاڱو 3، ص 68.

(4) سنسڪرت ۾ انهن حصن جا نالا هي ڏنا ويا آهن:

*(باقي حاشيو ڏسو: اڳئين صفحي تي)*



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**4 _ ڳالهائڻ جي عضون جي بيهڪ:**

متي ڳالهائڻ جي عضون جا نالا ڏيئي انهن جو تعارف ڪرايو ويو آهي. هاڻي انهن سيني عضون جو تفصيلوار ذڪر ڪيو ويندو، جنهن مان خبر پئجي سگهي ٿي تہ انهن عضون جي بيهڪ ڪهڙي آهي ۽ اُن جي مدد سان آواز ڪهڙيءَ ريت ۽ ڪيئن اُچاربا آهن:

**(i) ڏند:**

سنڌي آوازن جي اُچارڻ ۾، مٿين ڏندن جي چوٽي، آوازن جي مخرج طور ڪم ايندي آهي. جڀ جي نوڪ ۽ هيٺين ڏندن جي ميلاپ سان جيڪي آواز اُچارجن ٿا، اُهي آهن: [ت، ٿ، د ۽ ڌ]. انهن کي ڏندانوان يعني ڏندن وارا آواز (dental sounds) چئبو آهي. عربيءَ جا [ث ۽ ذ] آواز، جڀ جي نوڪ ۽ مٿين ڏندن جي چوٽيءَ جي ميلاپ سان اُچاربا آهن. اهي بہ ڏندانوان آواز آهن. اُهي آواز، سنڌيءَ جي صوتياتي نظام موجب اُچاري نٿا سگهجن، البت ڪي ماڻهو سندن اُچار ۾ عيب سبب، [س] کي [ث] ڪري اُچاريندا آهن.

اهڙيءَ طرح مٿين ڏندن جي چوٽي ۽ هيٺئين چپ جي ميلاپ سان جيڪي آواز اُچاربا آهن، اُهي آواز آهن: [ف ۽ و]. انهن کي چپ ۽ ڏندن – ڳاڏئون (labio-dental) آواز چئبو آهي.

---

*(بقايا حاشيو: پنئين صفحي جو)*

| | | |
|---|---|---|
| Jihva-mula= root | جِهوَ مول | جڀ جي پاڙ |
| Jihva-madhya=middle of the tongue | جِهوَ مڌيہ | جڀ جو وچ |
| jihva-agra (jihvagra)= tip of the tongue, | جِهوَ اگرَ | جڀ جي نوڪ |
| hanu-mula= velum or soft palate, | هَنوُ موُل | نرم تارون |
| talu=hard palate | تالَو | سخت تارون |
| danta = teeth | دنت | ڏند |
| danta-mula = teeth – root | دنت مول | ڏندن جي پاڙ |
| karna = lower lip | ڪرن | هيٺيون چپ |
| sthana = upper lip | سٿان | مٿيون چپ |



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**(ii) مهار (Teeth-ridge):**

متين ڏندن جي پويان، ماس ۾ نسن مان ٺهيل هڪ کهري ۽ سخت چوٽي آهي، جيڪا ڄڀ جي نوڪ توڙي ڄڀ جي ڦار سان ڇهي سگهبي آهي. اهو حصو به مخرج طور ڪم ايندو آهي. انهيءَ مخرج (اُچار واري هنڌ) يعني مهار ۾ ڄڀ جي نوڪ توڙي ڄڀ جي ڦار جي ميلاپ سان ڪيترائي آواز اُچاري سگهبا آهن. انهن آوازن کي مهار وارا آواز يا مهاروان آواز (alveolar sounds) چئبو آهي. انهيءَ مخرج وارا سنڌي آواز هي آهن:

ڄڀ جي نوڪ ۽ مهار وارا : ن ۽ ر

ڄڀ جي ڦار ۽ مهار وارا : س ۽ ز

**(iii) سخت تارون (Hard palate):**

تارونءَ جا به ڀاڱا آهن: هڪڙي ڀاڱي کي سخت تارون (hard palate) ۽ ٻئي ڀاڱي کي نرم تارون (soft palate)يا (velum) چئبو آهي. سنڌي ڪتابن ۾ عام طور، سخت تارونءَ کي 'تارون' سڏيو اٿن، [1] پر آوازن جي مخرج جي لحاظ سان، علم صوتيات جي جديد ماهرن، تارونءَ کي ٻن حصن ۾ ورهايو آهي، اُهي حصا آهن: 'سخت تارون' (hard palate) ۽ 'نرم تارون' (soft palate or velum).[2] تارونءَ جي انهن ٻنهي ڌار ڌار حصن کي، ڄڀ جا ڌار ڌار حصا (سخت تارونءَ کي ڄڀ جو مهڙ ۽ نرم تارونءَ کي ڄڀ جو پوچڙ) جيڪي بدني بناوت ۾ هڪ ٻئي جي آمهون سامهون بيٺل آهن، ڪن آوازن جي اُچارن ڪرڻ لاءِ ڇهن ٿا. سخت تارونءَ کي ڄڀ جو جيڪو حصو ڇهي ٿو تنهن

(1) ڏسو پيرومل: حوالو مٿي ڏنل آهي، ص 2 ۽ پڻ ڏسو: مرزا قليچ بيگ، حوالو مٿي آيل، ص 68

(2) Ward, I. D.A., Op. Cit. Also see: Hocket, C.F., 1960 A. Course in Modern Linguistics, The Macmillan Company, New york: p.69. Also see: Grierson, A.C., Op. Cit. P. 13.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي 'ڄڀ جو مُهڙ' (front of the tongue) چئبو آهي ۽ جيڪو حصو نرم تارونءَ ڪي ڇهي ٿو تنهن ڪي ڄڀ جو پوچڙ (back of the tongue) چئبو آهي. انهن ٻنهي هنڌن تان ڏار ڏار آواز اُچاريا ويندا آهن. سخت تارونءَ وٽ جيڪي آواز اُچاريا ويندا آهن، اُهي هي آهن: [چ، ڇ، ڄ، ج، جهه، ڃ، ش ۽ ي].

**(iv) نرم تارون (Soft palate):**

تارونءَ جي سخت حصي کان پوءِ اُن جو نرم حصو شروع ٿئي ٿو. ڪاڪڙي کان اڳيرو، ۽ سخت تارون کان پوءِ، تارونءَ جو جيڪو حصو آهي تنهن کي 'نرم تارون' چئبو آهي. ڄڀ جو پوچڙ، نرم تارونءَ جي سامهون بيٺل آهي. ٻنهي جي ميلاپ سان جيڪي آواز اُچاريا ويندا آهن، اُهي هي آهن: [ڪ، ک، ڳ، گ، گهه ۽ ڱ].

نرم تارون چرندڙ پرندڙ مخرج آهي. هن کي هيٺ يا مٿي ڪري سگهبو آهي.[1] نرم تارون جي اها خصوصيت هيٺ ٽيڻ يا مٿي کڄڻ، آوازن جي خصوصيت تي وڏو اثر ڪري ٿي.[2] انهيءَ ڪري نرم تارونءَ جي انهيءَ ڪارج هيٺ مٿي ٽيڻ ، کي علم صوتيات ۾ گهڻي اهميت حاصل آهي.

**(v) مورڏن (Retroflex):**

ڄڀ پنهنجيءَ نوڪ سميت وڪڙ کائي، اُبتي ٿي، سخت تارونءَ ۽ مهار جي پوئين حصي يعني مورڏن (retroflex) کي ڇُهي،

---

(1) Jones, D., Op. Cit., P. 15.

(2) نرم تارونءَ جي مٿي کڄڻ سان نڪ واري ڪوپي جو لنگهه بند ٿي ويندو آهي، ۽ هوا وات واري ڪوپي مان ٻاهر نڪرندي آهي. اهڙيءَ حالت ۾ اُچاريل آوازن کي 'صاف آواز' چئبو آهي. نرم تارونءَ جي هيٺ ٽيڻ سان نڪ واري ڪوپي جو لنگهه کلي پوندو آهي، ۽ وات واري ڪوپي جو لنگهه بند ٿي ويندو آهي. هوا کي نڪ واري ڪوپي مان لنگهڻ لاءِ لنگهه مليو وڃي. اهڙا آواز جن جي اُچارڻ مهل هوا نڪ مان ٻاهر نڪري تن کي 'نڪوان' يعني 'گُهڻا آواز/ انوناسڪ' (Nasal sounds) چئبو آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي آواز پيدا ڪندي آهي. اهڙن آوازن کي 'موردني آواز' چئبو آهي. اُهي آواز هي آهن: [ٽ، ٺ، ڊ، ڍ، ڏ، ڻ، ٺھ، ڙ، ڙھ، ل ۽ لھ.]

**(vi) چپ : ( Lips)**

چپ، محترڪ يعني چرندڙ پرندڙ عضون ۾ شامل آهن. نڪ واري ڪوپي جي لنگهہ بند ٿيڻ سان، ڦڦڙن کان ڌوڪي ايندڙ هوا ڪي وات واري ڪوپي مان لنگهڻو پوندو آهي. چپن جو ڊول (گول، اٽڪول يا پکڙيل)، آوازن جي خصوصيت تي ڪافي ا ثر وجهي ٿو. چپن کي بلڪل بند ڪري سگهجي ٿو، يا انهن کي گول ڪري سگهجي ٿو، يا پکيڙي سگهجي ٿو. چپن جي چُر پُر واريون اهي خاصيتون يعني سُڪ بند ٿيڻ، گول ٿيڻ، اٽڪول ٿيڻ، ويڪري گول وارا هئڻ، سوڙهي گول وارا هئڻ ۽ پکڙجڻ، علم صوتيات ۾ ڪافي اهميت رکن ٿيون. چپن جي ڊول واريءَ ڦير گهير جو، آوازن جي خصوصيتن تي وڏو اثر ٿئي ٿو.

**(vii) ڪاڪڙو (Uvula) :**

نرم تارونءَ جي پوڇڙ ۾، 'لار' وانگر لٽڪندڙ گوشت کي 'ڪاڪڙو' چئبو آهي. هيءُ حصو، آرسيءَ جي وسيلي آسانيءَ سان ڏسي سگهبو آهي. هن هنڌ تان ڪوبہ سنڌي آواز اُچاري نہ سگهبو آهي، البت عربيءَ جي صوتياتي نظام موجب، عربي آوازن جي اُچار ۾ هيءُ حصو مخرج طور ڪم ايندو آهي. اُهي عربي آواز آهن: [ ق، خ ۽ غ] . انهن آوازن جو سنڌيءَ جي صوتياتي نظام موجب مخرج، ڪاڪڙو نہ آهي، پر سنڌ ۾ اِهي آواز، ڪاڪڙي کان ڪافي اڳيرو ۽ نرم تارونءَ کان ڪجهہ پوئتي، اُچاربا آهن، جيئن اڳتي هلي بيان ڪيو ويو آهي.

**(viii) نڙي (Pharynx):**

ڪاڪڙي کان هيٺ، نڙ گهٽ کان مٿيرو ۽ جڀ جي پاڙ جي پويان جيڪو ڪوپو آهي (ڏسو صفحي 56 تي ڏنل تصوير)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهن کي نڙي چئبو آهي.[1] هن ڪوپي ۾ به هوا کي روڪي، آواز اُچاريا ويندا آهن. اهڙيءَ حالت ۾ 'ڄڀ جي پاڙ' کي پوئتي، ڪوپي جي پوئين ديوار طرف ڌڪي، ڪوپي جي ديوار سان لڳائي آواز اُچاربا آهن. ٻنهي جي وچ ۾ تمام سوڙهي جاءِ يعني هوا جو لنگهه رهجي ويندو آهي، جنهن مان هوا گسندي، لنگهندي آهي. هن مخرج مان فقط عرب ئي عربيءَ جا گسٽا آواز (fricative sounds) ، [ح ۽ ع] ، اُچاري سگهندا آهن، پر ڪوبه سنڌي ماڻهو عربيءَ جا اِهي آواز، ساڳيءَ ريت، هن مخرج تان اُچاري نه سگهندو آهي.

**(ix) گلو (Glottis) :**

گلي ۾ آوازي تندون (vocal cords) ٿين ٿيون. آوازي تندن جي وچ ۾، ٽڪنڊي شڪل جهڙو خال ٿئي ٿو. انهيءَ خال - هوا جي لنگهه لاءِ 'گهٽ' (space for air to pass) کي گلو يا نڙيءَ جو منهن (glottis) چئبو آهي. هيءُ حصو به مخرج طور ڪم ايندو آهي.

**(x) نڙگهٽ (Larynx) :**

ڄڀَ جي پاڙ کان هيٺئين حصي کي 'نڙگهٽ' چئبو آهي. هيءُ حصو دراصل هوا جي نليءَ جو مٿيون پاڱو آهي. هن جي منهن وٽ ڄڀ وانگر نهيل هڪ قسم جي ڍڪڻي (epiglottis) ٿيندي آهي، جيڪا ڪنهن به شي جي ڳڙڪائڻ وقت، هوا جي گهٽ جو منهن بند ڪري ڇڏيندي آهي. 'آوازي تندون' به نڙگهٽ ۾ ئي مقرر هنڌ تي ٿين ٿيون. (ڏسو 43 صفحي تي ڏنل شڪل).

**(xi) آوازي تندون (Vocal Cords)[2]**

نڙ گهٽ ۾ آواز پيدا ڪندڙ تندون ٿين ٿيون، جن جي

---

(1) Pharynx ۽ Larynx لاءِ محترم ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ سنڌي لفظ. نڙي ۽ نڙگهٽ، تجويز ڪري ڏنا. آءٌ انهيءَ لاءِ ڊاڪٽر تنوير عباسي صاحب جو شڪرگذار آهيان.

(2) آوازي تندن يعني vocal cords لاءِ ڪنهن موزون نالي مقرر ڪرڻ جي ضرورت آهي. خود انگريز ماهر به vocal cords لفظ مان مطمئن نه آهن.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن جي بناوت دراصل چپن جهڙي هوندي آهي، ۽ اُنهن جو عمل بہ چپن وانگر آهي. اِهي مشڪن جي مدد سان 'چڪجن' ٿيون ۽ 'ڍريون' ٿين ٿيون. اُهي مشڪن جي وسيلي چڪي، هڪ ٻئي جي بلڪل ايترو تہ نزديڪ آڻي سگهجن ٿيون جو اِهي چپن وانگر هڪ ٻئي سان 'پچي'، هوا جو لنگهہ، سُڪَ بند ڪريو ڇڏين. ساڳيءَ طرح مشڪن جي ڍري ٿيڻ سان، اِهي (تندون) هڪ ٻئي کان ايترو تہ پري (ڇيتيون) ٿي وڃن ٿيون، جو سندن وچ ۾ هڪ ويڪرو خال ٿيو پوي، جنهن مان هوا آسانيءَ سان لنگهيو وڃي، ۽ لنگهڻ مهل اُن کي ڪا بہ رڪاوٽ نٿي ٿئي. پهرينءَ حالت ۾، هوا مٿي چڙهڻ لاءِ، رنڊڪ واري هنڌ وٽ پهچي، زور ۽ داٻ سان، آوازي تندن کي لرزش (vibration) ۾ آڻي يعني ٿڙڪائي، ڌوڪي لنگهي ويندي آهي. ٻوئينءَ حالت ۾ آوازي تندن جي وچ ۾ ويڪري لنگهہ هئڻ سبب، هوا کي لنگهڻ لاءِ ڪابہ رڪاوٽ ڪانہ ٿيندي آهي. 'آوازي تندن' جو 'ٿڙڪڻ' يا 'نہ ٿڙڪڻ' علم صوتيات ۾ وڏي اهميت ٿو رکي[1] جيئن اڳتي هلي 'ڳرن' (voiced) ۽ 'هلڪن' (voiceless) آوازن جي بيان مان معلوم ٿيندو.

**ڄڀ (Tongue):**

جيئن آوازن جي مخرج جي لحاظ کان وات جي ڇت ڌار ڌار ڀاڱن ۾ ورهايل آهي، تيئن ڌار ڌار آوازن جي اُچار جي لحاظ کان 'ڄڀ' بہ ڌار ڌار ڀاڱن ۾ ورهايل آهي. هر هڪ ڀاڱي جو بيان هيٺ موجب آهي.

---

(1) اُهي آواز جن جي اُچارڻ ۾ آوازي تندون ٿڙڪنديون آهن تن کي ڳرا آواز (voiced sounds) چئبو آهي. اُهي ڳرا آواز آهن:[ب، ٻ، ڀ، م، مهہ، د، ڏ، ڌ، ڊ، ڍ، ن، نهہ، ڻ، ڻهہ، ج، ڄ، جهہ، گ، گهہ، ڳ، و، ي، ڙ، ڙهہ، ل ۽ لهہ].
اُهي آواز جن جي اُچارڻ ۾ آوازي تندون ٿڙڪنديون نہ آهن، تن کي هلڪا آواز (voiceless sounds) چئبو آهي، اهڙا آواز آهن: [پ، ڦ، ت، ٿ، ٽ، ٺ، چ، ڇ، ڪ، ک، س، ش ۽ ه].

See: Jones, D., Op. Cit, P.19



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**(i) ڄڀ جي نوڪ يا چوٽي (Tip of the Tongue):**

ڄڀ جي نوڪ (هن کي چڪڻ جو حواس به چئبو آهي) اُچاريندڙ عضوو آهي. هيءَ (نوڪ) مٿين ڏندن جي چوٽيءَ ۽ 'مهار' سان ڌار ڌار حالتن ۾ ملي، ڌار ڌار آوازن اُچارڻ ۾ مدد ڪندي آهي. هن حصي تان جيڪي آواز اُچاريا ويندا آهن، اُهي آهن [ٿ ۽ ذ]

**(ii) ڦار (blade):**

نوڪ کان وٺي پوئتي، ڏيڍ انچ کن وچوٽيءَ واري ڄڀ جي ڊگهي حصي کي، ڄڀ جو ڦار (blade of the tongue) چئبو آهي. هن حصي جي بيهڪ، وات ۾ مهار جي سامهون آهي، ۽ هي حصو مهار سان ملي آواز پيدا ڪندو آهي. اُهي آواز آهن، [س ۽ ز]

**(iii) مهڙ (front):**

ڦار کان پوئتي، ڄڀ جو اهو حصو جنهن جي بيهڪ سخت تارونءَ جي سامهون آهي، تنهن کي 'ڄڀ جو مهڙ' چئبو آهي. سخت تارون ۽ ڄڀ جي مهڙ جي ميلاپ سان ڪيترائي آواز اُچاري سگهبا آهن: اهڙا آواز آهن [چ، ڇ، ڄ، ج، جهہ، ڃ، ش ۽ ي]

**(iv) پوچڙ (back of the tongue):**

'مهڙ' جي اندرئين چيڙي کان وٺي پوئتي پاڙ ڏانهن، پر ڄڀ جي پاڙ کان ڄڀ جو اوريون حصو جيڪو نرم تارونءَ جي سامهون بيٺل آهي، تنهن کي 'ڄڀ جو پوچڙ' (back of the tongue) چئبو آهي. نرم تارون ۽ پوچڙ جي ميلاپ سان ڪيترائي آواز اُچاربا آهن: مثلاً: [ڪ، ک، ڳ، گ، گهہ ۽ ڱ].

٧



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## باب ٽيون

# آوازن جي اُچارڻ جو ڍنگ (Manner of A rticulation)

هن باب ۾ ڏسڻو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام موجب ڪهڙا آواز سنڌي ٻوليءَ ۾ ممڪن آهن، ۽ اُهي ڪهڙيءَ ريت اُچاريا ويندا آهن. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ هن باب ۾ مختلف آوازن جي اُچارڻ جو 'ڍنگ' بيان ڪيو ويو آهي. اهڙا آواز سنڌن مخرجن سميت هيٺ ڏجن ٿا:

(**الف**) **ٻچپوان يا ٻن چپن وارا (bilabial) آواز:** ٻنهي چپن جي ميلاپ سان جيڪي آواز اُچاربا آهن، تن کي 'ٻچپوان' يا 'ٻن چپن وارا' آواز چئبو آهي. سنڌيءَ جا اهڙا آواز هي آهن: [پ، ڦ، ب، ٻ، ڀ، م ۽ مھ].

(**ب**)**چپ ۽ ڏندن ڳاڙوان (labio-dental) آواز:** هيٺئين چپ مٿان، مٿين ڏندن جي چوٽين کي ملائڻ سان جيڪي آواز اُچاربا آهن تن کي 'چپ ۽ ڏندن ڳاڙوان' آواز چئبو آهي. اهڙا سنڌي آواز آهن: [ف ۽ و] (1)

(**پ**)**ڏنداوان (dental) آواز :** ڄڀ جي نوڪ کي، مٿين ڏندن جي چوٽيءَ سان ملائي، جيڪي آواز اُچاربا آهن تن کي 'ڏنداوان آواز' چئبو آهي. سنڌيءَ ۾ ڏنداوان آواز هي آهن: [ت، ٿ، د ۽ ڌ] (2)

---

(1) هي نقطو قابل توجهہ آهي تہ 'وڻ' لفظ ۾ [و] جو اُچار 'ڄُوا' لفظ واري [و] جي اُچار کان ٻيءَ طرح ٿيندو آهي. 'جوا' وارو [و] 'ٻن چپن ۽ تارونءَ ڳاڙئون' نيم – سر (labiovelar semi-vowel) آهي. اهي ٻئي مختلف آواز آهن. ٻنهي جو مخرج ڌار ڌار آهي ۽ ٻئي آواز ڌار ڌار گروهن سان واسطو رکن ٿا. سنڌي الف – ب جي پٽيءَ ۾ ٻنهي کي هڪ ئي حرف سان لکيو ويندو آهي، پر حقيقت ۾ ٻنهي لاءِ ڌار ڌار حرف هئڻ گهرجن.

(2) عربي زبان جا آواز [ث ۽ ذ] بہ ساڳيءَ ريت اُچاريا ويندا آهن. جديد عربيءَ ۾ وينجن واري 'و' مٿان ٽي نقطا ڏئي 'ۋ' لکيو وڃي ٿو، مثلاً: اوۋلتن (avatin) پر اهي آواز سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ ممڪن نہ آهن. سنڌي صوتيات ۾ [ ث ۽ ذ] جو اُچار [س ۽ ز] ڪيو ويندو آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**(پ) مهاروان يا مهارن وارا (alveolar) آواز:** جڀ جي نوڪ کي 'مهارن' سان ملائي جيڪي آواز اُچاربا آهن، تن کي 'مهاروان' يا 'مهارن وارا آواز' چئبو آهي. اهڙا سنڌي آواز هي آهن: [ر، ن ۽ نهہ].[1]

**(ت) قار ۽ مهار گاڏئون/مهار گاڏڙ (blado-alveolar) آواز:** جڀ جي قار ۽ مهار جي ميلاپ سان، هن مخرج وٽ جيڪي آواز اُچاربا آهن، انهن آوازن جي اُچارڻ مهل جڀ جو قار مهار سان ملندو آهي، ۽ جڀ جي نوڪ، هيٺين ڏندن جي پاڙ کان هيٺ، هيٺين مالهين جي چوٽيءَ سان لڳي بيهندي آهي. اهڙا سنڌي آواز هي آهن: [ س ۽ ز].

**(ٽ) مُورڌني (retroflex) آواز**[2]: هنن آوازن جي اُچارڻ لاءِ جڀ جي نوڪ (قار سميت) وڪڙ کائي، متي سخت تارونءَ ڏانهن مڙي ٿي. 'موڙ کاڌل' جڀ جي حصي يعني جڀ جي قار جي پٺ، مهار ۽ سخت تارونءَ جي وچواري حصي سان لڳي بيهي ٿي. جڀ جي اهڙيءَ بيهڪ جي حالت ۾ جيڪي آواز اُچاربا آهن، تن کي مورڌني آواز چئبو آهي.[3] اهڙا آواز آهن: [ٽ، ٺ، ڊ، ڍ، ڻ، ٺهہ، ڏ، ل، لهہ، ڙ، ڙهہ].

---

(1) مرزا قليچ بيگ صاحب [ر، ش، ل ۽ ن] کي ڏندن وارا آواز ٿو ڪوٺي، اهو درست نہ آهي. ڏسو: مرزا قليچ بيگ: سنڌي وياڪرڻ ڀاڱو 3، ص 68.

(2) سنڌي ٻوليءَ جي علم صوتيات واريءَ لغت ۾ هي نئون لفظ شامل ڪيو ويو آهي جيڪو سنسڪرت جي لفظ 'مورڌنيہ' تان ورتو ويو آهي. اَئلن (Allen) لکي ٿو:

'The general term for the retroflex series, implied by, both, grammarians and phoneticians is 'murdhanya', an adjective derived from 'murdhan' (head) See: Allen, W.S., 1953, Phonetics of Ancient India, Geoffery Cumberege, Oxford University Press, London : P. 52.

(3) سنڌي ماهرن ، مورڌني آوازن جي اُچارڻ لاءِ جڀ جي بيهڪ ۽ اُن جي نوعيت جو بيان درست نہ ڏنو آهي. مثال طور ڊاڪٽر بلوچ صاحب [ڻ] جي اُچار جو طريقو بيان ڪندي لکي ٿو:

"It is pronounced when the front part of the tongue curls round so that the lower side of the blade touches the soft-palate with forward stroke aiming at a nasal sound." See:

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ:1960ع، جامع سنڌي لغات، انگريزيءَ ۾ مقدمو، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد: ص 8

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جي بيان موجب جڀ جو مهڙ، قار ۽ نوڪ سميت، ڪاڪڙي ڏانهن ايتريقدر تہ وڪڙ کائي ٿو، [باقي حاشيو اڳين صفحي تي ڏسو]



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ٿ) **سخت تارونءَ وارا (palatal) آواز:** متي بيان ڪيو ويو آهي ته جيڀ جي مهڙ جي بيهڪ، سخت تارونءَ جي سامهون آهي. جيڀ جو اهو حصو متي، سخت تارونءَ ڏانهن ڪڇي، اُن سان ملي، ڪن آوازن جي اُچارڻ ۾ مدد ڪري ٿو. جيڀ جي مهڙ ۽ سخت تارونءَ جي اهڙي ميلاپ سان جيڪي وينجن آواز اُچارجن ٿا تن کي 'سخت تارونءَ وارا آواز' چئبو آهي. اُهي آواز آهن: [ چ، ڇ، ج، [1] ڄ، جهه، ڄ، ش ۽ ي].

(ٺ) **نرم تارونءَ وارا (velar) آواز:** جيڀ جي مهڙ وانگر، 'جيڀ جو پوڇڙ' به، پنهنجي سامهونءَ واري تارونءَ جي حصي يعني نرم تارونءَ ڏانهن متي ڪڇي ٿو، ۽ اُن سان ملي آواز پيدا ڪري ٿو. نرم تارونءَ

---

[بقايا حاشيو پنئين صفحي جو]

جو جيڀ جي ڦار(blade) جو پويون حصو، وچيو نرم تارونءَ (soft-palate) سان لڳي. حقيقت ۾ جيڀ جو اهڙيءَ طرح مڙڻ، علم بدن جي اصولن موجب ممڪن نه آهي. مورڌني آوازن جي اُچارڻ جو طريقو ٻين ماهرن به بيان ڪيو آهي. مثلاً ائلن لکي ٿو:

"For the murdhanya sounds, contact is made with the tip of the tougue rolled in the murdhan." See: Allen, W.S., Cit., P. 52.

لسانيات جي لغت ۾ مورڌني آوازن جي تشريح هن ريت ڏنل آهي:

"In phonetical terminology, a consonant pronounced with the tip of the tongue turned back torwards the hard-plate."

See: Mario Pei and Frank Gaynor, 1954, Dictionary of Linguistics, Philosophical Library, New York: , PP. 34 and 186

(1) سنڌي ماهرن [ج، ڄ ۽ ڃ] جي اُچار لاءِ جيڀ جي حصي جي جيڪا بيهڪ مقرر ڪئي آهي سا به چند چاڻ گهري ٿي. مثال طور [ڄ] جي اُچار جو طريقو بيان ڪندي ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو:

"It is pronounced when the blade of the tongue is in the same position as in case of [ج], touches the hard - palate a little backward than in case of [ج].

ڏسو: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: جامع سنڌي لغات، انگريزيءَ ۾ مقدمو، ص 8

حقيقت ۾ جيئن متي بيان ڪيو ويو آهي ته [چ، ڇ، ج، ڄ، جهه، ڃ، ش ۽ ي] جي اُچار لاءِ 'جيڀ جو مهڙ' متي ڪڇي، سخت تارونءَ سان ملي ٿو، ۽ نه ڪ جيڀ جو ڦار'. جيڀ جي ڦار جو متي ڪڇي، سخت تارونءَ سان ملڻ، سنڌي صوتياتي نظام ۾، ۽ علم بدن جي اصولن موجب ممڪن نه آهي. انهيءَ ڪان سواءِ اها دعويٰ به قابل قبول نه آهي ته [ڄ] جو مخرج ڪو سخت تارونءَ جو پونير حصو آهي. انهن ٻنهي آوازن، يعني [ج ۽ ڄ] جو مخرج ساڳيو يعني سخت تارون آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ڄڀ جي پوچڙ جي ميلاپ سان جيڪي آواز اُچارجن ٿا تن کي نرم تارونءَ وارا آواز(velar sounds) چئبو آهي. اُهي آواز آهن: [ڪ، ک، ڳ، گ، گھ ۽ ڱ] [1]

**(ث)نرم تارونءَ کان پونير (post-velar):** حصي وارا آواز- سنڌي ٻوليءَ ۾ کي اهڙا آواز به آهن جيڪي عربي صوتياتي اثر کان، سنڌيءَ جي صوتياتي نظام ۾ داخل ٿي ويا اهن. 'ڏيهي صوتياتي نظام' (Indigenous phonetic system) ۾، 'نرم تارونءَ کان پونير' حصو مخرج نه آهي، پر عربي زبان جي اثر جي ڪري عربي ٻوليءَ جا 'ڪاڪڙي وارا آواز' (Uvular sounds) [2]سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪاڪڙي کان اڳيرو (pre-uvular) ۽ نرم تارونءَ کان ٿورو پريرو (post velar)، اُچاريا ويندا آهن. مثال طور عربي زبان جي آوازن [ق، خ ۽ غ] جو مخرج، عربي زبان جي صوتياتي نظام موجب 'ڪاڪڙو' (Uvula) آهي[3]، جنهن ڪري عربيءَ جي ماهرن انهن کي 'حلقيه آواز' (Uvular)سڏيو آهي، پر سنڌي ٻوليءَ ۾ انهن آوازن جو مخرج ڪاڪڙو بلڪل نه آهي، جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي. ٻنهي زبانن يعني عربي ۽ سنڌيءَ ۾ انهن آوازن جي اُچار ۾ فرق آهي، پر ٻنهي ۾ انهن جي لکيل صورت ساڳي آهي، جيتوڻيڪ بين الاقوامي صوتياتي خاڪي (I.P.A) ۾، تارونءَ ۽ ڪاڪڙي وٽ اُچاريل آوازن جون لکيل صورتون ڌار ڌار ڏنل آهن. [4]

---

(1) مرزا قليچ بيگ انهن آوازن کي ڪي نڙيءَ وارا آواز سڏيو آهي. مرزا صاحب جي اها دعويٰ درست نه آهي، ڏسو: مرزا قليچ بيگ: سنڌي وياڪرڻ ، ڀاڱو ٻيون ص68

(2) جمال القرآن نالي ڪتاب ۾ [ق، خ ۽ غ] جو مخرج درست بيان ٿيل نه آهي. مصنف لکي ٿو ته: "[ق، خ ۽ غ] جو مخرج نڙيءَ جو اهو حصو آهي جيڪو وات جي طرف وارو آهي." ڏسو: مولانا محمد اشرف: جمال القرآن، ڪراچي، ص 7

اها به حقيقت آهي ته سنڌ ۾ [ ق، خ ۽ غ] جو اُچار گهٽا ئي پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو به نرم تارونءَ کان پوئتي به قائم رکي نه سگهندا آهن. عام طور پڙهيل ماڻهو به گفتگوءَ دوران اڪثر [ق، خ ۽ غ] جي بدران [ڪ، ک ۽ گ] اُچاريندا آهن، البت خبردار رهڻ سان يا ڪنهن اهل علم سان ڳالهائيندي [ق، خ ۽ غ] جو 'اُچار نرم تارونءَ کان پونير حصي' وٽان اُچاريندا آهن.

(3) مرزا قليچ بيگ: سنڌي وياڪرڻ، ڀاڱو ٻيون

(4) Mitchell, T.F., Teach Yourself Arabic, P. 23



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ب) **ڪاڪڙي وارا آواز:** هنن آوازن جو متي نرم تارونءَ وارن آوازن هيٺ ذڪر ڪيو ويو آهي. ڪاڪڙي وٽ هوا جي لنگهه کي سوڙهي ڪرڻ سان، اِهي آواز اُچاري سگهبا آهن. اهڙا آواز آهن: عربيءَ جا [ق، خ ۽ غ]. جرمن ٻوليءَ جو آواز [ر] ڪاڪڙي کي لرزش ۾ آڻي اُچاربو آهي.[1]

(ج) **نڙيءَ وارا (pharyngal) آواز:** 'ڄڀ جي پاڙ' کي پوئتي هٽائي، نڙيءَ ۾ هوا جي لنگهه ۾، 'سوڙهه' ۽ 'گهٽ' ڪرڻ سان، جيڪي آواز اُچارجن ٿا تن کي نڙيءَ وارا آواز چئبو آهي: اهڙا آواز آهن: [ح ۽ ع].[2] هن مخرج وٽان ڪو به سنڌي آواز اُچاري نٿو سگهجي. جيتوڻيڪ 'ح' ۽ 'ع' حرف، سنڌي الف – ب جي پٽيءَ ۾ شامل آهن، پر جن آوازن جون اِهي لکت ۾ صورتون آهن، اُهي آواز سنڌيءَ جي صوتياتي نظام ۾ شامل نہ آهن. انهن آوازن [ح ۽ ع] جو اُچار سنڌ ۾ [ه ۽ أ ] ڪيو ويندو آهي[3]. هت اهو ڄاڻائڻ نهايت ضروري آهي تہ [ع]

(1) See: The Principles of International Phonetic Association, 1949, London: PP. 10 and 12.

(2) جمال القرآن ڪتاب ۾ [ح ۽ ع] جو مخرج درست ڄاڻايل نہ آهي، انهن جو مخرج 'وسط حلق' يعني نڙيءَ جي جي وچ وارو ڀاڱو ڄاڻايو ويو آهي، ڏسو: جمال القرآن، ايضاً، ص 7.

(3) سنڌي الف – ب جي پٽيءَ ۾، 'ح' ۽ 'ع' صورتون قائم رکيون ويون آهن، پر سنڌي صوتياتي نظام ۾ اهي آواز موجود نہ آهن، ۽ نہ ئي وري عربيءَ مان ورتل اُڌارن لفظن ۾ ئي اهي آواز اُچاري سگهجن ٿا. انهن ۾ [ح ۽ ع]، [ح] هلڪو گسڻو ۽ [ع ] ڳرو گسڻو آواز آهي. سنڌيءَ جي صوتياتي نظام موجب [ح] جو نعم البدل [ه] آهي. ڪن ماهرن جو خيال آهي تہ سنڌيءَ ۾. ا (ع) جو اُچار هڪجهڙو آهي، اها دعويٰ درست نہ آهي. [ع] جو ڪو بہ نعم البدل آواز سنڌيءَ ۾ موجود نہ آهي. [ع] جو اُچار، ڏار ڏار لفظن ۾ . اُن (ع) جي پويان ايندڙ 'سُر' تي مدار رکي ٿو، ۽ اُچار ڪرڻ مهل، [ ع] بلڪل غائب ٿي ويندو آهي، ۽ پوئين سُر سان اُچار شروع ڪبو آهي؛ مثال طور:

| لکيل صورت | اچار | لکيل صورت | اچار | لکيل صورت | اچار |
|---|---|---|---|---|---|
| عِلم | اِلم | بَعد | باد | شمعَ | شَمَ |
| عالِم | آلِم | تعلِيمَ | تالِيمَ | نَطعَ | نَتَ |
| عَورتَ | اورتَ | | | | |



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو اُچار، آواز کان پوءِ ايندڙ 'سُر' سان شروع ٿيندو آهي، ۽ [ع] کي گم ڪيو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح ڪتي، [ح]، جڏهن لفظ جي وچ ۾ ايندو آهي تڏهن [ح] گم ڪيو ويندو آهي.[1]

(ج) **نڙ گهٽ (glottal) وارا آواز:** اُهي آواز جيڪي نڙگهٽ ۾، آوازي تندن جي وچواريءَ وٿيءَ (glottis) وٽ، اُچاربا آهن تن کي 'نڙگهٽ وارا آواز' چئبو آهي. مثال طور: [هہ] . عربي ٻوليءَ ۾ همزو [ء] جو مخرج بہ نڙگهٽ آهي، پر سنڌيءَ ۾ همزو 'ء' حرف جي اهميت عربي صوتياتي نظام واري بلڪل نہ آهي. همزي جي استعمال کي سمجهڻ لاءِ ايندڙن صفحن ۾ هڪ ڌار باب ڏنو ويو آهي.

٧

(1) [ع] جو اچار، اردو توڙي برصغير جي ٻين ٻولين ۾ ساڳيءَ طرح ڪيو ويندو آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب چوٿون

## سنڌي وينجنن[1] جا قسم ۽ گروهه

هن ڪان اڳ مخرج جي لحاظ ڪان سنڌي ٻوليءَ جي وينجنن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. هن باب ۾ اهو ڄاڻائڻ غير ضروري نہ ٿيندو تہ مختلف آوازن جي اُچارڻ ۾، مخرج جي بيهڪ ۾ جيڪو فرق ٿئي ٿو[2]، اُن جي لحاظ ڪان، ۽ هوا جي لنگهہ ۾ ڦير ڦار (گُهٽَ ۽ کُلَ يعني ويڪر) آڻي، ماهرن، وينجن آوازن کي، اُن فرق ۽ ڦير ڦار موجب، ڌار ڌار گروهن ۽ ڪٽنبن يعني قسمن ۾ ورهائي، انهن (آوازن جي گروهن) تي الڳ الڳ نالا رکيا آهن. عام طور وينجن آوازن کي هيٺين گروهن ۾ ورهايو ويو آهي:

(**الف**) **ڌوڪٽا يا ڌماڪيدار آواز (plosives)**[3]: هنن وينجن آوازن جي اُچارڻ مهل، مخرج وٽ، هوا جو لنگهہ، ٿوري وقت لاءِ 'سُڪَ بند' ٿي ويندو آهي، ۽ ڦقڙن کان ڌوڪي ايندڙ هوا، آوازي تندن وٽان لنگهي، مٿي، وات واري کوپي ڏانهن ايندي آهي، ۽ وات واري کوپي ۾، مخرج وٽ، رڪاوٽ واريءَ جاءِ وٽ رڪجي ويندي آهي. 'هوا جي داٻ' (air compression) جي ڪري، ڳالهائڻ جا عضوا، رڪاوٽ، يا رنڊڪ واري نقطي وٽ اوچتو ئي اوچتو هڪ ٻئي کان ڌار ٿيندا آهن ۽ هوا کي اوچتو لنگهہ ڏيندا آهن. هوا جي زوردار داٻ ۽ مقدار ڪري، ۽ هوا جي گُهٽَ يعني لنگهہ جي اچانڪ کلي وڃڻ ڪري هوا، ڌماڪي

---

(1) هن ڪتاب ۾ حرف صحيح کي 'وينجن'(Consonat) نالو ڏنو ويو آهي ۽ صرف علت لاءِ 'سُر' (Vowel) لفظ ڪم آندو ويو آهي

(2) مخرج جي بيهڪ واري فرق جي وضاحت هن ريت آهي: (i) مخرج يا آواز جي اُچار واريءَ جاءِ جي بيهڪ. (ii) مخرج وٽ، هوا جي لنگهہ جي 'گُهٽَ' جو ٻڙل يعني گهٽيل، کليل يا بلڪل بند ٿيل. (iii) نرم تارونءَ جي بيهڪ، يعني مٿي کنيل يا هيٺ لٽل.

(3) امريڪي ماهر لسانيات - هنن آوازن کي explosives سڏيو آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(explosion) سان، اُن 'لنگهہ' مان ٻاهر ڌوڪيندي آهي. اهڙا آواز، جن جي اُچارڻ وقت هوا ڌماڪي يا نڪاءَ سان، رنڊڪ واري هنڌ وٽان ٻاهر نڪري، تن کي 'ڌوڪٽا' يا 'ڌماڪيدار آواز' چئبو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام موجب، هيٺين آوازن کي ڌوڪٽا آواز چئبو آهي:[1] [پ، ڦ، ب، ڀ، ت، ٿ، د، ڌ، ٽ، ٺ، ڊ، ڍ، ڄ، ڇ، ج، جهہ، ڪ، ک، گ ۽ گهہ].

(ب) **چوسٽا (implosives) آواز**[2]: هنن آوازن جي اُچار ڪرڻ لاءِ نڙ- گهٽ کي هيٺ ڪيو ويندو آهي. مخرج وٽ ڌوڪٽن آوازن وانگر هوا جي لنگهہ کي بند ڪيو ويندو آهي. رڪاوٽ واري جاءِ ۽ نڙگهٽ جي وچ

(1) ڪن ماهرن جي خيال موجب [چ ۽ ج] ڌوڪٽا آواز نہ، پر بندشي – گسٽا (affricate) آواز آهن. هنن جو رايو آهي تہ اهي آواز، 'روڪيل آواز' (unreleased) جي اُچار سان شروع ٿين ٿا، پر مخرج وٽ ڳالهائڻ جا عضوا 'هم مخرج روان' (هم مخرج مان مراد اها آهي تہ بندشي آواز ۽ اُن جي هڪدم پويان ايندڙ آواز) ، ساڳئي مخرج وٽ اُچارجي، يعني ٻئي آواز ساڳئي وقت، هڪ ئي مخرج وٽ اُچارجن. انگريزيءَ ۾ اُن کي homorgramic چئبو آهي. حقيقت ۾ تجربي مان ثابت ٿيو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي [چ] ۽ [ج] جي اُچارڻ مهل، ڳالهائڻ جا عضوا، مخرج وٽ ڌوڪٽن آوازن وانگر هڪ ٻئي کان هڪدم ڌار ٿين ٿا ۽ نہ ڪ آهستي آهستي، جيئن بندشي– گسٽن (affricates) آوازن جي اُچار ۾ ٿيندو آهي. بندشي گسٽن آوازن جي حالت ۾ مخرج وٽ ڳالهائڻ جا عضوا رڪجي ويندا آهن، ۽ ڪلندا تڏهن آهن جڏهن پويان ڪو ٻيو آواز اُچاربو آهي. [چ ۽ ج] جي اُچار ۾ ائين نٿو ٿئي، تنهن ڪري انهن کي 'ڌوڪٽا آواز' ئي سمجهڻ درست آهي.

(2) ڊاڪٽر بلوچ صاحب، [ٻ ۽ ڳ] کي plosives (ڌوڪٽا) آواز ٿو سڏي، پر [ڄ] کي affricate (بندشي - گسٽو) ٿو سڏي ؛ ڏسو: نبي بخش خان بلوچ ڊاڪٽر، جامع سنڌي لغات، ص8. حقيقت ۾ [ٻ، ڏ، ڄ ۽ ڳ] هڪڙي ئي گروهہ وارا، يعني 'چوسٽا وينجن' آهن، فقط سندن مخرج الڳ الڳ آهن. انهيءَ ڪري [ڄ] کي ڌار گروهہ هيٺ ڄاڻائڻ درست نہ آهي.

سنڌي ماهرن جي راءِ موجب، مٿيان چارئي آواز [ ٻ، ڏ، ڄ ۽ ڳ] نج سنڌي آواز آهن ۽ سنڌي ٻوليءَ کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ اُهي آواز اُچاربا نہ آهن، پر هندو- پاڪ جي مختلف زبانن جي صوتياتي نظام تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿو ٿئي تہ اهي چوسٽا آواز سنڌيءَ کان سواءِ، هندو- پاڪ جي ٻولين جهڙوڪ: سرائڪي، گجراتيءَ راجستانيءَ، آفريڪا جي سُوَ هلي ٻوليءَ ۽ ويٽناميءَ ۾ بہ ملن ٿا. مثال طور هر هڪ آواز جو وچور سنڌيءَ سميت هيٺ ڏجي ٿو:

[باقي حاشيو اڳئين صفحي تي ڏسو]


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ هوا جي نہ هئڻ سبب، خال رهجي ويندو آهي. انهن آوازن جي اُچار لاءِ، هوا ٻاهران چُوسي اندر نڙ- گهٽ ۾ تيل خال ۾ آندي ويندي آهي. مخرج وٽ، ڳالهائڻ جا عضوا، هوا کي ٻاهران کان اندر چوسي، کلي ٿا پون. اهڙيءَ حالت ۾ جيڪي آواز اُچارجن ٿا، تن کي چوسٽا آواز چئبو آهي. اِهي آواز آهن: [ٻ، ڏ، ڄ ۽ ڳ] .

**(ب) نڪوان يا گُهٽا وينجن (nasal consonants)** : سنڌي صوتياتي نظام جي روشنيءَ ۾ جڏهن 'گهٽن آوازن' (nasal sounds) تي بحث ڪبو تڏهن 'گهٽن آوازن' ۾ نہ فقط 'گهٽا وينجن' شامل ڪبا، پر 'گهٽا سر' بہ انهيءَ 'سري' هيٺ آڻبا، ڇاڪاڻ تہ وينجنن وانگر 'سُر' بہ 'صاف' (يعني گهٽائڻ واري خاصيت کان سواءِ) ۽ 'گهٽا' تين ٿا. انهيءَ ڪري گهٽن آوازن ۾ گهٽا وينجن ۽ گهٽا سر بئي شامل ڪبا.

هن باب ۾ فقط گهٽن وينجنن جو ذڪر ڪبو. گهٽن سرن تي اڳتي هلي ذڪر ڪيو ويو.

گُهٽن وينجنن جي اُچارڻ لاءِ نرم تارون هيٺ لاٿو ويندو آهي، انهيءَ ڪري نڪ واري ڪوپي جو لنگهہ کلي پوندو آهي، ۽ وات واري ڪوپيءِ ۾ هوا جو لنگهہ اڳي ئي بند ڪيو ويندو آهي، پر اُچار ڪرڻ مهل هوا، نڪ ۽ وات مان لنگهندي آهي. اُهي آواز جن جي اُچارڻ ۾ هوا نڪ مان نڪري، تن کي 'گهٽا آواز' چئبو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙا آواز آهن: [م، مهہ،

---

[باقي حاشيو پنئين صفحي جو]

[ٻ] - سنڌي ٻوليءَ (ڪڇيءَ، ميمڻي ۽ لاسيءَ سميت)، ملتاني، سرائيڪي، لڏنوي، گجراتي (مغربي)، راجستاني (ميواڙي، جيلسميريءَ ۽ مارواڙي)، سوهلي (Swahili) ۽ سنهليز (سلون جي ٻولي) ۾ ڳالهايا ويندا آهن.

[ڏ] - سنڌي، سرائيڪي، ملتاني، گجراتي (مغربي) ۽ ويٽناميءَ ۾ ڳالهايو ويندو آهي.

[ڄ] - ويٽناميءَ کان سواءِ مٿي ڄاڻايل ٻيون ساڳيون ٻوليون.

[ڳ] - مٿي ڄاڻايل ساڳيون ٻوليون.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ن، نھ، ڻ، ٽھ، ج ۽ ڳ].[1]

(پ) **بندشي - گسٽا (affricates) آواز**: جڏهن ڳالهائڻ جا عضوا، مخرج وٽ، هڪ ٻئي کان آهستي آهستي ڌار ٿيندا آهن تڏهن آواز جي 'رڪاوٽ' (occlusion) ۽ مڪمل 'ڇوٽڪاري'، (release) جي درميان واري بيهڪ دوران، ٿوري وقت لاءِ سوڙهه (constriction) پيدا ٿئي ٿي. انهيءَ ڪري هوا جو لنگهه آهستي آهستي کلي ٿو. رڪيل هوا، سوڙهي لنگهه مان لنگهڻ مهل، 'ڌوڪٽي آواز' سان گڏوگڏ ساڳئي مخرج وٽ،

---

(1) سنڌي ماهرن انهن مان نه فقط ڪن آوازن يعني [ڻ ۽ ڄ] جو مخرج غلط بيان ڪيو آهي پر انهن کي هڪ نه، بلڪ ڌار ڌار گروهن ۾ شامل ڪري بيان ڪيو اٿن. مثال طور اُنهن ماهرن، [ڻ] جي اُچار جو طريقو درست بيان نه ڪيو اٿن، ڏسو: نبي بخش خان بلوچ ڊاڪٽر: جامع سنڌي لغات، حوالو مٿي ڏنل آهي، ص 8

ڊاڪٽر بلوچ صاحب [ڻ] کي palato - nasal plosive، يعني "سخت تارونءَ وارو گهڻو ڌڪڙو وينجن" سڏيو آهي. [ڻ] جي مخرج جي باري ۾ اڳ ۾ وضاحت سان سمجهائي ڏني وئي آهي. هن باب ۾ البت ايترو لکڻ ضروري آهي ته صوتيات جي ڪتابن ۾ nasal plosive نالي آوازن جو ڪوبه گروهه نٿو ملي. دراصل گُهڻا وينجن (nasal consonants) ۽ ڌوڪٽا وينجن (plosive consonants) آوازن جا ٻه ڌار ڌار قسم ۽ گروهه آهن. اهي ٻئي نرم تارونءَ جي هيٺ لهڻ يا مٿي کڄڻ واري خصوصيت تي مدار رکن ٿا، جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب [ڄ] کي nasal affricate سڏيو آهي. هن نالي سان به علم صوتيات ۾ سنڌي آوازن جو ڪُوبه گروهه نه آهي. مٿي بيان ڪيو ويو آهي ته [ڻ ۽ ڄ] ٻئي گهڻن وينجنن جي گروهه جا 'ڀاتي' آهن، تنهن ڪري انهن ٻنهي وينجنن کي گهڻن وينجنن جي گروهه ۾ ئي شامل ڪرڻ گهرجي.

محترم ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي صاحب جو ورتل جائزو به چنڊڇاڻ گهري ٿو. هن صاحب لکيو آهي ته 'ن' جو تلفظ ٽن نمونن سان ڪيو ويندو آهي: پهريون 'سالم يا سچي اُچار وارو'، ٻيو 'اڌ اُچار وارو' ۽ ٽيون 'غنه يا نڪ جي اُچار وارو'؛ مثلاً 'رنجن' لفظ جو پهريون 'ن' غنه ۽ پويون 'ن' سچي اُچار وارو آهي. 'ڪنيا' لفظ ۾ 'ن' ساڪن آهي، جنهن ڪري 'ن' جو اڌ اُچار ٿيندو. مطلب ته اعراب (زير، زبر ۽ پيش) ته سالم اُچار، سڪون ته اڌ اُچار ۽ ۽ خالي 'ن' مٿان ڪابه اعراب نه، ته غنه يا نڪ وارو اُچار ٿيندو' — ڏسو: عبدالڪريم سنديلو: 1955ع. تحقيق لغات سنڌي، لاڙڪاڻو سنڌ، ص 15

[باقي حاشيو اڳئين صفحي تي ڏسو]



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هم مخرج (homorgamic) گسٽو آواز پيدا ڪري ٿي. اهڙن آوازن کي بندشي-گسٽا آواز (affricatives) چئبو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙا آواز آهن: [ٽر] ۽ [ڊر]. اِهي آواز ، سنڌي ٻوليءَ جي فقط اُترادي ۽ ڪڇي لهجن ۾ تي استعمال ٿين ٿا، پر اهي آواز صوتيہ طور ڪم نہ ايندا آهن: مثلاً:

| ڪڇي لهجو | اُترادي لهجو | معياري لهجو |
|---|---|---|
| -- | پٽر | پَٽ |
| پتر | پٽر | پُٽ |
| چندر | چَندر | چَنڊ |

---

[ باقي حاشيو پنئين صفحي جو]

حقيقت ۾، صوتياتي اصولن موجب، ڪنهن بہ وينجن کي 'سالم يا اڌ' وينجن ڪوني نٿو سگهجي. 'رَنجن'، لفظ ۾، آخري [ن] ۽ 'ڪنيا' لفظ جي، 'نيہ/(nya) آواز ۾، [ن] ۽ [ي] مرڪب آوازن جو پهريون جز [ن]، ٻئي گُهٽا وينجن (nasal consonants) آهن. انهن ۾ 'سالم' يا 'اڌ' وينجن جي هئڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي، پر انهن وينجنن جي بيان ڪرڻ لاءِ هيئن چئبو تہ: پهريون آواز 'متحرڪ' (having vowel after it) ۽ پويون 'غير متحرڪ يا ساڪن، (vowelless) آهي. سنڌيلو صاحب پوئين [ن] يعني 'ڪنيا' لفظ واري [ن] کي ساڪن 'ن' ٿو ڪوني. ساڪن 'ن' کي اڌ اُچار وارو 'ن' 'ڪيئن' ۽ 'چو' چئبو، تنهن لاءِ ڪوبہ جواز ڏنل نہ آهي. حقيقت هيئن آهي تہ 'رنجن' لفظ ۾ پويون [ن]، انفرادي طور ڪم آيل آهي، ۽ اُن کان پوءِ سُر اُچارجي ٿو، پر ڪنيا لفظ ۾ ڪم آندل [ن]، مرڪب آواز [نيہ] جو پهريون جزَ آهي ۽ ساڪن آهي. اهي ٻئي آواز يعني رنجن لفظ وارو پويون [ن] ۽ ڪنيا لفظ ۾ آيل [ن] سالم آهن، البت ٻنهي جي استعمال ۽ ڪارج ۾ فرق آهي.

اهڙيءَ طرح 'رنجن' لفظ ۾ [ر] کان پوءِ آيل 'ن'، وينجن نہ آهي پر هن جاءِ تي حرف 'ن'، گهٽي سُر [اَن] جي، گهٽي خاصيت کي لکيل صورت ۾ نمايان ڪرڻ لاءِ، لکيل نشاني يا علامت آهي. انهيءَ هنڌ، 'ن' حرف گهٽو نہ آهي، پر 'سر گهٽو' آهي، جنهن جي گهٽائڻ کي لکت ۾ نمايان ڪرڻ لاءِ، 'ن' حرف ان سُر جي پنيان ڏيئي چتائبو آهي تہ هن کان اڳ وارو سُر گهٽو آهي. گهٽي سر ۽ ان جي گهٽائڻ کي نمايان ڪرڻ لاءِ ڪم آندل 'ن' لاءِ ڏسو: اڳتي باب ڏهون.

ڪن صاحبن جي راءِ موجب [ڙ] ۽ [ڻ] ساڳئي گروهہ وارا آواز آهن. هنن جي خيال موجب:[ڻ] ڪنهن قديم دور ۾ [ن] ۽ [ڙ] جي مرڪب مان نهيل آهي. هنن جي راءِ موجب اسان وٽ 'ڻ' ۽ 'ڙ' متبادل ۽ متندڙ اُچار آهن.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[ٽر] ۽ [ڊر] آواز، اُترادي ۽ ڪڇي لهجن ۾ اُچاريا ويندا آهن، پر انهن لهجن ۾ به انهن جو ڪارج صوتيه وارو نه آهي. ڊاڪٽر سنديلي صاحب جو خيال آهي ته 'ٽر ۽ ڊر' مرڪب آواز آهن، ۽ تاريخي لسانيات جي لحاظ کان سنسڪرت جي مرڪب آوازن [تر ۽ در] جون بدليل صورتون آهن، پر اها دعويٰ به قبول ڪرڻ جهڙي نه آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ اُنهن جو اُچار مرڪب آوازن جهڙو نه بلڪ بندشي - گسٽن آوازن جهڙو آهي.

(ت) **پاسيرا (lateral) آواز:** هنن آوازن جي اُچارڻ مهل، ڄڀ جي بيهڪ، مورڌني آوازن جهڙي ٿيندي آهي. ڄڀ جي ڦار جي پٺ، مهار کان تورو پوئتي، وات جي ڇت سان (ڪن ماڻهن جي اُچار جي حالت ۾ ڦار، مهار سان) ملي، هوا جو لنگهه بند ڪندي آهي ۽ نرم تارون، متي ڪڇي بيهي ٿو. آواز جي اُچارڻ لاءِ ڄڀ جي

---

[باقي حاشيو پٺئين صفحي جو]

حقيقت ۾، جيئن اڳ ۾ بيان ڪيو آهي ته [ڙ] ۽ [ڻ] جو مخرج ساڳيو آهي، پر اهي ٻئي ڌار ڌار گروهن وارا آواز آهن. [ڻ] گهٽو مورڌني آواز آهي ۽ [ڙ] ڦڙڪيدار مورڌني آواز آهي. ٻئي الڳ الڳ صوتيه جي حيثيت رکن ٿا. لفظ جي ساخت ۾ ٻنهي جي تبديل (مٽ سٽ)، لفظ جي معنيٰ ۾ فرق آڻي ٿي ؛ مثال طور:

| /ڙ/صوتيه | /ڻ/صوتيه |
|---|---|
| وَڙان | وَڻان |
| راڙون | راڻو |

انهن ٻنهي لفظن جي اُچار ڪرڻ مهل، ٻنهي صوتين ۾ فرق محسوس ڪري سگهجي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ جا ماهر سمجهن ٿا ته [ڻ، ڄ ۽ ڳ] سنڌيءَ کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن به ٻوليءَ ۾ اُچاريا نٿا وڃن پر اهي آواز، لفظن جي وچ ۾ سنڌي ٻوليءَ کان سواءِ هيٺين ٻولين ۾ به عام آهن.

[ڻ] = هنديءَ (پورٻيءَ سميت)، سرائيڪي، مرهٽي، نيپالي، راجستاني، گجراتي ۽ سئيڊش.

[ڄ] = هندي، اردو، گجراتي، سرائيڪي، لڏياني، فرينچ، جديد اطالوي، هسپانوي، ڪمبوجيئن، ٿائي، ملائي ۽ ويٽنامي.

[ڳ] = هندي، اردو، مرهٽي، بنگالي، گجراتي، سرائيڪي، راجستاني، نيپالي، انگريزي، هسپانوي، جرمن ۽ چيني.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪڙي پاسي يا ٻنهي پاسن کان هوا جي لنگهڻ لاءِ خال يا خالي لنگهه رهيل هوندو آهي. هوا ڦڦڙن کان ڌوڪيندي، متي ايندي آهي، ۽ نرم تارونءَ جي متي هٽڻ ڪري، وات واري ڪوپي مان، جڀ جي پاسن کان رهيل خالي لنگهه مان لنگهي، وات مان ٻاهر نڪرندي آهي. اهڙن آوازن کي 'پاسيرا آواز' چئبو آهي. سنڌيءَ ۾ اهڙا آواز آهن: [ل ۽ لهه].

(ٿ) **ڦرٽا يا لرزش وارا (rolled) آواز:** هنن آوازن جي اُچارڻ مهل، جڀ جي نوڪ، مهار سان لڳي، هڪ کان وڌيڪ ڀيرا لرزش (taps) ڪندي آهي. ڦڦڙن کان ايندڙ هوا، نرم تارونءَ جي متي هٽڻ ڪري، جڏهن وات واري ڪوپي مان لنگهندي آهي، تڏهن آواز جي اُچارڻ لاءِ، جڀ جي لرزش ۾ اچڻ سبب، هوا ۾ به لرزش پيدا ٿيندي آهي، ۽ لرزش وارو يعني 'ڦرٽو آواز' ٻڌڻ ۾ ايندو آهي. سنڌيءَ ۾ اهڙو آواز آهي: [ر].[1]

(ٿ) **ڦڙڪٽا (flapped) آواز :** هنن آوازن جي اُچارڻ مهل جڀ، مورڌني آوازن جهڙي بيهڪ وٺندي آهي، ۽ مخرج (مهار کان ڪجهه پريرو ۽ سخت تارونءَ کان اڳيرو) سان لڳي، هڪ ڀيرو ڦڙڪي، اڳتي، هيٺين ڏندن جي پاڙ وٽ اچي، ڌڪ هڻندي آهي. جڀ جي نوڪ جي پٺ ۽ مخرج جو ميلاپ، اک - ڇنڀ لاءِ ٿيندو آهي. وات مان هوا جي گذرڻ وقت ، جڀ جي هڪ دفعي ڦڙڪي (ڦڙڪڻ) سبب، 'ڦڙڪٽو آواز' پيدا ٿيندو آهي. سنڌيءَ ۾ ڦڙڪٽا آواز آهن: [ڙ ۽ ڙهه].[2]

---

(1) سنڌي هندو ۽ حيدرآباد توڙي اُتر سنڌ جا ڪيترائي سنڌي مسلمان، [ر] کي [ڙ] ڪري اُچاريندا آهن. [ر] کي [ڙ] ڪري اُچارڻ جي باري ۾ اڳتي 'ڦڙڪٽن آوازن' (flapped sounds)" هيٺ وڌيڪ تفصيل ڏنو ويو آهي.

(2) سنڌيءَ ۾ ڦڙڪٽي آواز جا ٻه قسم آهن ۽ ٻنهي جا مخرج به ڌار ڌار آهن. هڪڙو مورڌني ڦڙڪٽو آواز آهي ۽ ٻيو مهار وارو ڦڙڪٽو آواز. سنڌي هندو توڙي حيدرآباد ۽ اُتر سنڌ جا ڪي سنڌي مسلمان، مهار واري لرزشدار يا ڦرٽي آواز [ر] کي، مهار وارو ڦڙڪٽو آواز ڪري اُچاريندا آهن، ۽ مورڌني [ڙ] کي [ر] يعني مهار

[باقي حاشيو اڳئين صفحي تي ڏسو]



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ٿ) **گسٽا (fricatives) وينجن آواز** - هن گروهہ وارن وينجن آوازن جي اُچارڻ لاءِ ڳالهائڻ جا عضوا، مخرج وٽ، هڪ ٻئي جي ايترو تہ نزديڪ لڳي بيهن ٿا جو، هوا جي لنگهہ ۾، گُهٽَ (سوڙهہ) ٿيو پوي. ڦڦڙن کان ايندڙ هوا، انهيءَ گهٽيل ۽ سوڙهي لنگهہ مان لنگهڻ ڪري، مخرج وٽ، ڳالهائڻ جي عضون سان گسندي ۽ گهڪو (friction) ڪندي، ٻاهر نڪرندي آهي. نرم تارون متي ڪنيل رهندو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ جيڪي آواز اُچاربا آهن تن کي 'گسٽا آواز'، چئبو آهي. سنڌي ۾ اهڙا آواز آهن : [ف، و، س، ز، ش، خ، غ ۽ هہ].

(ٺ) **بنا گهڪي وارا روان (frictionless continuants) آواز :** هنن آوازن جي اُچارڻ لاءِ، ڳالهائڻ جي عضون جي بيهڪ، 'گسٽن آوازن' جهڙي هوندي آهي. اُچار ڪرڻ مهل هوا جي بلڪل معمولي زور ڪري، گهڪو ڪونہ ٿيندو آهي. سنڌيءَ ۾ هيءُ وينجن ڏار صوتيہ طور ڪم نہ ايندو آهي. برصغير جي ٻين ٻولين (هندي وغيره) ۾، [v] - چپ ۽ ڏندن گاڏئون ڳرو گسٽو وينجن - جي بدران [u] اُچاريندا آهن. سنڌي الف- ب جي پٽيءَ ۾ بہ هن آواز لاءِ ڪو بہ حرف مقرر ٿيل نہ آهي.(1) مثلاً:

---

[باقي حاشيو پنئين صفحي جو]

وارو ڦرٽو آواز ڪري اُچاريندا آهن. مهار واري ڦڙڪٽي آواز ۽ موردني ڦڙڪٽي آوازن لاءِ بين الاقوامي صوتياتي چارٽ ۾ ڌار ڌار اکر مقرر ٿيل آهن، پر سنڌي الف - ب جي پٽيءَ ۾ ٻئي آواز هڪڙي ئي اکر [ڙ] سان لکبا آهن. حالانڪ ٻنهي جو مخرج ڌار ڌار آهي پر ٻئي هڪ ئي صوتيہ طور ڪم اچن ٿا، تنهن ڪري مهار واري [ڙ] کي، موردني [ڙ] جي 'صوتيہ پيچي' (allophone) چئي سگهجي ٿو.

(1) بين الاقوامي صوتياتي چارٽ ۾ انهن آوازن لاءِ هيٺيان اکر مقرر ٿيل آهن:

| | سنڌي حرف | بين الاقوامي |
|---|---|---|
| چپ ۽ ڏندن گاڏئون گسٽو آواز | و | v |
| ٻن چپن ۽ نرم تارونءَ وارو نيم - سر | و | w |
| ٻن چپن وارو بنا گهڪي روان | - | u |



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

v [و] = چپ ۽ ڏندن گاڏئون، ڳرو گسٽو وينجن، جيئن /وڻ/ ۽ /واڍو/ ۾ ابتدائي [و].

w [و] = ٻن چپن ۽ نرم تارونءَ وارو نيم - سر، جيئن /جوا/، /توا/ ۽ /سواگت/ ۾ وچيون [و].

[و] ٻن چپن وارو بنا گھڪي وارو روان، جيئن [v].

(ج) **نيم – سر (semi-vowels)** [1] - نيم سُر، ڳري گسٽي آواز (voiced gliding sound) کي چئبو آهي، جنهن جي اُچارڻ لاءِ ڳالهائڻ جا عضوا هڪڙي 'سُر' جي اُچار کان شروع ٿين ٿا، ۽ يڪدم ٻئي ساڳئي يا وڌيڪ اوچائيءَ (prominence) واري 'سُر' ڏانهن مڙن ٿا. هڪ سر کان، ٻئي سر ڏانهن اُچار لاءِ چپ جي جلدي مڙڻ (موڙ) ڪري، وچان ئي هڪ نئون 'گسڪٽو آواز' (gliding sound) پيدا ٿئي ٿو. اهڙن آوازن کي 'نيم سر' چئبو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام موجب نيم سر هي آهن : [و] ۽ [ي].[2]

[و] جي اُچار لاءِ ڳالهائڻ جا عضوا، [اَ، او يا اُو] سُر کان شروع ٿين ٿا، ۽ رڪجڻ کان سواءِ، يڪدم ٻئي سُر [اَ يا آ] ڏانهن مڙن ٿا. ڳالهائڻ جي عضون جي جلدي مڙڻ ڪري، ڳالهائڻ جي عضون ۾ گھڪو پيدا ٿئي ٿو، ۽ ڳرو گسٽو آواز يعني نيم - سر [و] پيدا ٿئي ٿو.[3] هن کي ٻن چپن ۽ نرم تارونءَ وارو (labio-

---

(1) سنسڪرت ۾ نيم - سر کي "اَنتَهستا" (anta(h) stha) چئبو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي وچ ۾ بيهندڙ (standing between).

(2) سنڌي گرامرن ۾ [و ۽ ي] کي سُر سڏيو ويو آهي. هن نڪتي تي هن ڪتاب جي باب ائين ۾ روشني وڌي وئي آهي.

(3) سنڌي صورتخطيءَ ۾ 'و' حرف، ڏندن ۽ چپ گاڏئون گسٽي آواز [v] جي لکيل صورت طور ڪم اچي ٿو، پر ٻن چپن ۽ تارونءَ واري نيم - سر [w] کي به ساڳئي حرف سان لکيو وڃي ٿو.

مثال طور:

| [v] | [w] |
|---|---|
| هَوا | هُوا (هئا) |
| دوا | توا |
| روات | جوار |



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

velar) نيم - سر چئبو آهي؛ مثال طور:

(i) تئو + آ > توا (tawā)

(ii) ڪُئو + آ > ڪُوا (kuwā) /ڪُئا

(iii) ٻائو + آ > ٻاوا (ḇawā)

(iv) هندو + آڻي > هندواڻي (hindwāni)

(v) ڪانءُ + آ > ڪانوَ (kā̃wa)

(vi) گهاءُ + آ > گهاوَ (ghāwa)

ساڳيءَ طرح [ي] جي اُچار لاءِ، ڳالهائڻ جا عضوا [اِ ۽ اِي] سرن کان شروع ٿين ٿا ۽ رڪجڻ کان سواءِ، يڪدم ٻئي سر [آ ۽ اَ] ڏانهن مڙن ٿا. ڳالهائڻ جي عضون جي جلدي مڙڻ ڪري، ڳالهائڻ جي عضون ۾ گهڪو پيدا ٿئي ٿو، ۽ ڳرو گسڪٽو آواز يعني نيم - سر [ي] پيدا ٿئي ٿو. هن کي سخت تارونءَ وارو نيم - سر چئبو آهي. مثلاً:

(i) ڪر + آن > ڪريان (karyā̃)

(ii) اَڀ + آس > اَڀياس (abhyās)

(iii) شيدي + آڻي > شيدياڻي (shīdyāṇī)

(iv) پاڻي + آٺو > پاڻياٺو (pāṇyātho)

(v) هاري+ آپ > هاريپ (hāryap)

(vi) ڪاٺي + آر > ڪاٺير، ڪاٺيار (kāthyar, kāthiyar)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب پنجون

# سنڌي آوازن جا قسم

## وينجن ۽ انهن جون خاص خصوصيتون:

1. ماهرن ڳالهائڻ جي آوازن کي ٻن مکيه قسمن ۾ ورهايو آهي، اُهي آهن: (الف) وينجن (consonants) ۽ [1] (ب) سُر (vowels).

---

(1) عام طور سنڌي وياڪرڻ جي سيني ڪتابن ۾، consonants لاءِ حرف صحيح ۽ vowels لاءِ حرف علت لفظ ڪم آندا ويا آهن، پر حقيقت ۾ اهي لفظ، علم صوتيات موجب انگريزي لفظن consonants ۽ vowels لاءِ موزون نعم البدل نہ آهن. حرف مان مراد، آواز جي لکيل صورت يعني اکر آهي، ۽ انهيءَ ڪري حرف صحيح معنيٰ آهي consonantal letter، يعني 'وينجن جي لکيل صورت' مثال طور 'ب' حرف، [ب] وينجن جي لکيل صورت آهي، تنهن ڪري 'ب' کي وينجني حرف چئبو، پر [ب] کي وينجن آواز چئبو. هن مان ثابت ٿيو تہ حرف صحيح ۽ حرف علت لفظ consonants ۽ vowels جا موزون نعم البدل نہ آهن. مون هن ڪتاب ۾ انهيءَ ڪري، سنڌي وياڪرڻ جي جديد ڪتابن ۾ ڪم آندل لفظ - وينجن ۽ سُر – ڪم، آندا آهن، ڏسو: انگريزي لفظن

Jhamatmal Wasnani, (1892) New Sindh Grammar, Government Central Book Depot, Karachi: pp 17 and 19. Also see: Whiteney, W.D. 1950 Sanskrit Grammar, Geoferey Cumberlege, London: , pp. 13, 27 and 28

ساڳيءَ طرح اَ، آ، اِ، اِي، اُ، اُو، اي، ايَ او ۽ اَو حرف، [اَ، آ، اِ، اِي، اُ، اُو، اي، اُي، او ۽ اَو] سُرن (vowels). جون لکيل صورتون آهن، تنهن ڪري انهن کي 'سُر صورتون' يا 'سُر نما' اکر vowel leters چئبو ، ۽ نہ ڪ 'سُر' (vowels). اردوءَ ۾ بہ، لسانيات جا ماهر، consonants لاءِ مصَّمت ۽ vowels لاءِ مصَّوت لفظ ڪم آڻيندا آهن، ڏسو: ڊاڪٽر محمود حسن خان، 1961ع، اردو صوتيات کا خاکہ، مقالو، اردو معلي جو لسانيات نمبر، جلد سوم، دهلي يونيورسٽي: ص 111 ۽ 217؛ ۽ پڻ ڏسو: ڊاڪٽر شوڪت سبزواري: 1966ع اردو لسانيات، مکتبہ تخليق ادب، ڪراچي: ص ص 37، 190 ۽ 196

بلڪل ساڳيءَ طرح عربي صوتياتي اصولن موجب بہ consonants ۽ vowels کي مصَّمتہ ۽ مصَّوتہ چئبو آهي. ڏسو:

Khalil. I. Sulemann, 1963, Arabic Phonetics, Translation of Ibn Sina's Risalah, Sh. Muhammad Ashraf Kashmiri Bazar, Lahore: P. 49.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهائڻ جو هر آواز، انهن ٻنهي قسمن مان هڪ ٿي ٿي سگهي ٿو، يعني ڪي آواز 'وينجن' آهن تہ ڪي وري 'سُر' آهن. ابتدائي زماني کان وٺي جڏهن انسان ڳالهائڻ لڳو آهي، تڏهن کان ئي، هر زبان جي صوتياتي نظام ۾ 'وينجن' ۽ 'سُر' ٻئي ضرور موجود هوندا، ڇاڪاڻ تہ سُرن کان سواءِ صرف وينجنن جا ميڙ، پد (syllables) يا لفظ (words) ناهي نٿا سگهن. هڪ يا هڪ کان وڌيڪ سُر گڏجي، ڪو پد يا لفظ ناهي سگهن ٿا، پر هڪ وينجن يا هڪ کان وڌيڪ وينجنن جو ميڙ، سرن کان سواءِ، پنهنجي سر، لفظ يا پد ناهي نٿا سگهن[1]. تنهن ڪري چئبو تہ صوتياتي نظام ۾ وينجن ۽ سر ٻئي ضروري آهن.

**1 ـ وينجن جي وصف:**

وينجن ۽ سر جي اُچارڻ جي طريقي ۾ بہ وڏو فرق آهي، تنهن ڪري لازمي طور ٻنهي جي 'وصف' ۾ بہ فرق هئڻ گهرجي. انهن ٻنهي ۾ فرق جاچڻ لاءِ ٻنهي جي وصف سمجهڻ ضروري آهي. هت في الحال وينجن جي وصف ڏجي ٿي:

---

(1) ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي دعويٰ تہ اسان جي هاٺوڪي زبان جي لفظن جي اڀياس مان معلوم ٿو ٿئي تہ جيئن اڳ تيئن الفاظ حروف صحيح مان بنيل هئا، يعني منجهن حروف علت بلڪل ڪم هئا يا مورڳو نہ هئا. هاٺوڪا بنا حروف علت (ا، و ۽ ي) کان سواءِ الفاظ جهڙوڪ: ٻہ، ٽہ، نہ، مک، ڪڪڙ، مڪڙ ۽ گدڙ، شايد انهيءَ تاريخي اصليت ڏانهن اشارو ڪن ٿا. لفظن جي اهڙي بيهڪ ۽ بناوت جي ماضيءَ جي مطالعي مان پانئجي ٿو تہ عربيءَ جي اثر کان اڳ، سنڌي الفاظ اڪثر حروف صحيح جا مرڪبات هئا.

ڏسو: نبي بخش خان بلوچ ڊاڪٽر: 1962ع 'سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ' حيدرآباد، ص 22

هن ڏس ۾ مسٽر بارٽل جي راءِ نهايت ئي وزندار آهي. هو لکي ٿو.

"Consonants always sound with something, and cannot sound alone. The vowels are also called 'sonants,' because they can sound without the support of anything else." See: Bartil Malmberg, 1963, Phonetics, Dover Publication, INC, New Yourk: p. 65.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وينجن انهن آوازن کي چئبو آهي:

(الف) جن جي اُچار ڪرڻ مهل، ڦڦڙن مان ڌوڪي ايندڙ هوا کي، نڙيءَ ۾ يا وات واري کوپي ۾، ڪنهن خاص هنڌ تي، ڪجهه قدر يا مڪمل طور (سُڪ) روڪي سگهبو آهي.

(ب) جن جي اُچار ڪرڻ مهل، هوا کي جڏهن ڪنهن گهٽيل ۽ تنگ لنگهه مان لنگهڻو پوندو آهي تڏهن گسٽا يا گيسڙي آواز (frictional sounds) پيدا ٿيندا آهن؛ مثال طور: [ف، و، س، ز، ش ۽ ه]

(ت) سيئي وينجن، هلڪا (voiceless) ۽ ڳرا (voiced) ٿيندا آهن.

(ث) وينجنن جي اُچار ڪرڻ مهل، وات واري کوپي ۾، هوا جو لنگهه سُڪ بند ڪري سگهبو آهي؛ مثال طور: ت، ٽ، ب، پ، ٿ، ٺ، د، ڌ، ڊ، ڍ، ڇ، ڄ، ج، جهه، ڪ، ک، گ، گهه ۽ جهه جي اُچار ڪرڻ جي حالت ۾ .

(ج) سيئي گسٽا (گيسڙي) آواز وينجن آهن.

**2ـ وينجنن جون خصوصيتون:**

(الف) <u>هلڪا ۽ ڳرا وينجن</u> (consonants <u>voiceless and voiced</u>):

آوازي تندون (vocal cords) مشڪن جي وسيلي چڪجن ٿيون ۽ ڍريون به ٿين ٿيون جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي. اُهي جڏهن چڪجي هڪ ٻئي سان ملي، هوا جو لنگهه سُڪ بند ڪريو ڇڏين تڏهن ڦڦڙن کان ڌوڪي ايندڙ هوا جي داٻ جي ڪري، آوازي تندون، لرزش ۾ اچن ٿيون، ۽ لرزش جي ئي حالت ۾ هوا کي لنگهه ڏين ٿيون، تنهن ڪري اُهي آواز جن جي اُچارڻ مهل، آوازي تندون مٿي بيان ڪيل طريقي موجب جڏهن لرزش ۾ اچن، تڏهن اهڙيءَ حالت ۾ اُچاريل آوازن کي 'ڳرا آواز' (sounds voiced) چئبو آهي، پر جڏهن آوازي تندون، هڪ ٻئي کان ڇڱيون



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يعني پري هونديون آهن، جنهن ڪري سندن وچ ۾ هڪ خال ٺهي پوندو آهي، تڏهن ڦڦڙن کان ڏوڪي ايندڙ هوا، اُن خال مان آسانيءَ سان لنگهي ويندي آهي. اهڙي حالت، جنهن ۾ آوازي تندون تحرڪ ۾ نہ ايندڙيون هجن يعني لرزش نہ ڪنديون هجن، تڏهن اهڙيءَ حالت ۾ اُچاريل آوازن کي، هلڪا (voiceless) آواز چئبو آهي[1].

انهيءَ بيان مان پڌرو ٿيو تہ وينجن آواز، 'هلڪا' بہ ٿين ٿا تہ 'ڳرا' بہ. ڪن ڪن آوازن جا ٻئي جوڙ يعني هلڪا ۽ ڳرا وينجن، سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام ۾ موجود آهن. هر 'هلڪو آواز'، پنهنجي 'ڳري جوڙيدار آواز' سان مناسبت رکي ٿو. مختصر طور ائين ڪٿي چئجي تہ سنڌي صوتياتي نظام ۾، ڪيترائي ڳرا آواز ملن ٿا جيڪي هلڪن آوازن جا 'جوڙ' (counter parts) ٿي ڪم ايندا آهن. اُهي هلڪا ۽ ڳرا آواز، ساڳئي مخرج (point of articulation) تان، ۽ ساڳيءَ ريت اُچاربا آهن: مثال طور:

[ت] ۽ [د] آواز، هڪ ٻئي جا جوڙيدار آواز آهن. [ت] ڏندن وارو، هلڪو ڌوڪڻو آواز آهي، ۽ [د] ڏندن وارو، ڳرو ڌوڪڻو آواز آهي.[2] اهي ٻئي آواز ساڳئي نموني ۽ ساڳئي مخرج وٽ اُچاربا آهن. اهڙيءَ طرح سيني 'ڳرن' ۽ 'هلڪن' وينجنن جي لڙهي، سندن جوڙن سميت يا سندن جوڙن کان سواءِ هيٺ ڏجي ٿي:

---

(1) پروفيسر پيرومل، ڳرن آوازن کي 'ڪٺور' يا 'سخت' آواز، ۽ هلڪن آوازن کي 'ڪومل' يا 'نرم' اکر سڏيو آهي؛ ڏسو: پيرومل، مهر چند آڏواڻي: 1925ع، مهر چند وڏو سنڌي ويا ڪرڻ، هندو پريس، حيدرآباد: ، ص 2

(2) سنڌي ماهرن [ت] ۽ [د] کي 'نرم' (soft) آواز سڏيو آهي، پر [ت ۽ د] کي 'ڳرا' (hard) آواز سڏيو اٿن. ڏسو: نبي بخش خان بلوچ ڊاڪٽر : جامع سنڌي لغات، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد: ص 7. ڊاڪٽر صاحب جي اها راءِ مٿي ڏنل لڙهيءَ سان پيٺي درست ڪرڻ گهرجي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| هلڪا | ڳرا | هلڪا | ڳرا | هلڪا | ڳرا |
|---|---|---|---|---|---|
| پ | ب | -- | ٽ | چ | ج |
| ڦ | ڀ | -- | ٺ | ڇ | جھ |
| -- | ٻ | -- | ر | | |
| -- | م | -- | ڙ | -- | ڄ |
| -- | مھ | -- | ڙھ | -- | ڃ |
| ت | د | -- | ل | -- | ي |
| ٿ | ڌ | -- | لھ | ف | و |
| ٽ | ڊ | ڪ | ک | س | ز |
| ٺ | ڍ | گ | گھ | ش | -- |
| -- | ڏ | -- | ڳ | ھ | -- |
| -- | ن | -- | ڱ | خ | غ |
| -- | نھ | -- | -- | ق | -- |

هلڪن ۽ ڳرن آوازن جي وچ ۾ جيڪو فرق آهي سو علم صوتيات ۾ نمايان حيثيت ٿو رکي. ڪيترائي پڙهيل ماڻهو اهو فرق محسوس ڪري نه سگهندا آهن. خود مقامي ماهرن به انهن جي وچ واري فرق تي ڪوبه توجهه ڪونه ڏنو آهي، جيئن مٿي ڏنل بيان مان ظاهر آهي.

**(ب) وسرگائي (aspiration):** وينجن آوازن جي ٻي خصوصيت 'وسرگائي' (aspiration) آهي. هيءَ خصوصيت نه فقط سنڌي زبان جي صوتياتي نظام ۾ اهم حصو ادا ڪري ٿي، پر هند و پاڪ جي سيني آريائي زبانن، غير آريائي زبانن ۽ قديم يونانيءَ ۾ به هيءَ خصوصيت نظر اچي ٿي.[1] وسرگ (aspirated) آواز، انگريزي ٻوليءَ ۾ به ملن ٿا[2]، پر سنڌيءَ ۽ انگريزيءَ جي وسرگائيءَ ۾

(1) Allen, W.S., Phonetics of Ancient India, P. 20
Ibid. 1957. Some Phonlogical Characteristcs of Rajasthani, B.S.O.A.S., Vol. xx, p.5
(2) Grierson, A.C., 1964, An Introducation to the Pronunciation of English, Edward Arnold (Publisher) LTD, London: P. 146



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خاص فرق هيءُ آهي تہ انگريزي زبان جي صوتياتي نظام ۾، وسرگائي 'اصواتي' (phonemics) نہ آهي، يعني انگريزي ٻوليءَ ۾ وسرگائي، صوتياتي (phonemics) ڪارج ادا نٿي ڪري، پر سنڌي ٻوليءَ ۾ 'وسرگائي' صوتي آهي؛ يعني سنڌي صوتياتي نظام موجب [پ] جو 'وسرگ' جوڙيدار آواز (aspirated counter part) [ڦ] آهي، پر انگريزيءَ ۾ ائين نہ آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ وسرگ وينجن آواز، ڌار صوتيہ (phoneme) جي حيثيت رکن ٿا، پر انگريزي ٻوليءَ ۾ وسرگ آواز، ڌار صوتيہ طور ڪم نٿا اچن. مطلب تہ سنڌي ٻوليءَ جي صوتايتي نظام موجب [پ] ۽ [ڦ] بہ ڌار ڌار صوتيہ[1] (phonemes) آهن. ڪن بہ لفظن جي ساخت ۾، انهن ٻنهي صوتين جي استعمال سان يا ٻنهي صوتين کي سندن خاص جاءِ تان بدلائڻ جي ڪري، يعني هڪ جي بدران ٻيءَ صوتيہ جي ڪم آڻڻ سان، انهن لفظن جي معنيٰ بہ بدلبي آهي. هيٺ ڏنل مثالن مان معلوم ٿيندو تہ ڪنهن بہ لفظ جي 'شروع' يعني مُنڍ واري يا 'وچينءَ' حالت ۾، /پ/۽/ڦ/ صوتيہ (Phonemes) بدلائڻ ڪري، لفظ جي معنيٰ بہ بدلجي ويندي آهي؛ مثلاً

(i) شروع واري يعني ڪنهن بہ لفظ جي مُنڍ ۾ ڪم آيل صوتيہ جي تبديل:

| اوسرگ صوتيہ | وسرگ صوتيہ |
|---|---|
| /ڪ / ڪپ | /ک / کَپ |
| /ٽ / ٽپ | /ٺ/ ٺپ |

(1) صوتيہ (phoneme) — مٿي صوتيہ لفظ ڪم آندو ويو آهي. صوتيہ (phoneme) ۽ صوت (sound) ۾ فرق آهي. صوتيہ جي وصف هن ريت آهي:

صوتيہ، ساڳين صوتي آوازن جي هڪ جماعت (ڊينيئل جونز هن کي family of sounds سڏيو آهي) آهي. اهي آواز، هر ٻوليءَ ۾، سيني هڪجهڙن آوازن سان فرق ڏيکارين ٿا، ۽ ساڳئي وقت اهي آواز پاڻ ۾ علحدگي بہ رکن ٿا، يعني هڪجهڙا نہ آهن. اهي سڀيئي ڌار ڌار آواز، جيڪي گڏجي هڪ ئي صوتيہ ناهين ٿا، اهڙن آوازن کي 'صوتيہ ياتي' (allophones) چئبو آهي.

(هيءَ وصف، بلاڪ ۽ ٽرئگر جي ڪتاب تان ورتي وئي آهي)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| /پ / پر | /ڦ/ ڦر |
| /چ / چنڊ | ڇنڊ |

(ii) وچين صوتيہ ۾ تبديل:

| اوسرگ صوتيہ | وسرگ صوتيہ |
|---|---|
| کَکِ | کَکِ |
| لُچ | لُڇ |
| لَٺِ | لٺ |

انهن مثالن ۾ /ڪ ۽ ک/، /ٽ ۽ ٺ/، /پ ۽ ڦ/ ۽ /چ ۽ ڇ/ ساڳئي گروهہ وارا يعني ڌوڪٽا آواز آهن، پر اهي آواز هڪ ٻئي سان فرق رکن ٿا، تنهن ڪري هڪجهڙا نہ آهن، ۽ انهن جي ڪم آڻڻ سان، لفظن جون معنائون بہ بدلجن ٿيون.

(i) **وسرگائي (aspiration)** ڇاکي ٿو چئجي؟: اهو هڪ اهم سوال اهي تہ وسرگائي ڇا آهي؟ يا 'وسرگ آواز' ڇا کي ٿو چئجي؟ اها تہ هڪ مڃيل ڳالهہ آهي تہ آوازن جي اُچارڻ مهل، ڦڦڙن کان ايندڙ هوا جو زور، ڪن حالتن ۾ ججهو ٿيندو آهي تہ ڪن حالتن ۾ وري گهٽ ٿيندو آهي. هوا جو زور، 'پيٽ ڇهہ' (diaphragm) جي وسيلي ڏنل زور تي مدار رکي ٿو. جڏهن هوا جي داٻ ۾ زور گهٽو هوندو آهي، ۽ هوا جي لنگهہ ۾ رڪاوٽ يا رنڊڪ پيل هوندي آهي، تڏهن انهيءَ رنڊڪ يا رڪاوٽ (occlusion) جي 'هٽڻ يا ڇٽڻ' سان، هوا جي 'ڦوڪ' (puff of breath) هڪدم آواز جي پويان، ان سان گڏوگڏ، ٻاهر ڌوڪيندي ايندي آهي. هوا جي انهيءَ 'ڦوڪ' کي 'وسرگائي' (aspiration) چئبو آهي.[1] اُهي آواز جن سان هوا جي ڦوڪ گڏجي ايندي آهي يعني شامل هوندي آهي تن کي 'وسرگ آواز' (aspirated sounds) چئبو آهي. اهڙا آواز آهن: [ڦ، ڀ، مهہ، ٿ، ڌ، ٺ، ڍ،

(1) Bloch, B. and Trager, G.L. 1942, Outlines of Linguinstic Analysis, Linguistic Society of America, Baltimore: pp. 43 44.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٺھ، ٿھ، ڇ، جھ، ڙھ، ک، گھ ۽ لھ]

انهن آوازن جي وسرگائي محسوس ڪرڻ جو آسان طريقو هي آهي تہ وسرگ آوازن جي اُچارڻ مهل، هٿ جي پٺ، چپن جي ويجهو جهلجي. آوازن جي اُچارڻ وقت، هوا جي ڦوڪ يعني وسرگائي، هٿ جي پٺ تي محسوس ڪبي آهي.

اهڙيءَ طرح اُهي آواز، جن سان هوا جي ڦوڪ گڏيل نہ هوندي آهي، تن کي 'اوسرگ' (unaspirated) آواز چئبو آهي. اهڙا آواز هي آهن: [پ، ب، م، ت، د، ٽ، ڊ، ڻ، ن، چ، ج، ڙ، ڪ، گ، ۽ ل] وغيره.

ڪن ماهرن جي خيال موجب [جهہ] ۽ [گهہ] مرڪب اکر آهن، (1) جيڪي [ج] ۽ [هہ] يا [گ] ۽ [هہ] جي گڏيل آوازن جي نمائندگي ڪن ٿا، پر اُهي اکر يعني پ، ٽ، چ ۽ ڪ وغيره جن سان 'هہ' گڏيل نہ آهي، تن لاءِ وري ڪي صاحب هي رايو ڏيندا آهن تہ اهي بہ مرڪب اکر آهن، پر انهن اکرن مان پهرئين اکر ۾ 'هہ' سمائجي يعني مدغم ٿي چڪي آهي(2)؛ بين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ /ت+ هہ> ٿ/ ۾ 'هہ' بلڪل سمائجي چڪي آهي، تنهن ڪري اهڙن ماهرن جي خيال موجب 'ٿ' ، 'ڌ' ۽ 'ڇ' وغيره جي 'وسرگائي' ظاهر ڪرڻ لاءِ بنيادي حرفن سان 'هہ' اکر ملائڻ جي ضرورت ڪانهي.

سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام جي مطالعي ۾، وسرگ آوازن جي مطالعي لاءِ اهڙا نظريا ڪابہ اهميت نٿا رکن. وسرگ آوازن جي اهڙي نظرئي متعلق برصغير هندو پاڪ جو لسانيات جو وڏو ماهر، پروفيسر سُنتي ڪمار چٽرجي لکي ٿو:

(1) شوڪت سبزواري: اردو لسانيات، حوالو اڳ ۾ ڏنل آهي، ص ص 101، 103 ۽ 104 ؛ ۽ پڻ ڏسو: ڊاڪٽر محمد حسين خان: مقالو اردو صوتيات ڪا خاڪہ، اردو معلىٰ، لسانيات نمبر، حوالو مٿي ڏنل آهي ، ص 111

(2) شوڪت سبزواري ڊاڪٽر: ص 49 تي ڏنل حوالو ٻيو. ايضاً ، ص 106.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"The aspirated stops-kh, gh, ch, jh, th, dh, ph and bh –were felt by the ancient Indian phoneticians as compounded sounds, made of the stops element accompanied by emission of breath (usman prana), hence they were called mahaprana, i.e,. 'gread breath' or 'much breath' sounds. In adopting the Persio-Arabic script for Hindi in India, the aspirates were indicated by the letters for the stops plus هہ= h (1)

نتيجي طور چئي سگهجي ٿو تہ [جهہ] ۽ [گهہ] يا [ڀ، ڦ، ٿ، ڌ، ٺ، ڍ، ڇ ۽ ک]، مرڪب آوازن جون لکت ۾ صورتون نہ آهن، پر اهي بہ منفرد اکر آهن. انهن ۾ 'ھ' حرف، ڪنهن ڌار آواز جي نمائندگي نٿو ڪري، جو ڪٽي چئجي تہ [ج+ھ] گڏيل يا مرڪب اکر آهي. دراصل 'جھ' حرف ۾، 'ھ' نشاني، وسرگائيءَ جي موجودگيءَ جو اُهڃاڻ ڏئي ٿي، تنهن ڪري اهڙن اکرن يعني جهہ ۽ گهہ کي گڏيل يا مرڪب اکرن جون لکيل صورتون سڏڻ درست نہ آهي. سنڌي صورتخطيءَ ۾، نڙگهٽ واري گسٽي آواز [ھ] کي، مرڪب آواز جي لکيل صورت ۾ پويون جز ٿي ڪم اچڻ وقت، سڃاڻپ لاءِ، مرڪب اکر جي پهرينءَ اکر مٿان جزم ڏني ويندي آهي. هيٺ هڪ مثال ڏجي ٿو، جنهن ۾ وسرگائي ڏيکاريندڙ 'ھ' ۽ مرڪب آواز جي لکت واريءَ صورت ۾ ڪم ايندڙ پوئين اکر 'ھ'، جي پيٽ ڪئي وئي آهي:

| لفظ | وسرگ آواز جي لکيل صورت | لفظ | مرڪب آوازن جي لکيل صورت |
|---|---|---|---|
| سمهي | مهہ | سنھي | [ن +ھہ] |
| جهرڪي | جهہ | جھَنم | [ج+ھہ] |
| گهُر | گهہ | گهِرو | [گ+ھہ] |

(1) Chatterji, S.K. 1942, Indo-Aryan and Hindi, Gujrat Vernacular Society, Ahmedabad: p. 256


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متئين بحث مان هي نتيجو ٿو نڪري ته ڦ، ڀ، مھ، ٿ، ٺ، ڌ، ڍ، ڙھ، نھ، ڇ، جھ، ک، گھ، ڙھ ۽ لھ اکر، مرڪب آوازن جون لکيل صورتون نه آهن، پر اُهي حرف، منفرد وسرگ آوازن جي لکت واريءَ صورت جي نمائندگي ڪن ٿا. انهن مان مھ، نھ، ڙھ، جھ، ڙھ، لھ ۽ گھ ۾، 'ھ' حرف جي وسيلي، وسرگائي نمايان ڪئي وئي آهي، پر ڀ، ٿ، ٺ، ڌ، ڍ ۾ زائد نقطا ڏيئي انهن جي وسرگائي ظاهر ڪئي وئي آهي.

اهڙيءَ طرح 'ک' حرف به وسرگ آواز جي نمائندگي ڪري ٿو پر اُن لاءِ ڌار صورت ٺاهي وئي آهي.

انهيءَ ڇنڊڇاڻ کان پوءِ، وسرگ ۽ اوسرگ آوازن جو تفصيل هن ريت پيش ڪري سگهجي ٿو:

| هلڪا: اُوسرگ | هلڪا: وسرگ | ڳرا: اوسرگ | ڳرا: وسرگ |
|---|---|---|---|
| پ | ڦ | ب | ڀ |
|  | -- | م | مھ |
| -- | -- | ٻ | -- |
| ت | ٿ | د | ڌ |
| ٽ | ٺ | ڊ | ڍ |
| -- | -- | -- | -- |
| -- | -- | ڙ | ڙھ |
| -- | -- | ڏ | -- |
| -- | -- | ن | نھ |
| چ | ڇ | ج | جھ |
|  | -- | ڄ | -- |
| -- | -- | ڃ | -- |


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڪ | ک | گ | گھ |
| -- | -- | گ | -- |
| -- | -- | ڳ | -- |
| -- | -- | ل | لھ |
| -- | -- | ڙ | ڙھ |
| ف | -- | و | -- |
| س | -- | ز | -- |
| -- | -- | -- | -- |
| ش | -- | -- | -- |
| -- | -- | ي | |

حاصل مطلب تہ سنڌي صوتياتي نظام ۾ وينجن ۽ سُرَ ٻئي اهم حصو ادا ڪن ٿا. ٻنهي جي خاص خاُص خصوصيتن جي مطالعي کان پوءِ چئبو تہ علم صوتيات جو هيءُ حصو ڏاڍو دلچسپ ۽ معلومات وڌائيندڙ آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب ڇهون

## سنڌي وينجنن جو بيان

سنڌي صوتياتي نظام موجب، ڪوبہ وينجن، ديسي لفظن ۾ (سواءِ ڪن صرفي بناوتن جي) لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ استعمال نہ ٿيندو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾، هر لفظ جي آخري صورت ۾، هميشه ڪونہ ڪو سر ڪم ايندو آهي، جنهن کي 'اعراب' چئبو آهي. لفظن جي ساخت ۽ رچنا ۾، انهن وينجنن جي عمل ۽ استعمال جو واسطو 'علم الاصوات' (phonology) سان آهي، پر هن باب ۾، 'علم صوتيات' جي صرف ابتدائي معلومات ڏجي ٿي تہ جيئن پڙهندڙن کي ابتدائي ڄاڻ ملي سگهي.

**1- ڌوڪڻا وينجن** (**plosive consonants**): هن گروهہ وارن آوازن جي وصف ۽ سندن بيان اڳ ۾ اچي چڪو آهي. ڌوڪڻا يا ڌماڪيدار وينجن، ڪل ايڪيهہ آهن. انهن جي اُچار جا مخرج ڇهہ آهن، يعني هر مخرج موجب ڌوڪڻا وينجن هي آهن:

ٻن چپن وارا، ڏندن وارا، مورڌني، سخت تارونءَ وارا، نرم تارونءَ وارا ۽ نرم تارونءَ کان پوئين حصي وارا.

(الف) انهن مخرجن وارن سيني ڌماڪيدار وينجنن کي، هلڪن يا ڳرن، اَوسرگ يا وسرگ قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. انهن ۾ [ق] کان سواءِ، جو ٺي رڳو هلڪو ڌوڪڻو وينجن آهي ۽ اڪيلوئي آهي[1]، باقي سڀ ڌماڪيدار وينجن، هڪ ٻئي جا هلڪا ۽ ڳرا، اوسرگ ۽ وسرگ جوڙ آهن. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ هر سنڌي ڌماڪيدار وينجن، هلڪو اوسرگ يا هلڪو وسرگ، ڳرو

(1) هي آواز، عربي ٻوليءَ جي اثر کان، سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام ۾ داخل ٿيو آهي. ڪي ماڻهو هن آواز جو اُچار [ڪ] ڪندا آهن. [ق] فقط ڪن پڙهيل ماڻهن جي اُچار ۾ ممڪن آهي، پر انهن جي اُچار ۾ بہ مخرج جو فرق رهندو آهي. اُتر سنڌ توڙي لاڙ جا اڪثر ماڻهو، [ق] جو اُچار، [ڪ] ڪندا آهن.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوسرگ  يا ڳرو وسرگ هوندو آهي. مثال طور:

| هلڪا: اوسرگ | هلڪا: وسرگ | ڳرا: اوسرگ | ڳرا: وسرگ |
|---|---|---|---|
| پ | ڦ | ٻ | ڀ |
| ٽ | ٺ | ڊ | ڍ |
| ت[1] | ٿ | د | ڌ |
| ڪ | ک | گ | گھ |
| چ | ڇ | ج | جھ |
| ق | -- | -- | -- |

(ب) سيبئي ڏوڪٽا يا ڏماڪيدار وينجن، لفظن جي مُنڍَ (initial) ۽ وچ (medial) ۾ ڪم ايندا آهن، پر ڪنهن به لفظ جي آخر ۾ ڪو نہ اُچاربا آهن.

**2- چوسٽا وينجن (implosives consonants):** سنڌي صوتياتي نظام موجب اهي (چوسٽا) ڪل چار وينجن آهن:

ٻن چپن وارو يعني [ٻ]، مورڌني يعني [ڏ] ، سخت تارونء وارو يعني [ڄ] ۽ نرم تارونء وارو يعني [ڳ] . اهي چارئي ڳرا ۽ اوسرگ وينجن آهن. سندن هلڪو جوڙ ڪو نہ ٿئي، ۽ نڪو وري ڪو سندن وسرگ جوڙ ئي ممڪن آهي: مثال طور:

| هلڪا: اوسرگ | هلڪا: وسرگ | ڳرا: اوسرگ | ڳرا: وسرگ |
|---|---|---|---|
| -- | -- | ٻ | -- |
| -- | -- | ڏ | -- |

(1) عربيءَ ٻوليءَ جي صوتياتي نظام موجب [ط] ڏوڪٽو آواز آهي. سنڌيءَ ۾ اُن جو اُچار [ت] ۾ تبديل ڪيو آهي، ۽ [ط] جو اُچار، عربيءَ وانگر ، سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ ممڪن نہ آهي. [ض] عربيءَ ٻوليءَ ۾ [ص] جو ڳرو جوڙ آهي، پر سنڌيءَ ۾ اهو آواز گسٽي آواز [ز] وانگر اچاربو آهي.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | | |
|---|---|---|---|
| -- | -- | ڄ | -- |
| -- | -- | ڳ | -- |

اهي چارئي چوسٽا وينجن، ڏماڪيدار وينجنن وانگر، لفظن جي منڍ ۽ وچ ۾ ڪم ايندا آهن.

**3- نڪوان يا گهڻا وينجن (nasal consonants):** سنڌي صوتياتي نظام موجب گهڻا وينجن، ڪل پنج آهن:

ٻن چپن وارو يعني [م]، مهار وارو يعني [ن]، موڙڏني يعني [ڻ]، سخت تارونءَ وارو يعني [ڄ] ۽ نرم تارونءَ وارو يعني [ڱ]. اهي سڀ ڳرا وينجن آهن. گهڻا وينجن، اوسرگ ۽ وسرگ جوڙن ۾ بہ تقسيم ڪري سگهجن ٿا. ٻن چپن وارو [م]، مهار وارو [ن] ۽ موڙڏني [ڻ]، اوسرگ ۽ وسرگ جوڙن [م ۽ مھ، ن ۽ نھ، ڻ ۽ ڻھ] تي ڪم ايندا آهن. جيتوڻيڪ سنڌي الف - ب واريءَ پٽيءَ ۾، گهڻن وسرگ ويجنن لاءِ ڪوبہ اکر شامل ڪيل نہ آهي، مثال طور:

| ڳرا | | هلڪا | |
|---|---|---|---|
| وسرگ | اوسرگ | وسرگ | اوسرگ |
| مھ | م | -- | -- |
| نھ | ن | -- | -- |
| ڻھ | ڻ | -- | -- |

[م، ن، ڻ، ڄ ۽ ڱ] ويجنن مان فقط بہ، يعني ٻن چپن وارو [م] ۽ مهار وارو [ن] گهڻا وينجن، لفظن جي رچنا ۾، اُنهن جي منڍ ۾ ڪم ايندا آهن، باقي ٽي گهڻا وينجن يعني موڙڏني



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[ڻ]، سخت تارونءَ وارو [ڄ] ۽ نرم تارونءَ وارو [ڱ] ، سنڌي ٻوليءَ جي ڪنهن به لفظ جي منڍ ۾ ڪم نٿا اچن، پر لفظن جي وچينءَ صورت ۾ اهي، پنج ئي گهُٽا وينجن، ڪم ايندا آهن؛ مثلاً:

| ابتدائي صورت | وچين صورت |
|---|---|
| من | نمر |
| نر | رن |
| -- | وڻ |
| -- | پڄ[1] |
| -- | مڱ |

**4 - گسٽا (گهڪيدار) وينجن (fricative consonants):** سنڌي ٻوليءَ ۾، گسٽا يعني گهڪيدار وينجن، اٺ آهن. انهن جو تفصيل هنريت آهي: چپ - ڏندن گاڏئون، يعني [ف ۽ و]، مهار وارا يعني [س ۽ ز] ، سخت تارونءَ وارا يعني [ش ۽ ي] ، نرم تارونءَ ڪان پونير، يعني [خ] ۽ گلي وارو يعني [هه] وينجن. انهن ۾ چپ - ڏندن گاڏئون، مهار وارا، ۽ نرم تارونءَ ڪان پونير حصي وارا وينجن، هڪ ٻئي جا هلڪا ۽ ڳرا جوڙ ٺي ڪم ايندا اهن؛ اهي سڀ اوسرگ آواز آهن.

اڳ ۾ چيو ويو آهي ته سنڌي صوتياتي نظام ۾، ڪي عربي آواز به داخل ٿي چڪا آهن، حالانڪ انهن مان اڪثر آوازن جو مخرج ۽ انهن جي اُچار جو ڍنگ، سنڌي ٻوليءَ ۾، عربي صوتياتي نظام وارو بلڪل نه آهي، پر تنهن هوندي به اُهي

(1) لاڙ جي جاتي تعلقي واري لاڙي لهجي ۾، هڪ لفظ 'جوڄڻ'، اُچاربو آهي. 'جوڄڻ'، رسيءَ جي اُن ٽڪري کي چوندا آهن جيڪو ان طرف جون عورتون، مال کي ڏهڻ وقت، مينهن يا ڳئون جون پويون ٽنگون ٻڌڻ لاءِ ڪم آڻيندييون آهن. ٿي سگهي ٿو ته اهو لفظ اصلي صورت ۾ 'نوڄڻ' هجي جيڪو ان حصي ۾ بدليل اُچار (variant) ۾ 'جوڄڻ' طور ڪم آندو ويو هجي.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آواز، موجوده وقت سنڌي ٻوليءَ ۾، وينجن جي حيثيت رکن ٿا، ۽ سنڌي صوتياتي نظام جو حصو بڻجي ويا آهن. اهڙا اُڌارا ورتل گسٽا آواز آهن:

هلڪو چپ - ڏندن ڳاڏئون گسٽو آواز [ف]

ڳرو ڦار - مهار وارو گسٽو آواز [ز]

هلڪو ڪاڪڙي وارو (عربي اصول موجب) [خ]

جنهن جو سنڌيءَ ۾ مخرج، نرم تارونءَ کان پوئير حصو آهي

ڳرو، ڪاڪڙي وارو (عربي اصول موجب) [غ] آواز جنهن جو سنڌي ٻوليءَ ۾ مخرج نرم تارونءَ کان پوئير حصو آهي، پر سنڌي ماڻهن جي اڪثريت، [غ] جو اُچار [گ] ڪندي آهي.

انهن کان سواءِ سنڌي الف — ب جي پٽيءَ ۾، 'ح' ۽ 'ع' اکر پڻ شامل ڪيا ويا آهن. اهي اکر عربي آوازن جي نمائندگي ڪن ٿا. انهن جو عربيءَ جي صوتياتي نظام موجب مخرج، 'نڙي' (pharynx) آهي. انهيءَ ڪري ماهرن انهن آوازن کي، نڙيءَ وارا 'pharyngal' آواز سڏيو آهي. اهي آواز، 'گفتگو واري سنڌي ٻوليءَ' (spoken language) ۾ اُچاري نٿا سگهجن، البت سنڌيءَ ۾ اُڌارن ورتل عربي لفظن جي 'لکت' ۾ ڪم اچن ٿا. انهن جو بيان هن ريت ڪري سگهجي ٿو:

(i) [ح] جو بيان:

(الف) [ح] جو سنڌيءَ ۾ متبدل آواز [ھ] آهي، جيڪو اُڌارن ورتل عربي لفظن ۾، [ح] جي بدران، شروع ۽ وچينءَ صورت ۾ ڪم آڻبو آهي، مثال طور:


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | عربيءَ ۾ اُچار | سنڌيءَ ۾ اچار |
|---|---|---|
| منڍ واري صورت | حاڪم | هاڪم |
| | حوض | هوز، هود |
| وچين صورت | ساحل | ساهل |
| | ساحر | ساهر |
| پڇاڙيءَ واري صورت | روح | رو، روھ |
| | ملاح | ملا، ملاھ |

(ب) ڳڻيل وينجنن ۾، /ح/ ڪڏھن لفظ جو پھريون جز تہ ڪڏھن وري پويون جز ٿي ڪم ايندو آھي. عربي ٻوليءَ ۾ اھڙا مرڪب جوڙ، لفظن جي ساخت ۾، وچين ۽ آخري صورت ۾ ڪم ايندا آھن، پر سنڌيءَ ۾، اھڙن اُڌارن لفظن ۾ ڪم آندل مرڪب وينجنن جي وچ ۾ vowel يعني 'سُر' ڪم آڻي، انھن کي ٽوڙيو ويندو آھي، مثلاً:

| | عربي اُچار | سنڌي اُچار |
|---|---|---|
| وچين صورت | اَحوال | اَھيوال |
| | تحقيق | تھيقيق |
| آخري صورت | بحر | بَھرَ، بَھرِ |
| | صبح | سبھ، سُبو |
| | فتح | فتھ، فتي |

(ii) [ع] جو بيان:

(الف) اڳ ۾ ٻڌايو ويو آھي تہ نڙيءَ جي مٿئين حصي مان خارج ٿيندڙ ڳري ڳھڪيدار، عربي آواز لاءِ، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪوبہ


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متبادل آواز ڪونهي. اُچار ڪرڻ وقت، [ع] کي گم ڪيو ويندو آهي، ۽ اُن جي پويان ايندڙ سُر، [ع] جي بدران اُچاريو ويندو آهي: مثلاً:

| | عربي لفظ | سنڌي اَچار | |
|---|---|---|---|
| منڍ واري صورت | عِلم | اِلمِ | (اِ-لِمِ) |
| | عرش | اَرش | (اَ-رِ-ش) |
| | عِيد | اِيد | (اِي-دَ) |
| وچين صورت | شاعر | شائِر | (شا+اِ-ر) |
| | باعث | باعِث | (با+اِ-س) |
| آخري صورت | شفيع | شفي | (ش+اَ+ف+اِي) |
| | ممنوع | ممنُو | (م+اَ+م+نو) |

(ب) مرڪب وينجن ۾ [ع] جو استعمال:

| | عربي | سنڌي اَچار |
|---|---|---|
| وچين صورت | اِنعام | اِنام |
| | اَفعال | اَفال |
| آخري صورت | شمع | شَمَ |

5- **پاسيرا وينجن:** اهي بہ آواز آهن، جيڪي بئي ڳرا آواز آهن، ۽ بنهي جو مخرج موردن آهي. بئي وينجن، اوسرگ ۽ وسرگ جوڙن ۾ بہ استعمال ڪري سگهبا آهن. البت سنڌي الف – ب جي پٽيءَ ۾ اُن جي وسرگ جوڙ [لھ] کي داخل نہ ڪيو ويو آهي. فقط [ل] آواز ئي لفظن جي ابتدائي ۽ وچينءَ صورت ۾ ڪم ايندو آهي، ۽


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[لهہ] جو استعمال لفظ جي وچ ۾ ممڪن آهي.

**6- ڦرٽا يا لرزشدار وينجن:** هيءُ فقط هڪ آواز آهي. ان جو مخرج مهار آهي. هن جو وسرگ جوڙ ڪونہ ٿئي. لفظن ۾ ابتدائي توڙي وچينءَ صورت ۾ ڪم ايندو آهي.

**7- ڦڙڪٽا وينجن:** هن گروهہ وارا وينجن، سنڌيءَ ۾ ٽي آهن. ٿيئي ڳرا آواز آهن. انهن جو مخرج (مورڌن ۽ مهار) آهي.

مورڌني ڦڙڪيدار وينجن، اوسرگ ۽ وسرگ قسمن ۾ ورهايل آهي. اهي وينجن، لفظن ۾ فقط وچينءَ صورت ۾ ڪم ايندا آهن، يعني تہ ابتدائي صورت ۾ ڪم نہ ايندا آهن؛ مثال طور:

| ابتدائي صورت | وچين صورت |
|---|---|
| -- | ماڙي |
| -- | چاڙهي |

البت 'ڙي' ۽ 'اڙي' بہ اهڙا لفظ آهن، جيڪي 'حالت ندا' جي صورت ۾ ڪم ايندا آهن. انهن لفظن ۾ 'ڙ' وينجن، لفظ جي ابتدائي صورت ۾ ڪم ايندو آهي.

**8- نيم سر :** سنڌي صوتيات موجب نيم-سر بہ آهن. انهن مان هڪ آهي [ي]. [ي] سخت تارونءَ وارو نيم سر آهي ۽ ٻيو نيم سر [و] آهي. اهو چپن ۽ نرم تارونءَ وارو [و] نيم سر آهي. انهن ٻنهي کي نيم- سر چئبو آهي. [ي]، لفظن جي منڍ ۽ وچ، يعني ٻن صورتن ۾ ڪم ايندو آهي، ۽ [و] بہ لفظن جي مُنڍ ۽ وچينءَ صورت ۾، گسڪڻي آواز (gliding sound) طور نهندو آهي. چپن ۽ نرم تارونءَ واري نيم سر ۽ چپ - ڏندن ڳاڏئون گهڪيدار وينجن [و] لاءِ ، سنڌي الف - ب جي پٽيءَ ۾ هڪ ئي حرف ڏنل آهي، يعني ٻئي آواز، هڪ ئي اکر 'و' سان لکيل صورت ۾ نمايان ڪيا آهن، پر ٻنهي جي اُچار ۾ وڏو فرق آهي، ۽


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي ڏار ڏار صوتيہ طور ڪم اچن ٿا، مثلاً:

| چپ – ڏندن گاڏئون گهڪيدار وينجن [v] | نيم سر [w] |
| --- | --- |
| هَوا | هُوا، هئا |
| دعوا | ٻاوا |
| دوا | توا |

سامهون وينجنن جو چارٽ شامل ڪجي ٿو، جنهن جي مدد سان وينجنن جي قسمن، گروهن انهن جي مخرجن ۽ خصوصيتن جي باري ۾ تفصيلي معلومات ملي سگهي ٿي.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## باب ستون

# سُرَ جو اڀياس

1. گذريل باب ۾ آوازن کي، ٻن قسمن، يعني وينجن ۽ سر ۾ ورهايو ويو آهي. اهو به ڄاڻايو ويو آهي ته سُرن جي مدد کان سواءِ ڪنهن به ٻوليءَ ۾، پد يا لفظ نهي نٿو سگهي. هڪ يا هڪ کان وڌيڪ سر گڏجي، ڪو پد يا لفظ، ٺاهي سگهن ٿا، پر هڪ وينجن يا هڪ کان وڌيڪ وينجنن جو ميڙ، سرن جي ميل کان سواءِ، پنهنجي سر ڪو به 'پد' يا 'لفظ' ٺاهي نٿا سگهن.

گذريل باب ۾ اهو به چيو ويو آهي ته سُرن کي ته پنهنجي سر اُچاري سگهجي ٿو پر سُرن جي مدد کان سواءِ ڪوبه وينجن، پنهنجي سر هرگز اُچاري نه سگهبو آهي.[1] انهيءَ ڪري چئبو ته صوتياتي نظام ۾، سرن کي گهڻي اهميت ۽ وڏو دخل حاصل آهي.

هن کان اڳ، سنڌي ڪتابن ۾، سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام ۾، سُرن بابت عجيب ۽ حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهيون بيان ڪيون ويون آهن. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ته اهو به بيان ڪيو ويو آهي ته:

”اسان جي هاڻوڪيءَ زبان جي لفظن جي اڀياس مان معلوم ٿئي ٿو ته جيئن اڳ تيئن الفاظ، 'حروف صحيح' سان ٺهيل هئا، يعني ته منجهن حروف علت بلڪل ڪم هئا، يا مورڳو نه هئا“[2].

انهيءَ کان سواءِ، سنڌي وياڪرڻ جي ڪتابن ۾ 'ڊگهن' ۽ 'ڇوٽن' سرن کي به عجيب نالن، يعني مجهول ۽ معروف نالن سان ڪوٺيو ويو آهي،[3] جيتوڻيڪ ڊاڪٽر ٽرمپ، ديوان وسناڻي،

(1) Bartil Malmberg, `Phonetics,` Op., Cit., P. 65

۽ ٻڻ ڏسو: واحد بخش شيخ: 1956ع، سنڌي صرف نحو، آر - ايچ - احمد برادرز، حيدرآباد، ص 5

(2) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ، حوالو اڳ ۾ ڏنو ويو آهي. ص 22

(3) واحد بخش شيخ: ص 9- 10



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديوان پيرو مل ۽ مرزا قليچ بيگ انهن کي ڏگها ۽ چوٽا سر سڏيو آهي.

ايندڙ باب ۾، وينجنن جي باري ۾ ڪي وڌيڪ نڪتا تفصيل سان بيان ڪيا ويا آهن، پر هن باب ۾ ڏسڻو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام ۾، وينجنن وانگر، سُرن جي اهميت ڪهڙي آهي؟ جيڪي بزرگ ائين چون ٿا تہ: ”عربيءَ جي اثر کان اڳ، سنڌي الفاظ اڪثر حروف صحيح جا مرڪبات هئا،“ يعني سنڌي ٻوليءَ جا لفظ، سرن کان سواءِ ئي نهندا هئا، تن ماهرن شايد ’واٽڪ اکرن‘ يعني ’لنڊا اکرن جي لکيت‘ کي ڏسي، اهڙي راءِ قائم ڪئي آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو رايو:”واٽڪي الف – ب، جي سٽاء، جڻ انهيءَ قديم زماني جي يادگار آهي“(1) ۽ انهيءَ جو ثبوت آهي.

دراصل ڪنهن بہ ٻوليءَ جي لکت واري صورت، ان ٻوليءَ جي گفتگو واريءَ ٻوليءَ جي نمائندگي نٿي ڪري سگهي.(2) سنڌي ڪتابن ۾ اهڙا ڪيترائي لفظ ملن ٿا جن جي لکيل صورت ائين نہ آهي، جيئن اُهي لفظ ڳالهائجن ٿا، يعني اُهي ائين ڪونہ ٿا لکجن جيئن اُهي ڳالهائجن ٿا، مثلاً:

| ڳالهايل صورت | لکيل صورت |
|---|---|
| امب | انب |
| گججو | گنجو |
| مشي (لاڙڪاڻي جو اَچار) | مڇي |
| پَتر | پَٽِ |
| بپ | پيپ |
| بميور | پنيور |

سنڌي صورتخطيءَ ۾ ’ٻہ، ٽہ، نہ، مک، نٽ، ڪڪڙ، مڪڙ ۽ گدڙ،‘ لفظن جي لکيل صورت ۾ ’الف‘ ’و‘ ۽ ’ي‘ جي غير

(1) بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ. ص 22

(2) Bloomfield, L., 1961 ,Language Georege Allen Unwin LTD, London: p. 21



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موجودگيءَ جي ڪري، سنڌ جي عالمن انهن لفظن کي 'بنا سر' (بنا حروف علت) لفظ سڏيو آهي. هن سلسلي ۾ انهن لفظن جي ساخت تي 'سنڌي صورتخطي'، ڪتاب ۾ بحث ڪيو ويو آهي. هن ڏس ۾ سراج الحق ميمڻ صاحب اهي لفظ انگريزيءَ ۾ لکي، سُرن جي موجودگي ثابت ڪئي آهي، جيئن: kukuṛu (ڪڪڙ)، gidaṛu (گدڙ) وغيره. (سنڌي ٻولي: 1964)[1] ۾ 'ا' ، 'و' ۽ 'ي' صورتن تي علم صوتيات جي روشنيءَ ۾ خيال آرائي ڪئي وئي آهي.

هيٺ چچنامي ۾ ڏنل لفظن جي هڪ لڙهي ڏني وَئي آهي. اهي لفظ، عربن جي آمد کان به اڳ، سنڌ ملڪ ۾ رائج هئا. انهن لفظن ۾ اَڻ سُر تہ ڪَرَ ڪنيو بيٺا آهن. پوءِ به اها دعويٰ تہ: "سنڌيءَ ۾ عربن جي حڪومت کان اڳ سُر هئائي ڪين ۽ اهي سنڌي صوتياتي نظام ۾ عربي جي اثر ڪري داخل ٿيا آهن"[2]، هڪ بي بنياد راءِ آهي، مثال طور:

| لفظ | هجي | سُر |
|---|---|---|
| لاڪا | ل + آ — ڪ+آ | آ |
| ٺَڪُرَ | ٺ+اَ-ڪ+اُ-ر+اَ | اَ۽ اُ |
| جَتَ | ج+اَ-ت+اَ | اَ |
| سَما | س+اَ-م+آ | اَ ۽ آ |
| سَهِتا | س+اَ-ه+اِ-ت+آ | اَ +اِ+آ |
| لوهاڻا | ل+اَو-ه+آ-ڻ+اَ | اَو ۽ آ |
| موڪيو | م+او-ڪ+اِ-ي+او | او ۽ اِ |
| جَلوالي | ج+اَ-ل+اِ-و+آ-ل+اي | اَ، اِ، آ ۽ اِي |
| بيٺ | ب+اي-ٺ+اَ | اي ۽ اَ |

مٿين لفظن جي جائزي کان پوءِ، اهو پڌريءَ پٽ چئي سگهجي ٿو تہ عربيءَ جي اثر کان اڳ، سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام ۾ هيٺيان سر موجود هئا:

---

(1) غلام علي الانا، ڊاڪٽر: سنڌي صورتخطي، ڇاپو ٽيون، ص ص 110 ۽ 111

(2) ڊاڪٽرنبي بخش خان بلوچ، حوالو اڳ ۾ ڏنو ويو آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اَ، آ، اِ، اِي، اُ، اُو، اي ۽ او.

اڄ بہ اهي ئي سر، سنڌي ٻوليءَ ۾ اُچاريا وڃن ٿا. انهن جي اُچار جي نموني ۽ عربي ٻوليءَ جي ساڳين سُرن جي اُچار جي نموني، ۽ اُچار وقت ڄڀ جي بيهڪ ۾ گهڻو فرق آهي. انهن انن سُرن کان سواءِ، سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ 'يڪپدا ڌهرا سر' (Diphthongs) [اَي ۽ اَو] بہ اُچاريا ويندا آهن. انهن ٻنهي سرن جي موجودگيءَ تي بہ ڪجهہ لکڻ جي ضرورت آهي. ايندڙ بابن ۾ انهن جي باري ۾ روشني وڌي وئي آهي. هت نتيجي طور چئبو تہ قديم دور کان وٺي، موجوده وقت بہ سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام ۾ جيڪي سر شامل آهن اُهي ڪل ڏهہ آهن؛ جيئن:

اَ، آ، اِ، اِي، اُ، اُو، اي اَيَ، او ۽ اوَ

**2- سر جي وصف:**

سنڌي وياڪرڻ جي ماهرن، 'سُر' جي جيڪا وصف ڏني آهي اها علم صوتيات جي جديد اصولن موجب قبول ڪرڻ جهڙي نہ آهي. ديوان پيرومل سُر کي 'حرف علت' نالو ڏيندي، اُن جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو:

"حرف علت معنيٰ ضعيف يا بيمار اکر. اهي برابر ڪمزور آهن ڇاڪاڻ تہ اهي پنهنجو اُچار سولائيءَ سان ٿا بدلائين."

ديوان صاحب اڳتي لکي ٿو تہ: "علت معنيٰ بيماري بہ آهي، تنهن ڪري ڪي چون تہ حرف علت معنيٰ بيمار اکر ۽ حرف صحيح معنيٰ چڱا ڀلا اکر. اِهي معنائون وٺبيون تہ چئبو تہ جيئن بيمار ماڻهو ڀاڙمرادو ڀيو ڪرڪندو ۽ ڪنجهندو آهي، تيئن حرف علت بہ ڀاڙمرادو آواز ڪن ٿا، باقي حرف صحيح چڱن ڀلن وانگر ماٺ ڪيو ويٺا آهن"(1)

ساڳيءَ طرح سنڌ جي هڪ ٻئي عالم، واحد بخش شيخ،

(1) پيرو مل آڏواڻي: 1925ع، وڏو سنڌي وياڪرڻ، ڀاڱو 2، ص 10


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُر جي وصف بيان ڪندي لکيو آهي:

”علت جي معنيٰ آهي بيماري، چاڪاڻ تہ ’واي‘ بيمار ماڻهوءَ جي صدا آهي تنهن ڪري انهن ٽن حرفن، و، ا ۽ ي کي علت جا حرف سڏجي ٿو“[1]

شيخ صاحب اجا بہ اڳتي لکي ٿو:

”علت معنيٰ اهو لفظ جو وجهہ يا سبب بيان ڪرڻ لاءِ استعمال ڪجي“ [2]

اهي وصفون، موجوده علمي دور، جنهن ۾ لسانيات جي علم جي ڄاڻ جي لحاظ کان قبول ڪرڻ جهڙيون نہ آهن. صوتيات جي جديد علم موجب ’سر‘ جي جيڪا وصف مقرر ڪئي وئي آهي سا هيٺ ڏجي ٿي:

”سُر هڪ ڳرو آواز آهي، جنهن جي اُچارڻ مهل، هوا، نڙيءَ ۽ وات واري ڪوپي مان، هڪ ’روان لهر‘ (continuous stream) جي روپ ۾ لنگهندي آهي. هوا جي ’نڪرڻ‘ يعني ’گذري وڃڻ‘ وقت، هوا کي نہ ڪتي ڪا ’رڪاوٽ‘ ٿيندي آهي (يعني روڪيو ويندو آهي) ۽ نہ ئي وري مخرج وٽ، اُچار دوران، اُن جي لنگهہ ۾ ڪا ’سوڙهہ‘ يا ’گُهٽ‘ يا رُڪاوٽ، وجهي سگهبي آهي، جنهن جي ڪري هوا جي لنگهڻ مهل، ’گُهٽَ‘ (رڪاوٽ) يا لنگهہ وٽ ڪو گهڪو ٿئي. جنهن آواز ۾ اهي سڀئي خصوصيتون موجود هجن، تنهن کي ’سُر‘ (vowel)چئبو آهي.“ [3]

---

(1) واحد بخش شيخ: سنڌي صرف و نحو، حوالو اڳ ۾ ڏنل آهي، ص 4

(2) ايضاً، ص 160

(3) مورڏني سُرن جي باري ۾ ڊينيئل جونز لکي ٿو:

Jones, D., Op. Cit., P. 15
Vowels may be retroflexed, i.e. pronounced with retroflex modification. In making retroflex vowels, the main body of the tongue is held as far as ordinary vowels but the tip of the tongue is simultaneously curled up towards the hard palate with lateral contraction., see:Daried Jones, D. Op. Cit., P. 215



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### 3- سرن جي اُچارڻ ۾ ڪم ايندڙ ڳالهائڻ جا عضوا:

سنڌ جي اڪثر ماهرن هيستائين اهو ڪٿي به ڄاڻايو نه آهي ته جيئن وينجنن جي اُچارڻ ۾ ڳالهائڻ جا ڪي عضوا ڪم اچن ٿا، تيئن سُرن جي اُچارڻ لاءِ به ڳالهائڻ جا ڪي عضوا ڪم ايندا آهن. هن باب ۾ اهو به ٻڌايو ويو آهي ته سُرن جي اُچارڻ ۾ ڳالهائڻ جا ڪهڙا ڪهڙا عضوا عمل ڪن ٿا. سُرن جي اُچار ڪرڻ لاءِ جيڪي عضوا ڪم اچن ٿا، اُهي آهن:


چپ، ڄڀ جو مهڙ، ڄڀ جو پوڇڙ، ڄڀ جي مهڙ ۽ پوڇڙ جو وچترو حصو، سخت تارون ۽ نرم تارون.

سرن ۾ به ڪي 'گڻ' ۽ 'خاصيتون' ٿينديون آهن. انهن خاصيتن جو مدار ڄڀ جي بيهڪ تي آهي. ڄڀ جي چوٽيءَ جو، سُرن جي گڻن يا خاصيتن توڙي انهن جي ڌار ڌار قسمن ۾ ڪوبه دخل هوندو نه آهي، البت سُرن جي موروثي خاصيت جيڪا سُرن ۾ ڪن پر وارن آوازن جي اثر ڪان پيدا ٿئي ٿي، اُن جو مدار ڄڀ جي نوڪ جي 'بيهڪ' تي آهي، جيئن مٿي 'مور ڌني سرن' جي باري ۾ راءِ ڏني وئي آهي.

سُرن جي ڌار ڌار قسمن جي اُچار ڪرڻ مهل، ڄڀ جيڪا بيهڪ وٺي بيهي ٿي تنهن جو جائزو، آرسيءَ جي سامهون بيهي، وٺي سگهجي ٿو. چپن جي 'گول ٿيڻ'، 'اڻگول ٿيڻ'، 'پکڙجڻ' يا 'وچتري' صورت وٺڻ، نرم تارونءَ جو 'هيٺ لهڻ' يا 'مٿي کڄڻ'، سان سُرن جي گڻن يا خاصيتن تي وڏو اثر ٿئي ٿو.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 4 - سُرن جا قسم (classification of vowels) :




سرن جي قسمن جو مکيہ مدار ڄڀ جي چاڙهہ (raising of the tongue) ، يعني ڄڀ جو وات جي ڇت · ڏانهن مٿي (تارونءَ طرف جيترو ممڪن ٿي سگهي، اوترو مٿي) کڄڻ ۽ ’ڄڀ جي لاٿ‘ (falling of the tongue) (جيترو ممڪن ٿي سگهي تارونءَ کان اوترو هيٺ لهڻ)، ۽ ڄڀ جي حصي (مهڙ يا پوڇڙ) جو، تارونءَ ڏانهن ’مٿي کڄڻ‘ ۽ تارونءَ کان ’هيٺ لهڻ‘ تي آهي. پهرينءَ خصوصيت، يعني ڄڀ جي اوچائيءَ ۽ لاٿ، جي لحاظ کان، ماهرن سرن کي ٻن قسمن ۾ ورهايو آهي[1]:

(الف) گهتيل سر (close vowels) ۽ (ب) کليل سر (open vowels). انهن ٻنهي قسمن جو وڌيڪ تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

(i) ڄڀ جي اوچائيءَ يا لاٿ جي لحاظ کان — ڄڀ جي اوچائيءَ يا لاٿ جي لحاظ کان، ماهرن سُرن کي ٻن مکيہ قسمن ۾ تقسيم ڪيو آهي. اُهي آهن: گهتيل سر ۽ کليل سر.

(1) Jones, D. Op, Cit, P. 15



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(**الف**) **گهٽيل سر:** گهٽيل سر، انهن سرن کي چئبو آهي جن جي اُچارڻ ۾ جيڀ (خاص حصو يعني مهڙ يا پوڇڙ)، وات جي ڇت ڏانهن، يعني تارونءَ ڏانهن، ايتريءَ اوچائيءَ تائين مٿي کڄڻ، جيتري اوچائي ممڪن ٿي سگهي. هنن سُرن جي اُچارڻ لاءِ جيڀ ايترو مٿي کنيل هوندي آهي جو جيڀ جي مٿي کنيل حصي ۽ وات جي ڇت واري حصي (سخت تارون يا نرم تارون) جي وچ ۾، تمام سوڙهو ۽ تنگ لنگهه نهي پوندو آهي. ڦڦڙن کان ڌوڪي ايندڙ هوا جڏهن اُن سوڙهي لنگهه مان لنگهندي آهي تڏهن سوڙهي لنگ ۾ 'گُهٽَ' ٿيڻ سبب، اُچار ڪرڻ مهل، 'گُهٽيل' يعني 'دبيل' آواز ٻڌڻ ۾ ايندو آهي. هوا، جي لنگهڻ وقت ڪو به گهڪو ڪونہ ٿيندو آهي. اهڙن آوازن کي 'گهٽيل سر' يعني close vowels چئبو آهي، اهڙن سرن جي اُچارڻ مهل، نرم تارون مٿي کڄي، نڪ واري ڪوپي جو لنگهه بند ڪندو آهي، جنهن ڪري سموري هوا وات واري ڪوپي مان لنگهدي آهي. اهڙيءَ حالت ۾ اُچاريل سرن کي، 'گُهٽيل صاف سر' (close soft vowels) چئبو آهي. سنڌي ٻوليءَ جا سُر [اِي ۽ اُو] ، گُهٽيل صاف سُرن، جا مثال آهن.

(**ب**) **کليل سر (open vowels) :** کليل سر، انهن سرن کي چئبو آهي جن جي اُچار ڪرڻ ۾، جيڀ (خاص حصو مهڙ ۽ پوڇڙ)، وات واري ڪوپي ۾، جيترو ممڪن ٿي سگهي اوترو تارونءَ کان هيٺ لهي ٻيهندي آهي. انهيءَ ڪري هوا جو لنگهه ڪافي 'کليل' رهندو آهي. ڦڦڙن کان ايندڙ هوا، اُن کليل ۽ ويڪري لنگهه مان آسانيءَ سان لنگهي سگهندي آهي، ۽ اُن جي لنگهڻ مهل، کليل آواز ٻڌڻ ۾ ايندو آهي. نرم تارون مٿي کڄي، نڪ واري ڪوپي جو لنگهه بند ڪندو آهي، انهيءَ ڪري هوا وات واري ڪوپي مان ٻاهر نيڪال ٿيندي آهي. اهڙي نموني سان اُچاريل سُرن کي 'کليل صاف سر' (open soft vowels) چئبو آهي. سنڌي ٻوليءَ جو [آ] سر، 'کليل صاف سر' جو مثال آهي.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متي ڏنل بيان مان ظاهر آهي تہ ڄڀ کي، وات جي ڇت (سخت ۽ نرم تارون) ڏانهن، گهٽيل سرن جي اُچارڻ لاءِ، ڪنهن خاص ممڪن اوچائيءَ تائين متي کڻڻ سان، يا کليل سرن جي اُچارڻ لاءِ، اُن (ڄڀ) کي جيترو ممڪن ٿي سگهي اوترو هيٺ لاهڻ سان، سر، بہ خاصيتون وٺن ٿا. انهن مان پهرين خاصيت وارن سرن کي، اهڙيءَ طرح ڄڀ جي 'ڪڇڻ' يا 'لهڻ' جي ڪري سُرن جون هينيون خاصيتون ڇاڻايون ويون آهن.[1]

(الف) گُهٽيل سر (close vowels)، (ب) اڌ گُهٽيل سر (half close vowels) چئبو آهي.

(ب) اڌ کليل (half open) سر ۽ (پ) کليل (open vowels) سر[2]. انهن چئني قسمن جو بيان هيٺ ڏجي ٿو:

(**الف**) **گهٽيل سُر:** هن قسم وارن سرن جي وصف متي بيان ڪئي وئي آهي. سنڌي ٻوليءَ جا [اِي ۽ اُو] سر، هن قسم وارا آهن.

(**ب**) **اڌ گهٽيل سر:** هي اُهي سر آهن جن جي اُچارڻ لاءِ ڄڀ، گهٽيل سرن جي اُچار ڪرڻ لاءِ ممڪن اوچائيءَ کان 1/3 حصو هيٺ لٿل هوندي آهي، ۽ کليل سرن جي اُچار ڪرڻ لاءِ ڄڀ جي ممڪن ٻيهڪ کان 2/3 حصو متي کنيل هوندي آهي. سنڌي ٻوليءَ جا [اي]، [او]، [اِ] ۽ [اُ] سر، اڌ گهٽيل سر آهن، البت [اي] ۽ [او] جي اُچار لاءِ ڄڀ، 'اڌ گهٽيل' واري ٻيهڪ کان هيٺيرو هوندي آهي، ۽ [اِ ۽ اُ] جي اُچار جي حالت ۾، ڪجهہ متيرو هوندي آهي، جيئن باب انين ۾ ڏنل شڪل مان معلوم ٿيندو.

(**ت**) **اڌ کليل :** هن قسم وارن سرن جي اُچارڻ ۾ ڄڀ، گهٽيل سرن واريءَ ٻيهڪ کان، 2/3حصو هيٺ، ۽ کليل سرن واريءَ حالت ۾ ورتل ٻيهڪ کان 1/3حصو متي ٻيهڪ وٺندي آهي. سنڌي ٻوليءَ

---

(1) Jones, D., Op. Cit. P.15

(2) امريڪي ماهرن گهٽيل، اڌ گهٽيل، اڌ کليل ۽ کليل لاءِ low high, mid-high, high vowels ۽ low vowels نالا ڪم آندا آهن.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو [اَ] سر، اڌ کليل سر آهي؛ البت هي سر اڌ کليل بيهڪ کان ڪجهه هيٺيرو اُچاربو آهي.

**(ث) ڪليل سر (open vowels):** سرن جي هن قسم جي وصف مٿي بيان ڪئي وئي آهي. سنڌيءَ جو سر [آ]، ڪليل سر جو مثال آهي.

**5- ڄڀ جي حصن موجب سرن جا قسم:**

ڄڀ جي حصن يعني مهڙ يا پوچڙ جو مٿي تارونءَ طرف کڄڻ جي لحاظ کان، ماهرن سرن کي هيٺين قسمن ۾ ورهايو آهي:

(الف) مُهڙ وارا سر (front vowels)، (ب) پوچڙ وارا سر (Back vowels) ۽ (ت) وچترا سر (Central vowels). هر هڪ قسم جو تفصيل وار بيان هيٺ ڏجي ٿو.

**(الف) مهڙ وارا سر (front vowels)** : اُهي سر جن جي اُچارڻ لاءِ ڄڀ جو مهڙ مٿي سخت تارونءَ ڏانهن کڄي، ۽ يا ان جي سامهون هيٺ لهي بيهي. ڄڀ جي اهڙيءَ بيهڪ واريءَ حالت ۾ اُچاريل سرن کي 'مهڙ وارا سر' چئبو آهي. [اِي] ۽ [اي] سر، سنڌي ٻوليءَ جا مهڙ وارا سر آهن. ڄڀ جو مهڙ جڏهن سخت تارونءَ ڏانهن مٿي کڄي، هوا جي لنگهه ۾ 'سوڙهه' يا 'گُهٽ' پيدا ڪندو آهي، اهڙيءَ حالت ۾ اُچاريل سرن کي 'مهڙ وارا گهٽيل سر' (close front vowels) چئبو آهي، پر جڏهن ڄڀ جو مهڙ، ڪافي هيٺ لهي، سخت تارونءَ ۽ ان جي وچ ۾ ڪافي ويڪرو لنگهه ڇڏي ، اهڙيءَ حالت ۾ اُچاريل سرن کي مهڙ وارا ڪليل سر (open front vowels) چئبو آهي.

**(ب) پوچڙ وارا سر (back vowels)** : اُهي سر، جن جي اُچار ڪرڻ لاءِ ڄڀ جو پوچڙ (back of the tongue)، نرم تارونءَ ڏانهن مٿي کڄي، يا اُن جي سامهون هيٺ لهي بيهي، ڄڀ جي اهڙيءَ بيهڪ جي حالت ۾ جيڪي سر اُچاريا ويندا آهن، تن کي پوچڙ


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وارا سر (Back vowels) چئبو آهي. سنڌي ٻوليءَ جا [اُو، او ۽ آ] سر، پوئِڙ وارا سر آهن. مهڙ وارن سرن وانگر، پوئِڙ وارا سر به ٻن خاصيتن ۾ ورهائي سگهجن ٿا: پوئِڙ وارا گهٽيل سر ۽ پوئِڙ وارا کليل سر.

**(ب) وچٿرا سر (Central vowels):** هنن سرن جي اُچارڻ مهل، ڄڀ جي بيهڪ وچٿري هوندي آهي، يعني مهڙ ۽ پوئِڙ ٻنهي جي وچوارو حصو. وات جي ڇت جي سخت تارون ۽ نرم تارونءَ جي وچٿري حصي سان ميلاپ ڏيکاريندو آهي. سنڌي ٻوليءَ جا [اِ، اُ ۽ اَ] سر، وچٿرا سر آهن.

**6- چپن جو ڍول (Lip position):**

سرن جي ڳڻن (quality) جو جيتوڻيڪ گهڻو مدار ڄڀ جي بيهڪ تي آهي، پر تنهن هوندي به 'چپن جي ڍول' جو به سرن جي خاصيتن تي گهڻو اثر ٿئي ٿو. سرن جي اُچارڻ وقت، چپ ٽن صورتن مان هڪ صورت وٺندا آهن. مثال طور [اِي ۽ اي] جي اُچار لاءِ چپ، پکڙيل (spread) رهندا آهن. [اُ، اُو ۽ او] جي اُچارڻ مهل چپ، 'گول' (rounded) ٿي ويندا اهن، ۽ [اِ ۽ آ] جي اُچار ڪرڻ وقت چپ 'وچٿرا' (neutral) رهندا آهن.

اُهي سُر، جن جي اُچارڻ ۾ چپ 'پکڙيل' يا 'وچٿرا' هوندا آهن، انهن کي 'پکڙيل' يا 'وچٿرا' سر چئبو آهي، پر اُهي سر جن جي اُچارڻ ۾ چپ 'گول' ٿيندا آهن، تن کي 'گول سر' (rounded vowels) چئبو آهي.

هت اهو به ڄاڻائڻ ضروري آهي ته چپن جي گولائيءَ جا وري به 'درجا' (gradations) آهن[1]:

(الف) هڪ اُهو درجو جنهن ۾ گول ٿيڻ وقت چپ بلڪل

(1) Jones, D., Op. Cit., P. 39



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

’سوڙها پچيل‘ هجن، يعني چپن وارو گول بلڪل سوڙهو هوندو آهي، اهڙيءَ گولائيءَ کي ’گهٽيل گولائي‘ (close rounding) چئبو آهي.

(ب) ٻيو اهو درجو آهي جنهن ۾ چپ بلڪل ’پچيل‘ نہ هجن، يعني چپن وارو گول گهٽو کليل هجي. اهڙيءَ گولائيءَ کي ’کليل گولائي‘ (open rounding) چئبو آهي.

**7- سيٽيل (tensed) ۽ ڍرا (released) سر:**

ماهرن جي نظر ۾، سرن جون اِهي خاصيتون بہ اهميت واريون آهن. انهن ٻنهي خاصيتن جو مدار، چپن ۽ ڄڀ جي ’سيٽجڻ‘ ۽ ’ڍري ٿيڻ‘ تي آهي. چپ ۽ ڄڀ، مشڪن جي وسيلي ڇڪجي ۽ ڍرا ٿين ٿا. ’سيٽيل سر‘ اُهي آهن جن جي اُچار ڪرڻ مهل، ڄڀ جون مشڪون ڪافي ڇڪجن ٿيون ۽ چپ پکڙجن ٿا. جيئن سنڌي لفظ /جيت/ ۾، [اِي] سر جي اُچارڻ مهل، ڄڀ جون مشڪون ڇڪجن ٿيون. اهڙيءَ حالت ۾ ’چپ پکڙيل‘ صورت وٺن ٿا.

’ڍرا سر‘ اُهي آهن جن جي اُچار ڪرڻ مهل ڄڀ جون مشڪون ڍريون رهن ٿيون؛ جيئن سنڌي لفظ /جِت/ ۾ [اِ] سر جي اُچارڻ ۾، ڄڀ جون مشڪون [اِي] سر جي ڀيٽ ۾ ڍريون رهن ٿيون.




sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب ائون

## سنڌي سُرن جو بيان

1. گذريل باب ۾ سرن جي قسمن ۽ اُنهن جي اصولن، ڪان سواءِ سرن جي اُچارڻ مهل، ڄڀ جي بيهڪ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. هن باب ۾، متي بيان ڪيل اصولن جي آڌار تي، هيٺ ڏنل چارٽ (diagram) جي مدد سان، سرن جي اُچار ڪرڻ مهل، ڄڀ جي بيهڪ جو ذڪر ڪيو ويندو.




هن چارٽ ۾ دنيا جي زبانن لاءِ بنيادي سرن (cardinal vowels) جي اُچار ڪرڻ وقت ڄڀ جي بيهڪ O = سنڌي سرن جي اُچار وقت ڄڀ جي بيهڪ

لکت ۾ اهو بيان ڪرڻ تمام مشڪل آهي تہ هڪ سر، ٻئي سر کان ’گڻ‘ يا خاصيت جي ڪري ڪيئن ۽ ڪهڙو فرق ٿو رکي. سرن جي گڻن ۽ خاصيتن ۾ فرق محسوس ڪرڻ لاءِ، انهن جو اُچار ٻڌڻ ضروري آهي. اُنهن سرن جي ’گونج‘ (acoustic value) جي پوري خبر تڏهن پوندي، جڏهن انهن کي درست نموني اُچاريو ويندو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن بہ ٻوليءَ جي سرن جي مطالعي ۽ اُنهن جي اُچار ڪرڻ لاءِ بهتر ٿيندو تہ انهن کي 'بنيادي' (cardinal) سرن سان ڀيٽجي، ۽ انهن جي اُچار ڪرڻ مهل، ڄڀ جي ٻيهڪ جاچجي، ۽ متي ڏنل چارٽ ۾ ان جا نشان ڪجن. متي ڏنل خاڪي ۾ • نشان، بنيادي سرن جي حالت ۾ ڄڀ جي ٻيهڪ، نمايان ڪري ٿو، ۽ O نشان، سنڌي ٻوليءَ جي سرن جي اُچار واريءَ حالت ۾، ڄڀ جي ٻيهڪ ڏيکاري ٿو. مذڪور چارٽ جي روشنيءَ ۾ چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪل ڏهہ سُر آهن؛ جيئن :

اِي، اِ، اي ، اُو، اُ، او، اَ، آ، ايَ ۽ اَو[1]

سرن جي متين ترتيب، متي ڏنل چارٽ موجب رکي وئي

(1) مون لنڊن يونيورسٽيءَ ۾، ايم – اي لاءِ پيش ڪيل پنهنجيءَ ٿيسز ۾ اهو ڄاڻايو هو تہ [اَي ۽ اَو] عربيءَ جي اثر ڪان، سنڌي صوتياتي نظام ۾ داخل ٿيا آهن، البت اهو ضرور ڄاڻايو هُئم تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ [اَي ۽ اَو] جو اُچار ، عربيءَ جي [اَي ۽ اَو] جي اُچار کان گهٽو ٻيءَ طرح يعني مختلف آهي. ائين بہ ڄاڻايو اٿم تہ ڪي ماڻهو [اَي ۽ اَو] کي، [اَئي ۽ اَئو] بہ اُچاريندا آهن. هن ڏس ۾ وڌيڪ مطالعي کان پوءِ ائين معلوم ٿيو آهي تہ [اَي ۽ اَو] بہ نج سنڌي (Indigenous) 'يڪپدا دهرا سر' (diphthongs) آهن، جيڪي سنڌيءَ کان سواءِ، هند آريائي ٻولين ۾ بہ ملن ٿا. انهيءَ باري ۾ ڊاڪٽر بنارسيداس لکي ٿو:

"Indo-Iranian had four diphthongs: ai, au, āi, and āu, by the time of the Pratishakhyas were composed, ai, au had become simple long vowels e and o (Macdonell, Vedic Grammar, 15 – 16) . The tendency seems to have been open the second elements so that ai, au became ae, ao. This was actually the case in Avesta where /daeva/ and/ karanaoti/ correspond to Indian /de:va / and / krnoti/ respectively. Later the first element /a/ became fainter and fainter till simple / e: / or / o: / was the result. Along with this the qualitative change, also, may have begun simultaneously i.e. the /a/ tended towards /e,o/ and finally combined with the second /e,o/.

see: Benarsidas Jain, 1934, A Phonology of Punjabi and a Ludhiani Phonetic Reader, Ph.D. (Thesis) Submitted to the University of London, Published by the University of Punjab, Lahore: p.39.

(باقي حاشيو اڳئين صفحي تي ڏسو)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، جنهن کي سُرن جي جزن ۽ ممڪن جوڙن موجب هيٺين مقرر ڪري سگهجي ٿو:

اَ، آ، اِ، اِي، اُ، اُو، اي، ايَ، او، ۽ اَو.

**2- سنڌي سرن جي تقسيم:**

سنڌي سرن جي مٿي ڏنل بيان ڪان پوءِ، انهن کي هيٺينءَ ريت تقسيم ڪري سگهجي ٿو:

(**الف) سادا سر (pure vowels)** : سادا سر انهن سرن کي چئبو آهي جن جي اُچارڻ ۾، چپ ۽ چپ، سرڪي، يڪسري ۽ لاڳيتي (constant) يعني يڪسري حالت ۾ رهن، ۽ اُچار دوران (تبديل نه ٿيل) لاڳيتا ۽ اَٽمت (unchanged) رهن يعني بدلبا نه هجن. سنسڪرت جي عالمن سادن سرن کي سمانا ڪشر (homogeneous syllables) سڏيو آهي.

[1]سادا سر هي آهن: اَ، آ، اِ، اِي، اُ، اُو، اي ۽ او.

(**ب) يڪپدا ڏهرا سر (diphthongs)**: يڪپدا ڏهرا سر انهن سرن کي چئبو آهي جن جي اُچارڻ ۾ چپ ۽ چپ، سادن سرن جي اُچار

---

(بقايا حاشيو گذريل صفحي جو)

مٿي مون پنهنجيءَ لنڊن واريءَ ٿيسز جو حوالو ڏيئي بيان ڪيو آهي ته سنڌ ۾ ڪي ماڻهو [ai] ۽ [au] جو اُچار [ae] ۽ [ao] ڪندا آهن ۽ ڪي بلڪل انهن کي [e:] ۽ [o:] اُچاريندا آهن.

See: Ghulam Ali Allana, 1963, The Arabic Element is Sindhi, M.A. Thesis, submuitted to the University of London.

موجوده وقت به ڪي سنڌي ماڻهو گهٽو ڪري [ai] ۽ [ao] جو اُچار [e:] ۽ [o:] ڪندا آهن، البت علم صوتيات جا ڪي ڄاڻو، 'ڏهري سر' جي پوئين جز جي خاصيت کي ڪجهه بدلائي، [i] گهٽيل سر جي بدران [e] ، اڌ – کليل سر جي وچ ۾ اُچار ڪندا آهن. انهيءَ ڪري چئبو ته سنڌي سر [ae] ۽ [ao] ، اوستا واري [ae]۽ [ao] سان نسبت رکن ٿا.

ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچنداڻي [اَي ۽ اَو] جي موجوده اُچار کي 'يڪپدا ڏهراسر' (diphthongs) قبول نٿو ڪري، پر سنڌس راءِ موجب (سندس اُچار موجب)، اُهي (يڪپدا ڏهرا سر) سادا اڌ کليل سر (simple half open vowels) آهن – ڏسو:

Lachman Khubchandani, Op. Cit. P.23.

(1) Whiteney. W.D., Op. Cit. P.12.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وانگر سرڪا، (هڪ ئي حالت وارا) سمانا ۽ لاڳيتا (constant) نہ رهندا هجن پر اُهي حقيقت ۾ گسٽا سر (glide vowels) آهن، جن جي اُچارڻ لاءِ ڳالهائڻ جا عضوا، هڪ سُر واريءَ بيهڪ کان چُري، هڪدم ٻئي سر جي بيهڪ ڏانهن مڙندا آهن. جيتوڻيڪ اُهي ڊُهرا سُر آهن پر انهن ۾ هڪ پد ٿيندو آهي. سنسڪرت جي ماهرن، 'يڪپدا ڊهرا سرن' کي 'سَنڌي اکشر' (combinator syllables) سڏيو آهي.[1] سنڌي ٻوليءَ ۾ يڪپدا ڊهرا سُر هي آهن : ايَ ۽ اَو.

سادن ۽ يڪپدي ڊهرن سرن جي ڀيٽ لاءِ هيٺيان مثال ڏجن ٿا[2].

| يڪپدا ڊهرا سر | سادا سر |
| --- | --- |
| اَوج | اوجهہ |
| بيَت | سيٺ |

**3- سرن جي لام يا ڊيگهہ (length of vowels):**

لامَ يا ڊيگهہ جي لحاظ کان سنڌي ٻوليءَ جي سرن کي ٻن قسمن ۾ ورهايو ويو آهي:

**(الف) ڊگها سر (long vowels) ۽ (ب) ڇوٽا سر (short vowels)**۔ انهن جو وڏيڪ تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:

(الف) ڊگها سر - هن قسم ۾ ست سنڌي سر اچي وڃن ٿا، اُهي آهن: آ، اِي، اي، او، اُو اَي ۽ اَو. انهن جو وڏيڪ تفصيل هن ريت آهي:

---

(1) Whiteney, W.D, P.12.

(2) سنڌي عالمن، عربي ٻوليءَ جو نقل ڪري [اُو] کي 'واو معروف' ۽ [او] کي 'واو مجهول' سڏيو آهي. ساڳيءَ طرح [اِي] کي 'يائي معروف' ۽ [اَي] کي 'يائي مجهول' سڏيو اٿن. بلڪل ساڳيءَ طرح [آ] کي 'الف ممدود' ۽ [اَ ۽ اُ] کي 'الف مقصور' سڏيو اٿن، پر انهن ماهرن [اِ] سُر کي نظر انداز ڪيو آهي. سرن جو اهو بيان ۽ اهي نالا عربي گرامر تان نقل ڪيا ويا آهن، ۽ سواءِ دليلن جي، انهن سنڌي سُرن کي بہ ساڳين، عربي نالن سان سڏيو اٿن. جديد صوتيات جي اصولن موجب اهي نالا، يعني مجهول، معروف، ممدود ۽ مقصود قبول ڪرڻ کان اڳ، دليلن ۽ سببن ڏيڻ جي ضرورت ٿيندي. ڏسو: واحد بخش شيخ: سنڌي صرف نحو، حوالو متي ڏنو ويو آهي، ص ص 9 ۽ 10



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(i) **مهڙ وارا:**

ذري گهٽ گهٽيل پڪڙيل [اِي]

اڌ گهٽيل ۽ اڌ ڪليل جي وچٽري بيهڪ وارو پڪڙيل سُر [اي]

(ii) **پوچڙ وارا:**

ذري گهٽ گهٽيل گول [اوُ]

اڌ گهٽيل ۽ اڌ ڪليل جي وچٽري بيهڪ وارو گول سر [او]

ذري گهٽ پوچڙ وارو، ڪليل [آ]

(ب) **چوٽا سر:** سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام موجب چوٽا سُر ٽي آهن، اُهي هي آهن: اِ، اُ ۽ اَ.

چوٽن سرن جي وڌيڪ سمجهاڻي هن ريت آهي:

(i) **وچٽرا :**

اڌ گهٽيل درميانو سر [اِ]

اڌ گهٽيل گول درميانو سر [اُ]

اڌ ڪليل درميانو سر [اَ]

**4- هر هڪ سر جو بيان:**

سنڌي سرن جي مٿي ڏنل بيان ڪان پوءِ، اڳ ۾ ڏنل خاڪي جي روشنيءَ ۾، هر هڪ سُر جو ڌار ڌار بيان، هيٺ موجب ٿي سگهي ٿو:

[اِي]- ذري گهٽ گهٽيل مهڙ وارو پڪڙيل ، ڊگهو سر

[اي]- اڌ گهٽيل ۽ اڌ ڪليل جي وچٽري بيهڪ وارو، مهڙ وارو پڪڙيل ڊگهو سر

[اُو]- ذري گهٽ گهٽيل، پوچڙ وارو، گول ڊگهو سر

[او] - اڌ گهٽيل ۽ اڌ ڪليل جي وچٽري بيهڪ وارو، گول ڊگهو سر

[ آ ] - ذري گهٽ پوچڙ وارو ڪليل ڊگهو سر



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[اَي]- هي يڪپدو ڊهرو سر آهي. هن سر جي اُچارڻ لاءِ جِيڀ، [اَ] [^] سر کان شروع ٿئي ٿي ۽ يڪدم [اي] سر ڏانهن مڙي ٿي. [آ] سر کان [اي] ڏانهن هڪدم مڙڻ ڪري، 'يڪپدو گسڪڻو' (gliding) آواز، پيدا ٿئي ٿو. صوتياتي رسم الخط (phonetic transcription) ۾، هن سر جي صورت [^e] تي سگهي ٿي. [^e] جو پويون جز، 'ڪمزور' (non-syllabic) آهي.

[اَو]- هي به يڪپدو ڊهرو سر آهي. هن جي اُچار ڪرڻ ۾ زبان [اَ] کان شروع ٿئي ٿي، ۽ يڪدم [او] سر ڏانهن مڙي ٿي. هڪدم موڙ کائڻ ڪري 'يڪپدو گسڪڻو' آواز ٿئي ٿو. صوتياتي رسم الخط ۾ هن جي صورت [^o] تي سگهي ٿي. [^o] جو پويون جز 'ڪمزور' آهي.

[ اِ] - اڌ گهٽيل ، وچٿرو (central) ڇوٽو سر

[اُ]- اڌ گهٽيل، وچٿرو گول ڇوٽو سر

[اَ] - اڌ گهٽيل، وچٿرو ڇوٽو سر

**5- سرن جون جوڙيون (pairs of vowels):**

سرن جي ڌار ڌار خاصيتن ۽ انهن جي اُچارڻ لاءِ، جِيڀ جي بيهڪ جي بيان ڪان پوءِ، اهو ڄاڻائڻ به ضروري آهي ته ڪهڙو سر، ٻئي ڪهڙي سر جو جوڙيدار تي ڪم اچي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام موجب، سُرن جون جوڙيون هي آهن:

[اَ] ۽ [آ] - [اَ] ڇوٽو سر آهي ۽ اُن جو ڊگهو جوڙ آهي[آ]

[اِ] ۽ [اِي] -[اِ] ڇوٽوسر آهي ۽ اُن جو ڊگهو جوڙ آهي [اِي]

[اُ] ۽ [اُو] - [اُ] ڇوٽو سر آهي ۽ اُن جو ڊگهو جوڙ آهي [اُو]

## باب نائون

# سنڌي سُرن جون ٻيون خاصيتون

**1- گُهڻا يا اَنو ناسڪ سُرَ (Nasal vowels):**

متي چيو ويو آهي تہ نرم تاروءَ جي چرپر يعني هيٺ لهڻ ۽ متي کڄڻ جو، سرن جي خاصيتن تي گهڻو اثر ٿئي ٿو. جڏهن نرم تارون متي کڄي ٿو تڏهن نڪ واري ڪوپي جو لنگهہ بند ٿيو وڃي ۽ ڦڦڙن کان ايندڙ هوا، وات واري ڪوپي مان ٻاهر نڪرندي آهي. نرم تاروءَ جي اهڙيءَ بيهڪ جي حالت ۾ جيڪي سُرَ اُچاربا آهن تن کي 'صاف سر' (non-nasal or soft vowels) چئبو آهي، پر جڏهن نرم تارون هيٺ لهندو آهي تڏهن نڪ واري ڪوپي جو لنگهہ کليل رهندو آهي؛ اهڙيءَ حالت ۾ سرن جي اُچارڻ لاءِ، هوا نڪ ۽ وات واري ڪوپي مان ساڳئي وقت نڪري، گُهڻا آواز پيدا ڪندي آهي. اهڙِيءَ حالت ۾ جيڪي سر اُچاربا آهن تن کي 'گهڻا سر' (Nasal vowels) چئبو آهي. سرن جي 'گهڻي' خاصيت کي 'اَنوُ ناسڪَ' چئبو آهي.[1]

2- (الف) 'انوُناسڪَ' 'گهُڻا سُر'(Nasal vowels) ۽ 'انوسوار' (گهڻائتا) (nasalised) /گهڻن وينجن جي اثر کان، متاثر تي گهڻائڻ وارا سر) تي ويندا آهن. vowels ۽ nasalised vowels جي خصوصيت ۾ وڏو فرق آهي. انوناسڪ سر اُهي آهن جيڪي صاف سرن وانگر، صوتيہ طور ڪم ايندا آهن ۽ انهن جي ڪم آڻڻ سان، لفظ جي معنيٰ بہ بدلبي آهي. اهي سر، صاف سرن کان ڌار آوازن طور اُچاربا آهن؛

(1) Scholberg, H.C., Concise Grammar of the Hindi Language, Op. Cit, pp. 7 and 8



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مثال طور:

| صاف سر | گهٽا سر |
|---|---|
| سا | سان |
| اَسي | اَسين |
| آڏي | آنڍي |
| تو | تون |

(ب) پر 'اَنو سوار' (nasalised) سر اُهي آهن جيڪي ڪنهن لفظ جي ساخت يعني رچنا ۾، ڪنهن 'گهٽي و ينجن' جي اڳيان يا پويان، ٻئي پد ۾ استعمال ۾ اچڻ جي ڪري، اُن کان متاثر ٿي ويندا آهن، ۽ گُهٽا اُچارجن ٿا، حالانڪ اُهي اصلي روپ ۾ اُهي، گهٽا نہ پر صاف سر هوندا آهن؛ مثلاً:

| عام لکت | اُچار |
|---|---|
| پاڻي | پاڻين |
| ماني | مانين |
| اَجا | اَجان |
| اما | اما |

سنڌي ٻوليءَ جي ماهرن، • 'گهٽن سرن' (انوناسڪ ) ۽ سر يعني'انوسوار' سرن کي، علم صوتيات جي روشنيءَ ۾ سمجهڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪئي آهي. اهوئي سبب آهي جو اڪثر ماهرن گهٽي سر واري آواز کي لکيل صورت ۾ نمايان ڪندڙ اکر 'ن' کي ساڪن حرف سمجهي، اُن جي مٿان جزم ڏني آهي[1] .

مٿي گهٽن وينجن جي بيان ڪندي ڊاڪٽر سنديلي صاحب جي راءِ تي خيال آرائي ڪئي وئي آهي[2]. سنديلي صاحب جي خيال موجب 'رَنجن' لفظ جو پهريون 'ن' گهٽو وينجن آهي. اهڙيءَ طرح ڊاڪٽر سنديلو صاحب 'رَنجن' لفظ جي پوئين [ن]

---

(1) هن بحث لاءِ ڏسو باب ڇهون

(2) ڏسو اڳ ۾ ڏنل گهٽن وينجنن وارو باب.

(3) عبدالڪريم سنديلو، ڊاڪٽر: حوالو مٿي ڏنو ويو آهي، ص 15.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي سالم، ۽ 'کَنيا' لفظ واري /ن/ کي اڌ 'ن' تو سڏي.[3] انهيءَ مان ظاهر آهي تہ ڊاڪٽر سنديلي صاحب جي خيال موجب مٿين ٻنهي لفظن ۾ 'ن'، ٽنهي حالتن ۾ گهڻي وينجن جي نمائندگي تو ڪري.

هن کان اڳ، وينجنن جي بيان ۾، گهُڻن وينجنن جي وصف بيان ڪئي وئي آهي. ڊاڪٽر سنديلو لکي تو تہ: "خالي 'ن' معنيٰ غنہ يا نڪ وارو اُچار. دراصل جيڪو بہ آواز نڪ مان اُچاربو آهي، تنهن کي گهڻو آواز چئبو آهي، پوءِ چاهي اُهو وينجن هجي يا سر. مثال طور [م، ن، ڻ، ڃ ۽ ڱ] سڀ نڪ وارا آواز آهن، انهيءَ ڪري علم صوتيات جي ماهرن انهن کي گهڻا آواز سڏيو آهي. هاڻي جيڪڏهن ڊاڪٽر سنديلي صاحب جي خيال موجب 'رنجن' لفظ واري پهرئين 'ن' کي گهُڻو 'ن' چئجي تہ پوءِ [م، ڻ، ڃ ۽ ڱ] کي تڏهن ڪهڙي نالي سان سڏجي؟ انهن آوازن جي وصف ڪيئن ڪئي وڃي؟ دراصل اهي پنج ئي آواز گهُڻا يعني انوناسڪ وينجن آواز آهن.

مٿي چيو ويو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام ۾ جيئن گهُڻا وينجن ٿيندا آهن، تيئن گهڻا سُرَ بہ ٿيندا آهن. گهُڻن سرن کي تحريري صورت ڏيڻ لاءِ، صاف سُرَن وارن حرفن جي پويان 'ن' اکر لکيو ويندو آهي، جيڪو اُن سُرَ جي گهُڻي هجڻ جو اُهڃاڻ ڏيندو آهي. هت هي نڪتو بہ ڌيان گهري ٿو تہ سنڌي صورتخطيءَ ۾، گهُڻي وينجن [ن] ۽ 'گهڻي سر' کي لکت ۾ نمايان ڪندڙ اکر 'ن' جي لکت ۾ ڪو بہ فرق ڏيکاريل نہ آهي، پر اردوءَ ٻوليءَ ۾ اهڙو فرق بلڪل ظاهر ڏيکاريل آهي. انهيءَ ڪري ئي سنڌي صورتخطيءَ ۾ مونجهارو ٿئي ٿو، ۽ سنڌي صورتخطيءَ ۾ گهُڻي سر ڏيکاريندڙ 'ن' حرف



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مثان جزم ڏيندا آهن. جزم جو اهڙو استعمال بلڪل غلط آهي. انهيءَ ڪري چئبو تہ رَنجن لفظ ۾، پهريون 'ن' اکر، گهڻي وينجن جي لکيل صورت نہ آهي، پر اهو 'ن'، چوٿي گهڻي سر [اَن] جي گهڻي اُچار جو اُهڃاڻ ڏئي ٿو. انهيءَ 'ن' جي 'رنجن' لفظ واري پوئين [ن] سان، ڪا بہ نسبت ڪانهي ڇاڪاڻ تہ پويون 'ن' گهڻي وينجن [ن] جي لکيل صورت آهي.

3. ننڍي کنڊ جي ٻين هند - آريائي ۽ غير – آريائي ٻولين وانگر، سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام ۾، سر، صاف (pure) بہ ٿيندا آهن، تہ وري گُهڻا (انوناسڪ/Nasal) بہ ٿيندا آهن. اهي ٻئي، يعني صاف ۽ گهڻا سر، ڌار ڌار صوتيہ طور بہ ڪم ايندا آهن. اهڙيءَ طرح سنڌي سر، گهڻائڻ واري خاصيت (nasalised) وارا بہ ٿيندا آهن. مٿئين بيان کان پوءِ صاف ۽ گهڻن سُرن جو تفصيل هن ريت ٿي سگهي ٿو:

| صاف سر | | گهڻا سر | |
|---|---|---|---|
| اَ | a | اَن | ã |
| آ | ā | آن | $\tilde{\bar{a}}$ |
| اِ | i | اِن | ĩ |
| اِي | ī | اِين | $\tilde{\bar{i}}$ |
| اُ | u | اُن | ũ |
| اُو | ū | اُون | $\tilde{\bar{u}}$ |
| اي | e | اين | ẽ |
| او | o | اون | õ |


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### 3- صاف ۽ گهڻن سرن ۾ فرق:

متي چيو ويو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام موجب،گُهڻا سر ڌار صوتيہ طور ڪم ايندا آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ اها خصوصيت ننڍي کنڊ جي ٻين ٻولين جهڙي آهي. صاف ۽ گهڻا سر، ڌار ڌار صوتيہ طور هيٺين ۽ ٻين ڪيترن ئي صورتن ۾ لکيل ملن ٿا:

| | صاف سر صوتيہ | گهڻا سر صوتيہ |
|---|---|---|
| شروع واري صوتيہ | ādhī /آڌي | ā̃dhī آنڌِي |
| | āta آٽَ | ā̃ta /آنٽ |
| وچين صورت | thiyās ٺياسِ | thiyā̃s ٺيانسِ |
| | bāsa ٻاس | bā̃sa ٻانس |
| آخري صورت | sā سا | sā̃ سان |
| | asī اَسِي | asī̃ اسِين |
| | āhī آهِي | ahī̃ آهِين |
| | rū رُو | rū̃ رُون |
| | pasū پَسوُ | pasū̃ پَسُون |

### 4 - گهڻا هڻا سر يعني انؤسوار (nasalised vowels):

ننڍي کنڊ جي ٻين ٻولين وانگر، سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ هيءَ خصوصيت عام آهي. جڏهن ڪوبہ گهڻو وينجن، ڪنهن لفظ جي ساخت يا رچنا ۾، وچينءَ صورت ۾ ڪم ايندو آهي، تڏهن گهڻي وينجن جي اڳيان يا پويان آيل صاف سر بہ، گُهڻي وينجن جي گهڻائڻ جي اثر ڪان، گُهڻاهڻا (nasalised) ٿي پوندا آهن. گهڻي سر ۽ گهڻهاڻي سر ۾ خاص فرق هي آهي تہ 'گهڻو سر' هڪ ڌار صوتيہ طور ڪم ايندو آهي. صاف ۽ گهڻي سر جي صوتيہ جي


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ٻئي ۾ مٽ سٽ ڪرڻ ڪري، لفظ جي معنيٰ بہ بدلجي ويندي آهي، پر گهڻهاڻي سر جي حالت ۾، ائين بلڪل نٿو ٿئي ڇاڪاڻ تہ اهو سر، ڪنهن ڌار صوتيہ طور ڪم نٿو اچي. 'انوسوار سرن' (Nasalised vowels) جا مثال هي آهن:

(الف) لفظ جي ساخت ۾ وچئين گهڻي وينجن جو اثر:

| لکيل صورت | ممڪن اچار | سمجهاڻي |
|---|---|---|
| ٽاٽُو | ٽانٽُون | /-ٽ-/ جي اڳيان آيل/آ/ سر ۽ پويان آيل/اُو/ سر گهڻي وينجن [ٽ]کان متاثر ٿي، [آن] ۽ [اُون] سر ٿي ويا آهن. |
| ڪاٽُو | ڪانٽُون | ايضاً |
| راٽُو | رانٽُون | ايضاً |
| آنوُ | آننوُن | /-ن-/ جي اڳيان آيل /آ/ سر ۽ پويان آيل /اُو/سر گهڻي وينجن [ن] کان متاثرٿي [آن] ۽ [اون] سر ٿي ويا آهن. |
| ڄاڄي | ڄانڄين | /-ڄ-/جي اڳيان آيل[آ ] سر ۽ پويان آيل [اي] سر گهڻي وينجن [ڄ]کان متاثر ٿي، [آن] ۽ [اِين] سر ٿيا آهن. |

اهڙيءَ طرح /ڪامڻ/، /گامڻ/، /ٺامڻي/، /آڱر/، /ياڻس/، /سگهيٽو/ ۽ /اڃا/ وغيره لفظن ۾، انوسوار، گهڻن وينجنن کان متاثر هجڻ جو دليل پيش ڪن ٿا.

سنڌي ٻوليءَ ۾، انگريزي، عربي ۽ ٻين ٻولين مان ورتل


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُڌارا لفظ بہ، سنڌيءَ جي صوتياتي اصولن موجب اُچاريا ويندا آهن؛ مثال طور:

| | لکيل صورت | اُچاريل صورت |
|---|---|---|
| عربي لفظ | امام | اِمانمِن imãmĩ |
| | تمام | تَمانمِن tamãmĩ |
| انگريزي لفظ | مون (moon) | موُنن mũn |
| | نائين (nine) | نانئينن nãĩnĩ |

(ب) لفظن جي ابتدا ۾ آيل گهٽا وينجن: لفظن جي ابتدائي صورت ۾ ڪم ايندڙ گهُٽا وينجن، وچينءَ صورت ۾ ڪم ايندڙ گهٽن وينجنن وانگر، سندن پويان ايندڙ سرن کي 'انوسوار' بنائي نہ سگهندا آهن، مثلاً:

| لکيل صورت | اُچاريل صورت |
|---|---|
| موُرِي | موُرِي |
| ماڙِي | ماڙِي |
| ميرِي | ميرِي |
| نوُرِي | نوُرِي |
| نارِي | نارِي |
| نورِ | نورِ |
| نِيرِي | نِيرِي |
| نيڪِي | نيڪِي |


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## باب ڏھون

# چوڻن گهٽڻ سرن (انوناسڪ [آن /ã ۽ اِن /ĩ ۽ اُن /ũ ]
# جوءِ گهٽڻ ڌماڪيدار وينجنن سان گڏيل اُچار ڪان پوءِ
# وينجنن جي صورت ۾ بدلجڻ

هن ڪان اڳ سُرن واري باب ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ ڪنهن بہ لفظ يا جملي جي ڳالهائڻ دوران، جڏهن اُن لفظ جي وچ ۾ آيل 'چوڻن گهٽڻ سرن' [اَن /ã، اِن /ĩ ۽ اُن /ũ] ڪان فوراً پوءِ آيل، ڌماڪيدار وينجنن [ب، پ، ج، جهہ، د، ڌ، ڊ، ڍ، گ ۽ گهہ] جڏهن سرن سان گڏ اُچاريا ويندا آهن، يعني چوڻن گهٽڻ سرن ۽ ڌماڪيدار وينجنن جي گڏيل اُچار جي صورت ۾، چوڻن گهٽڻ سرن جي فوراً پويان ايندڙ ڌماڪيدار وينجنن جي اثر ڪان، اُهي چوڻا گهٽا سر (انوناسڪ)، پنهنجي گهٽائڻ واري خصوصيت مٽائي/ بدلائي، ڌماڪيدار وينجنن جي مخرجن وارا گهٽا وينجن ٿي ويندا آهن؛ يعني چوڻن سرن جي گهٽائڻ، ساڳئي مخرج واري گهٽي وينجن ۾ تبديل ٿي ويندي آهي. سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام ۾ اهڙا بيشمار مثال ملن ٿا، البت سنڌي صورتخطيءَ (لکيل صورتن) ۾، انهن انوسوار سُر جي اهڙيءَ حالت کي نمايان نہ ڪيو ويندو آهي: مثال طور:

(الف) <u>چوڻي گهٽي سر[اَن /ã ] جو ٻن چپن وارن ڌماڪيدار وينجنن [ب يا پ] جي گڏيل اُچار کان پوءِ اُچار:</u>

| لکيل صورت | اُچاريل صورت | لکيل صورت | اُچاريل صورت |
|---|---|---|---|
| اَنبُ | آمبُ | اَنبار | اَمبار |
| پَنپور | پَمپور | چَنبو | چَمبو |



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | | |
|---|---|---|---|
| ٿَنبُ | ٿَمبُ | لنبو | لَمبو |
| قنبر | قَمبر | چنبڙ | چمبڙ |

(ب) چوٿي گهٽي سر[اَن /ã ] جو، ڏنداون ڳرن ڏوڪٽن وينجنن جي ڳڏيل اُچار کان پوءِ اُچار:

| لکيل صورت | اُچاريل صورت | لکيل صورت | اُچاريل صورت |
|---|---|---|---|
| سَندو | سَنندو | سَنڌو | سَننڌو |
| | | سَنڌَ | سَننڌَ |
| | | سَنڌي | سننڌي |
| | | سنڌَ | سننڌ |

(ت) چوٿي گهٽي سر [اَن /ã ] جو، سخت تارونءَ وارن ڌماڪيدار وينجنن [ج، جھ، ڄ]جي ڳڏيل اُچار کان پوءِ اُچار:

| لکيل صورت | اُچاريل صورت | لکيل صورت | اُچاريل صورت |
|---|---|---|---|
| مَنجو | مَيجو | گَنجو | گيجو |
| پَنچات | پَيچات | سَنجها | سَيجها |
| | | وَنجھ | وَيجھُ |

(ث) چوٿي گهٽي سر [اَ ن /ã ] جو، نرم تارونءَ واري ڌماڪيدار وينجن [گ]جي ڳڏيل اُچار کان پوءِ اُچار:

| لکيل صورت | اُچاريل صورت | لکيل صورت | اُچاريل صورت |
|---|---|---|---|
| اَنگ | اَڱگ | سَنگ | سَڱگ |
| رَنگ | رڱگ | سَنگت | سَڱگت |
| ڍَنگ | ڍڱگ | مَنگتو | مَڱگتو |


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ج) چوٿي گھٽي سر [اَ ن /ã ] جو، موردني ڏماڪيدار ڳرن وينجنن [ڊ، ڍ]جي ڳڏيل اُچار ڪان پوءِاُچار:

| لکيل صورت | اَچاريل صورت | لکيل صورت | اَچاريل صورت |
|---|---|---|---|
| چَنڊ | چَننڊ | مَنڊو | مَننڊو |
| ننڍو | نننڍو | سَنڍ | سَنننڍ |

(ھ) چوٿي گھٽي سر [اِ ن /ã ] جو، موردني ڏماڪيدار ڳرن وينجنن [ڍ ۽ ڍ] جي ڳڏيل اُچار ڪان پوءِ اُچار:

| لکيل صورت | اَچاريل صورت | لکيل صورت | اَچاريل صورت |
|---|---|---|---|
| ننڍَ | نننڍ | گھنڊ | گِھننڊ |

(خ) چوٿي گھٽي سُر [اِن /ã ] جو، ڏندائين ڏوڪٽي ڳري وينجن [ڏ] جي ڳڏيل اُچار ڪان پوءِ اُچار:

| لکيل صورت | اَچاريل صورت |
|---|---|
| سِنڏ | سننڏ |

(د) چوٿي گھٽي سر [اِن /ĩ ] جو، نرم تارونءَ واري ڏماڪيدار وينجنن [گ ۽ گھ] جي ڳڏيل اُچار ڪان پوءِ اُچار:

| لکيل صورت | اَچاريل صورت | لکيل صورت | اَچاريل صورت |
|---|---|---|---|
| لنگھ | لِگّگھ | سِنگ | سِگّگَ |



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ر) چوٿي گهٽي سر [اُ ن /ũ ] جو، ٻن چپن واري ڳري ڏماڪيدار وينجن [ٻ]جي گڏيل اُچار ڪان پوءِ اُچار:

| لکيل صورت | اَچاريل صورت | لکيل صورت | اَچاريل صورت |
|---|---|---|---|
| لُنبُ | لُمب | سُنب | سُمبُ |

(س) چوٿي گهٽي سر [اُن /ũ ] جو، ڳرن سخت تارونءَ وارن وينجنن [ج ۽ جهہ] جي گڏيل اُچار ڪان پوءِاُچار:

| لکيل صورت | اَچاريل صورت | لکيل صورت | اَچاريل صورت |
|---|---|---|---|
| ڳُنجَ | ڳُڄجَ | مُنجهہَ | مُڄجهہَ |

(ش) چوٿي گهٽي سر [ اُن /ũ ] جو، ڳرن مورڏني وينجنن [ ڊ/ ۽ ڍ] جي گڏيل اُچار ڪان پوءِ اُچار:

| لکيل صورت | اَچاريل صورت | لکيل صورت | اَچاريل صورت |
|---|---|---|---|
| سُنڊُ | سُننڊ | مُنڍ | مُننڍُ |



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب يارهون

## لفظن ۽ اُنهن جي پدن اندر ڪم آيل سُرن ۽ وينجنن جي ميل/ ميلاپ جو مطالعو

1. سنڌي صوتيات جي اَڀياس لاءِ ضروري آهي تہ لفظن ۽ اُنهن جي پدن جي مُنڍ، وچ ۽ آخر ۾ ڪم ايندڙ سُرن ۽ وينجنن جي استعمال جي چند چاڻ ڪجي ڇاڪاڻ تہ اڳ ۾ اهو ڇيو ويو آهي تہ ڌار ڌار آوازن (سرن ۽ وينجنن) جي ميلاپ سان اهي پد ۽ لفظ ٺهندا آهن.

هن باب ۾ اهو ڏسڻو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن ۽ پدن ۾ ڪهڙا ڪهڙا سر ۽ وينجن، اُنهن لفظن جي منڍ (شروعات)، وچ ۽ پڇاڙيءَ ۾ ڪم اچن ٿا. هن باب ۾ اهو بہ ڏسڻو آهي، تہ لفظن ۾ ڪهڙا ڪهڙا سر، پاڻ ۾ گڏجي، ڪم اچن ٿا ۽ ڪهڙا ڪهڙا وينجن، پاڻ ۾ ملي، گڏيل وينجن يا وينجنن جا ميل يعني (conjunct consonants) يا clusters ناهين ٿا. هن باب جي لکڻ لاءِ محترم ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جي ڪتاب 'ميلاپ ڌوني - وگيان' تان تمام گهڻي مدد ورتي وئي آهي.

(**الف**)- **سُرن جا ميل (Vowel clusters)**: سنڌي ٻوليءَ ۾، هر لفظ جي آخر ۾، ڪونہ ڪو سُر ضرور ڪم ايندو آهي. انهيءَ ڪري عربيءَ، فارسيءَ ۽ انگريزي ٻولين مان اُڌارا ورتل لفظ بہ، سنڌي صوتياتي اصولن موجب، اُچاريا ويندا آهن. اهڙن اُڌارن لفظن جي آخر ۾ ڪونہ ڪو سُر ضرور ڪم آندو ويندو آهي. مثال طور:

| عربي لفظ | سنڌيءَ ۾ اُچار | فارسي لفظ | سنڌيءَ ۾ اُچار | انگريزي | سنڌي |
|---|---|---|---|---|---|
| عِلْم | عِلمُ | شِيرين | شِيرينُ | ڪاليج | ڪاليجُ |
| وَفْد | وَفَدَ | دُختر | دُخِتَرُ | اَسڪول | اِسڪولَ |



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙيءَ طرح، سنڌي ٻوليءَ ۾، هر سُر صوتيه کي لفظ جي مُنڍ، وچ ۽ پڇاڙيءَ ۾ استعمال ڪبو آهي. ڊاڪٽر جيتلي صاحب جو خيال آهي ته: " /اَي/ ۽ /اَو/ سرن جو، سنڌي ٻوليءَ ۾ استعمال، ٻين سرن جي ڀيٽ ۾ گهٽ آهي. لفظ جي شروع ۾ به اهي سر،گهٽ نظر اچن ٿا ۽ لفظ جي آخر ۾ به، انهن جو اُچار گهٽو ڪري هڪ اکر ۽ ٻٽي سُرَ [ɐ̆v،ɐ̆ɪ] يا ٻن لاڳيتن سُرن [اَ — ءِ ۽- اَ-ءُ] جي روپ ۾ ڪيو وڃي ٿو. انهن سُرن جو اُچار، داخلي ڌماڪيدار وينجنن ۽ /ڳ ۽ ڄ/جي هڪدم اڳيان به مون کي نظر نه آيو آهي".[1]

2. مطالعي مان معلوم ٿيو آهي ته سنڌي ٻوليءَ ۾، لفظن جي رچنا ۾، لفظن جي منڍ، وچ ۽ آخر ۾ ، ٻه لاڳيتا سر ڪتب ايندا آهن؛ مثال طور:

**(i) ٻن سرن جو ميلاپ:**

| سُرَ | مُنڍ ۾ استعمال | وچ ۾ استعمال | پڇاڙيءَ ۾ استعمال |
|---|---|---|---|
| /اِي + اِي/ | - | - | - |
| /اِي + اَ/ | اِيءَ (هِيءَ) | ڏِيئَر، جيئَرو | ڏِيءَ، هيِءَ |
| /اِي + اُ/ | اِيءُ (هِيءُ) | ڏِيئُن | جِيءُ، پيِءُ |
| /اِي+ آ/ | - | ڏِيئاٽُو، پيِئار | جيِئان |
| /اِي+او/ | اِيئو | جِيئوسِ | ڪيِئون |
| /اِي+ اَو/ | - | - | ساٿيو(حالت ندا) |
| /اِي+ اَ/ | - | سيئڻ | - |
| /اِ+اِي/ | اِئين | - | ٻِئي، ٽئين، ٽئين |
| /اِ+ آ/ | اِتان (هتان) | لِئار | تِئان (تِيان) |
| /اِي+ اِي/ | - | سيئِن | سيئي،نيئي |
| /اِي+او/ | - | ڏيئوس (ڏيوس) | ليِئو، ڏيِئو |

(1) مرليڌر. ڪشنچند جيتلي، ڊاڪٽر: 2000ع. سنڌي ڌوني — وگيان (سنڌي صوتيات)، دهلي: فوٽو آفسيٽ پرنٽرس، 2446 برادري، باليمارن، ص 85



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ii) مطالعي مان اهو بہ معلوم ٿيو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾، لفظن جا يڪپدار ڌُهرا سر [اَي ۽ اَو]، سنڌي ٻوليءَ جي پنهنجن يعني ديسي لفظن ڪان سواءِ، عربي ٻوليءَ مان ورتل اُڌارن لفظن ۾ بہ استعمال ٿيندا آهن؛ مثلاً 'عَيب' ۽ 'اَوج' وغيره لفظن ۾، پر سنڌي ٻوليءَ جي اصلي لغوي خزاني ۾، لفظن جي مُنڍ ۽ آخر ۾، يڪپدن ڌهرن سرن جي استعمال جا مثال ايترا گهٽا نظر نٿا اچن، 'عيَب' ۽ 'اَوَج' لفظن ۾ ڪم آيل يڪپدن ڌُهرن سُرن جو اُچار بہ پڙهيل ڳڙهيل طبقي وارن ماڻهن جي اُچار ۾ ڏٺو ويو آهي.[1]

**(iii) ٽن سرن جو ميلاپ:**

| سُرَ | مُنڍ ۾ استعمال | وچ ۾ استعمال | آخر ۾ استعمال |
|---|---|---|---|
| /آ+اِي+اَ/ | آئِيءَ (مصيبت | - | سائيءَ |
| /او+اِي+اَ/ | اوئِيءَ(پاڻيءَ جي تيلهي) | - | - |
| /آ+اُو+اَ/ | - | - | يائُوءَ |

**3- وينجنن جا ميلَ (consonantal clusters)/گڏيل وينجن:**

(الف)- سرن وانگر، وينجن بہ سنڌي لفظن جي وچ ۾ ۾ گڏجي ڪم ايندا آهن، پر اهو ياد رکڻ گهرجي تہ سنڌي ٻوليءَ جا (Clusters) ڪي بہ وينجن، ديسي لفظن جي شروع توڙي آخر ۾، ڪنهن بہ ميل يا جوڙ جي صورت ۾، استعمال ڪونہ ٿيندا آهن. اڳ ۾ چيو ويو آهي تہ عربي، فارسي ۽ انگريزي ٻولين مان بہ اُڌارن ورتل لفظن جي شروع يا آخر ۾ آيل، اهڙي قسم جا ميل (clusters) بہ، سنڌي صوتيات جي اصولن موجب اُچاريا ويندا آهن، يعني يا تہ اهڙن ميلن جي وچ ۾ ڪو نہ ڪو سُر ڪم آڻي، اُنهن کي ٽوڙيو ويندو آهي، ۽ يا وري آخر ۾

(1) Allana, Ghulam Ali, 1963 The Arabic Element in Sindhi, Lahore: Maktaba-e-Danishwaran, pp.91-113


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيل وينجنن جي ميلن جي پويان، ڪونہ ڪو سر اُچاريو ويندو آهي. مثال طور، اُهي لفظ جن جي شروع ۾ وينجنن جو ميل هوندو آهي:

| سنڌي اُچار | سنسڪرت لفظ | سنڌي اُچار | انگريزي لفظ |
|---|---|---|---|
| ڪِرشنِ | ڪَرشن | ٽِرامَ | ٽرام |
| ڏِياري | ڏياري | اِسڪُولَ | سڪول |
| پِريمُ | پُريم | ٽِرَنڪَ | ٽرنڪ |

(ب) ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، پنهنجيءَ تحقيق ۾ ڄاڻايو آهي تہ: اُچارن جي خيال کان، سنڌي ٻوليءَ ۾ گڏيل وينجنن جي بيهڪ بابت، هيٺين قسمن جون پابنديون نظر آيون آهن:

(i) ٻن داخلي ڌماڪيدار(Implosive sounds) وينجنن ۽ ٻن وسرگي وينجنن(Aspirated consonants) جو ميلاپ نہ ٿيندو آهي.

(ii) وسرگي (aspirated) وينجن، ٻين وينجنن سان تمام گهٽو گهٽ گڏجي ڪم ايندا آهن.

(iii) مورڌني ۽ داخلي ڌماڪيدار وينجن (Implosive consonants)، ٻين وينجنن سان گڏ، گهٽ ڪم ايندا آهن.

(iv) ٻن بندشي يا خارجي ڌماڪيدار (Plosives) وينجنن جو ميل بہ، گهٽو گهٽ استعمال ٿيندو آهي.

(v) ڪن بہ ٻن گڏيل وينجنن ۾ پهريون وينجن /ي/، ڪڏهن بہ نہ ايندو آهي.

(vi) /و/ جو، گڏيل وينجنن ۾ فقط /هہ، ر يا ي/ وينجنن اڳيان استعمال نظر آيو آهي.

(vii) گڏيل وينجنن ۾، وسرگي وينجنن پٺيان/هہ/نہ ايندو آهي.

(viii) /ف ز خ غ/ جو ميلاپ، وسرگي وينجنن، داخلي ڌماڪيدار وينجنن (Implosive consonants) يا /ٺ، ڄ ۽ ڳ/سان ڪونہ ٿيندو آهي.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ix) /ڄ/ جو استعمال فقط /ي/ ۾ سخت تارونءَ وارن خارجي ڏماڪيدار وينجنن (Implosive consonants) اڳيان ٿيندو آهي. گڏيل وينجنن ۾ /ڄ/ ڪڏهن بہ ٻئي وينجن جي پنيان نہ ايندو آهي.

(x) /ڱ/، گڏيل وينجنن ۾ فقط /ر/ جي پنيان ايندو آهي.

(xi) ٻٽا وينجن (يعني ٻن ساڳين وينجنن جو ميلاپ (geminated sounds)، سنڌيءَ ۾ تمام ورلا اُچاريا وڃن ٿا. اهڙن وينجنن کي جيڪڏهن ٻٽو نہ اُچارجي تہ بہ اڪثر معنيٰ ۾ فرق نہ پوندو آهي.

(xii) گڏيل وينجنن ۾، /ي/ جو، ٻئي هر هڪ وينجن پنيان اُچار بہ ملي ٿو. ٻئي طرف/ر/ جو اُچار گهٽ ئي وينجنن جي اڳيان ملي ٿو.[1]

دراصل انهن نقطن تي ممڪن آهي تہ ڪو ٻيو صاحب، مون سان اتفاق نہ بہ ڪري، پر ائين ضرور چئبو تہ سنڌي ٻوليءَ جي وينجنن جي سلسلي ۾، هن قسم جو مطالعو، پهريون دفعو ڊاڪٽر جيٽلي صاحب پيش ڪيو آهي. اُن کان اڳ، منهنجي لنڊن يونيورسٽيءَ ۾، عام لسانيات ۾ ايم– اي لاءِ پيش ڪيل ٿيسز ۾، عربي ٻوليءَ مان اُڌارن ورتل لفظن اندر، پدن جي بيهڪ جي، (syllabic structure) سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام موجب، ديسي لفظن اندر پدن جي بيهڪ سان، ڀيٽ ڪئي وئي آهي،[2] پر حقيقت هيءَ آهي تہ جيٽلي صاحب جي ڪيل چند چاڻ بلڪل نئين ۽ وڏيڪ معلوماتي آهي.

هيٺ 'وينجنن جي ميل'، يعني گڏيل وينجنن جا، سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان ڪي مثال ڏجن ٿا، جيڪي دراصل وڏيڪ

(1) مرليڌر ڪشنچند جيٽلي، ڊاڪٽر: حوالو ڏنو ويو آهي، ص 93
(2) Allana, Ghulam Ali, The Arabic Element in Sindhi, Lahore, Maktaba-e-Dahishwaran, pp.90-113


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تحقيق گهرن ٿا. اُميد آهي تہ ڪو نہ ڪو نوجوان، هن ڏس ۾، سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام تي قلم کڻندو ۽ هن سلسلي ۾ وڌيڪ تحقيقي ڪم ڪندو.

**(ت) لفظن جي مُنڍ/شروعات ۾ استعمال ٿيندڙ ڳنڍيل وينجن:**

مون پنهنجن ڪتابن، 'سنڌي صورتخطي'، 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد' ۽ 'Origin and Growth of Sindhi Language' ۾ هن موضوع تي واضح طور بحث ڪيو آهي. مثال طور سنڌي صورتخطي ڪتاب ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ:

"لفظن جي وچ وارن ڳنڍيل آوازن (هنن جي باري ۾ ايندڙ صفحن ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي)ڪان سواءِ ، سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظن جي مُنڍ ۾ ڳنڍيل آوازن جو اُچار، سنڌي صوتيات جي اصولن موجب، ممڪن نہ آهن."

سنڌي ويا ڪرڻن ۾، سنڌي ٻوليءَ ۾ ، منڍ وارن ڳنڍيل آوازن جي استعمال واري موضوع کي بلڪل نظر انداز ڪيو ويو آهي. انهن جي باري ۾، برابر خبر ته ڏهن پوندي، جڏهن انهن لفظن جي لکيل صورت کي پاسيرو ڪري، اُچاريل آوازن کي ٻڌبو ۽ انهن جي باري ۾ سوچبو. سنڌي ٻوليءَ ۾، هيٺ ڄاڻايل لفظن ۾، ڪن آوازن جا ميل، لفظن جي مُنڍ ۾ محسوس ڪبا آهن. مثال طور:

| منڍ وارا ڳنڍيل آواز | لفظن جو اُچار |
|---|---|
| /پِر/ | پِريمُ |
| /بِر/ | بِرَهِمَڻ |
| /ڏي/ | ڏِياري |
| /ڏي/ | ڏِيانُ |
| /پِي/ | پِيارُ |
| /گِي/ | گِيانُ |
| /ڪِي/ | ڪِياڙي |



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي درسي ڪتابن ۾، ’ڏيان‘، ’پيار‘، ’گيان‘ ۽ ’ڪياڙي‘ لفظن ۾، سنڌي صوتيات جي اصولن موجب، [ڏ]، [پ]، [گ] ۽ [ڪ] وغيره، يعني انهن مُنڍ وارن آوازن کي، ساڪن نہ سمجهي، انهن کي متحرڪ بنائڻ لاءِ، انهن آوازن کي نمايان ڪندڙ حرفن جي هيٺان [اِ ] سُر کي، سنڌي صورتخطيءَ ۾ نمايان ڪندڙ نشاني يعني /اِ/ (زير) ڏني وئي آهي. اِهي ۽ اهڙا ٻيا ڪيترائي لفظ، سنڌي ٻوليءَ ۾ اُڌارا ورتا ويا آهن، جيڪي سنڌي صوتياتي نظام موجب اُچاريا ويندا آهن.[1]

’سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد‘ ڪتاب ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ:

”هن ڪتاب جي ياڳي پهرئين ۾، صفحي68 تي، سنڌي ۽ سنسڪرت جي صوتياتي هڪجهڙائي ڏيکاريندي، اهو بيان ڪيو ويو آهي تہ /پيار، ڏيان، ٻيائي، ڏياري ۽ پريم/لفظن ۾،/ پي، ڏي ۽ پر/ مرڪب وينجن جوڙن جو استعمال، سنڌي ٻوليءَ جي لسانياتي جاگرافيءَ موجب، ڪن حلقن ۾ تہ ممڪن آهي، پر سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام جي تفصيلي اڀياس کان پوءِ، اهو ثابت ٿيو آهي تہ ’آوازن جا اهي مرڪب وينجن جوڙ‘، سنڌي ٻوليءَ تي سنسڪرت جي صوتياتي نظام جي اثر جو نتيجو آهن. آوازن جا اهڙا مرڪب وينجن جوڙ، عام ماڻهن جي روز مره واري اُچار ۾، ۽ روز مره واريءَ ۽ عام سنڌي ٻوليءَ ۾ رائج نہ آهن. عام سنڌي ماڻهو، پنهنجي اُچار ۾، اهڙن مرڪب وينجن آوازن جي وچ ۾ [اِ] سر ڪم آڻي، انهن مرڪب وينجن جوڙن کي ٻن ڌار ڌار آوازن ۾ ورهائي ڇڏيندا آهن. البت ڪي پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو، انهن مرڪب وينجنن جو اُچار ڪري سگهندا آهن. مثال طور:

(1) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي صورتخطي، 1993ع ڇاپو چوٿون، حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو. ص ص 143 ۽ 144.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| لفظ | پڙهيل ڳڙهيل ماڻهوءَ جو | عام ماڻهن جو اُچار |
|---|---|---|
| پريم | پُريم | پِريمُ |
| پيار | پِيار | پِيارُ |
| ٻيائي | ٻِيائي | ٻِيائي[1] |

متينءَ وضاحت جي روشنيءَ ۾، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جو رايو بہ پيش ڪجي ٿو. هُو لکي ٿو:

”لفظن جي شروعات ۾ جيڪي گڏيل وينجن ملن ٿا اُنهن ۾ گهڻو ڪري /ل، ر، و ۽ ي / مان ڪو بہ وينجن پنيان هوندو آهي. لفظ جي شروع ۾ گهڻيئي وينجن /س/ سان شروع ٿين ٿا. مثال طور:

(1) /ل/جي اڳيان آيل وينجن:

/ پ - ل/ پليٽ فارم، /ڪ — ل/ڪلاس؛ /گ — ل / گلاس؛ /م - ل /مليڇ، /ف-ل/ فلئٽ، /س- ل/سليٽ ۽ /ش-ل/شُلوڪ.

(2) /ر/جي اڳيان آيل وينجن:

/پ-ر/ پريم،/ب - ر/براهمڻ، /پ-ر/پرشٺ، /ت-ر/ تُريتا، /د-ر /دراوڙ، /ڏ-ر/ ڏرُپدَ، /ٽ - ر/ٽرام، /ڊ-ر/ ڊرامو ۽ /ڪ-ر/ڪروڌ.

(3) /و/جي اڳيان آيل وينجن:

/د-و/دوارڪا، /ڏ-و/ڏوني، /ج-و/جوالا /ڪ-و/ڪنوارو، /گ-و/ گوالو، /س-و/سوامي ۽ /خ-و/خوار.

(4) /ي/جي اڳيان آيل وينجن:

/پ-ي/پيارُ،/ب-ي/بياس،/ٻ-ي/ٻَياسي،/ت-ي/تياڳ،/ڏ-ي/ڏيانُ، /ٿ-ي/ٿياڪُر،/ڏ-ي/ڏياري،/ج-ي/جيوتيءَ/ڪ-ي/ڪياڙي/ک-ي/ کيانتو، /گ-ي/گيان، /م-ي/مياٽي، /ن-ي/نياٽي، /ف-ي/فيوز، /س-ي/سياٽي، /ز-ي /زيان، /ش-ي/شيام ۽ /و-ي/وياج.

(1) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 2004ع. سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد، ڇاپو ٻيون. ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي،ص ص 68 ۽ 223 -224.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(5) /س/جي پٺيان آيل وينجن:

/س-پ/سپين،/س-ق/سقوٺ،/س-ت/ستري،/س ٺ/ سٺول، /س-ٺ/ سٽيشن،/س-ڪ/سَڪول ۽ /س-ن/سنيھہ [1].

ڊاڪٽر جيٽلي صاحب، اڳتي اھو قبول ڪيو آھي تہ:

"انھن وينجنن جي ميل ۾ ڪيترائي سنڌي /س-م/، /س - ن/ کي ڇڏي، ٻين حالتن ۾ اڳيان سر ڳڌي اُچار ڪندا آھن، جيئن تہ: اِسپين، اِسقول، اِسٺُول، اِستري، اسٽيشن ۽ اِسڪول.

ڪيترائي سنڌي/س- م/ ۽ /س-ن/جي حالت ۾، ٻنھي جي وچ ۾ (اِ) وجھي، وينجن ميل کي ڀڃي، اُچار ڪندا آھن، جيئن: سِنيھہ، 'سِمارٽ' وغير[2]

(6) لفظن جي وچ ۾ ڳڌيل وينجنن جو استعمال:

سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي مطالعي مان اھو بہ پتو پوي ٿو تہ لفظن جي وچ ۾، جن جن وينجنن جو ڳڌيل اُچار ممڪن آھي، اھڙا وينجن ھي آھن:

(i) ٻہ ڌماڪيدار وينجن، جھڙوڪ [3]

/پ-ت/ ڪَپتان

/پ-ٽ/ چپٽيل،

/ٺ-پ/ ڇَٺِپَي، /ٺ-ق/ ڦَٺقٽي

/پ-ڇ/ اَپڇرا /ڌ-ڌ/ ڌڌڪڻ، /ڇ-ت/ پڇتائڻ

/پ- ڪ/ جھپڪي /ڇ-ڪ/ مِڇڪائڻ،/ ج-گ/ گجگوڙ

/ج- پ/ راجپوت

/ب- ڊ/ ڊَبڊَبو

/ڪ- ت/ ڇُڪتو

(1) مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر: سنڌي ڌوني - وگيان، حوالو ڏنو ويو آھي. ص ص 93 ۽ 94.

(2) ايضاً، ص 95.

(3) ايضاً.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

/ت-ڪ/ ڦَتڪڻ

/ڪ-پ/لَڪپتي

پر /د-ب/، / ب-ت/، /ج-ب، /ج-ت/ ۽ /ت-ج/ ٻوڪڙن وينجنن جي ميل جو استعمال ممڪن نہ آهي.

(ii) ڪيترن ئي اُڌارن ورتل لفظن (عربي، فارسي ۽ ٻين ٻولين) ۾ بہ ٻٽاڪيدار وينجن، لفظن جي وچ ۾ گڏجي، ميل ٺاهين ٿا، مثال طور:

/ت-ب/ اَعتبار، /ت-د/ اَعتدال، /ق-د/ تقدير /د-ب/ تَدبير، /د-ق /صَدقي، /ڪ-ٽ/ ڊاڪٽر، / ب-ج/ اَبجَد، /ج-د/ وَجد، /ب-ت/اَبتَر، /ڪ-ب/ اَڪبَر.

(iii) <u>چُوسڻا وينجن ۽ ٻٽاڪيدار وينجن:</u>

/ڏ-ڪ/سُڏڪڻ، /ڳ-ت/ ڀڳتي، /ڳ-د/سُڳداسي/ٻ-ڪ/ڏٻڪو، /ج-ڏ/ راجڏاني.

(iv) <u>ٻٽاڪيدار وينجن ۽ گُهڻا (نڪانوان) وينجن:</u>

مطالعي دوران، هيٺين لفظن ۾، ٻٽاڪيدار وينجنن ۽ گهڻن وينجنن جو، لفظن جي وچ ۾ گڏجي اُچارجڻ ممڪن آهي؛ مثال طور:

/ي - م/ اَيمان، /پ-م/ اَپمان، /چ-ن/ رَچنا، /ڇ-م/ لڇمڻ، /ڪ-ن/ چِڪنو، /ڌ-ن/ ساڌنا ۽ /د-م/ پَدما.

انهيءَ قسم جا ميل، عربي ۽ فارسي ٻولين مان اُڌارا ورتل لفظن ۾ بہ جام نظر اچن ٿا؛ جيئن:

/ب-ن/ شبنم، / ت-ن/خَتنو.

پر /ب - م/ ،/ج-ن/۽/ن-ج/وغيره جا ميل، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڏسڻ ۾ نٿا اچن.

(v) <u>ٻٽاڪيدار وينجن ۽ گهيڪيدار وينجن:</u>

/ت-س/ اُتساه، / گ- س/ مَگسي، /ک - ه/ لَکها



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن قسمن جا ميل عربي ۽ فارسي زبانن تان ورتل اُڌارن لفظن ۾ بہ نظر اچن ٿا، مثلاً:

/ب-ز (ض)/ قَبضي، /ب-ش / حَبشي، / ت - ف / لُطف، /ب- ح /سُبحان،/پ-س/ اَپسرا،/ ڪ - ث/ اَڪثر،/ د-ث/ حادثو،/د-ش/بادشاھ، /ج-ذ/ مَجذوب،/ ج- ھ/ مَجهُول، /ڪ-س/ عڪس ۽ /ق- ش/نقشو.

(vi) ڌماڪيدار وينجن ۽ پاسيرو وينجن:

/پ-ل/چاپلوس ۽ /ٿ-ل/ اُٿلَڻ.

(vii) چُوسٽا وينجن ۽ پاسيرو وينجن:

/ڏ-ل/لاڏلو،/ڳ-ل/ لڳلڳو ۽ / ٻ-ل/ اَٻلا

عربي ۽ فارسيءَ مان اُڌارن ورتل لفظن جي وچ ۾ بہ اهڙا گڏيل وينجن نظر اچن ٿا؛ جيئن:

/ط - ل/ اَطلَس،/د-ل/ بَدلو،/ج-ل/ اِجلاس، /ق-ل/ تقليدَ ۽ / گ-ل/ مَنگلي.

(viii) ڌماڪيدار وينجن ۽ ڦڙڪڻو وينجن:

/پ-ڙ/ ڪَپڙو، / ٿ-ڙ/ پَنڙو،/ چ - ڙ / موچڙو، / د-ڙ/ (گودڙي، / ت- ڙ/ ڌُتڙيَل ۽ / گ - ڙ/ مَهنگڙيو.

(ix) چُوسٽا وينجن ۽ ڦڙڪڻو وينجن:

/ڳ-ڙ/جَهڳڙو ۽ /ٻ-ڙ/ رَٻڙي.

(x) ڌماڪيدار وينجن ۽ نيم سُر /و/:

/ٿ- و/ پِرٿوي، / ڪ - و/ پَکواز ۽ / ٿ-و/ اَٿونجاھ.

(xi) انهيءَ قسم جا ميل، چُوسٽن آوازن ۽ نيم - سر /و/ جي ميلاپ ۾ بہ نظر اچن ٿا:

/ڏ-و/ آڏواٽي، / ڄ-و/ لَڄوَند ۽ /ڳ- و/ اَڳواڻ.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻين ٻولين تان ورتل اُڌارن لفظن جي وچ ۾ ٻہ اھڙا ميل نظر اچن ٿا، جيئن:

/و-د/ ودوان، / و-ڌ/ وڌوا، /ڪ-و/ ٻَڪواسَ، /ڊ-و/ اَئڊوانس،

/ ب - و/ اَبواب ۽ / ٿ- و/ پَٿواڙي.

(xii) ڌماڪيدار وينجن ۽ نيم - سر /ي/:

/پ - ي/ ڪَپيو، /ڦ-ي/ڦُڦيون، / ب - ي / سِبيون، /پ-ي/ اَپياس،

/ ت - ي / ڪَتيو، / ڪ - ي/ اکيون، /گھ- ي/ اگھيو، /ٿ-ي

/ ڪاٿير، /ڍ - ي/ منڍيون.

(xiii) چُوسٽا وينجن ۽ نيم- سر/ي/:

/ڏ-ي/ ڪُڏيو، / ٻ- ي/ ڏٻيو، /ڳ - ي/ اڳياڙي، / ڄ-ي/ ڪڄيو،

/ ٽ - ي/ ھَٽيو.

اھڙيءَ طرح ڪيترن ئي اُڌارن لفظن ۾، انھيءَ قسم جا ميل نظر اچن ٿا، مثلاً:

/گ-ي / آگيا ۽ / د- ي/ وِديا.

(xiv) گھٽا وينجن ۽ ڌماڪيدار وينجن – ڊاڪٽر جيٽلي جو رايو آھي تہ سنڌي ٻوليءَ جي ڪيترن ئي لفظن ۾، گھٽا وينجن ۽ ڌماڪيدار وينجن گڏجي، ميل ناھين ٿا، پر اھڙن ميلن ۾، گھٽا وينجن پھرين ايندا آھن[1]، مثال طور:

(1) گھٽو وينجن/م/ ۽ ڌماڪيدار وينجن:

/م- پ / چَمپا، / م - ٿ / چمٿو ، / م - ڇ / چَمڇو،

/ م - ٿ / ھِمٿائڻ، / م - ڪ / ٺِمڪڻ، / م - جھ/ سَمجھہَ

۽ / م- چ / ڏَمچر

مطالعي مان معلوم ٿيو آھي تہ ڪيترن ئي اُڌارن لفظن ۾ ٻہ وينجنن جا اھڙا ميل نظر اچن ٿا، جيئن:

---

(1) مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر: سنڌي ڌوني – وگيان. حوالو ڏنو ويو آھي. ص ص 99 ۽ 100.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

/ م - ت / اِمتحان، / م - د/ اِمداد، / م - گ/ غمگين ۽ / م - ج / اَمجد.

(2) گُهٽو وينجن /ن / ۽ ڏماڪيدار وينجن:

/ن- ث/ ڪَنث، /ن - ت / اَنُت، / ن - ٺ/ پَنُٺ ۽ / ن - ڇ/ ڇَنڇرَ.

(3) ڪن لفظن جي وچ ۾ گُهٽو وينجن /ن/ ۽ ڇُوسٽو وينجن /ب/ گڏجي ميل ناهين ٿا: مثال طور:

/ن - ب/ سَنبَند.

اهڙيءَ طرح ڪيترن ئي اُڌارن ورتل لفظن ۾ هن قسم جو ميل ڏٺو ويو آهي ؛ مثلاً:

/ن- ب/ جانباز، /ن-ڪ/تِنڪو،/ن-گ/روانگي ۽ /ن-چ/خزانچي

(4) گُهٽو وينجن/ڻ/ ۽ ڏماڪيدار وينجن:

/ڻ - ت / ڳِڻتي، /ڻ - ب/ اَڻبَڻت، / ڻ - ج / وَڻج، / ڻ - ڪ / ڪُڻڪو، / ڻ - پ/ سَڻپيو ۽ /ڻ - ڇ/ ڪَڻڇي.

(5) ٻه گُهٽا وينجن گڏجي، لفظن جي وچ ۾ ميل ناهين ٿا: مثال طور:

/م - م / سَممان، /م - ن/ جَمني ۽ / ڱ - ڻ/ واڱڻائي.

(6) نڪانوان (گُهٽا وينجن) ۽ گهڪيدار وينجن:

/ڻ - ه/ ماڻهو ۽ /ن - ه/ اُنهو.

هن قسم جا ميل، اُڌارن لفظن ۾ ٻه گهٽا ڏسڻ ۾ اچن ٿا: مثلاً:

/م - س/ شَمس، / ن - ف/ مَنفي، /ن - س/ جِنسَ، /م - ش / شَمشير، / ن - ز/ڪَنز ۽ /ن -خ/ تَنخواه.

(7) گُهٽو وينجن ۽ پاسيرو وينجن [ل]:

/م - ل/ جُملو ۽ حَملو.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(8) گهٽو وينجن ۽ ڦڙڪٽو ۽ ڦرٽو وينجن:

/م - ڙ/ چَمڙو ۽ /م - ر/ اَمرَت.

(9) گُهٽا وينجن ۽ نيم - سر:

/ڻ-ي/ واڻيو، / ڻ-و/ اُوڻويهہ،/ ڳ- ي/ مَڱيو، / ڄ-ي/ وَڄيو، / م — ي / چُميو ۽ /ن - ي/ ڪَنيا.

ڪيترن ئي اُڌارن لفظن ۾ بہ هن قسم جا ميل، لفظن جي وچ ۾ ڏسبا آهن ؛ مثال طور:

/م - و / هَموار ۽ /ن - و/شُنوائي.

(10) گهڪيدار وينجن ۽ ڌماڪيدار وينجن:

هن قسم جي ميل جا اڪثر مثال، اُڌارن لفظن ۾ نظر اچن ٿا: مثلاً:

/ف- ت / هَفتو، / ڪ -گ / ڪَفگير، / س - ب / اَسباب، / ص - د / تَصديق، / س - ٽ / رجسٽر، / غ - ب / رُغبت، /غ - د/بَغداد، /س - ج /مَسجد، /س - ڪ / ڪِسڪس، / ض - پ / راضپو،/ س -ت / رَاجستان، / ض - ب / مضبوط، /ز - د / بُزدل، / ذ - ڪ / تَذڪرو، / ز - گ/ روزگار، / ش - پ / پُشپا، / ح - ق / تحقيقات، / ح - ت/ اِحترام، /ح- ب/ مَحبُوب،/ ح-ج/ مَحجوب، / ش - ق/ نِشقل، / ش - ب / تَشبيهہ،/ ش - ت /اِشتهار، / ش - د/ تَشديد، / ش - ٽ / درشٽي، / ش - چ/ نِشچل، / ش - ق/ عِشق / خ - ب/اَخبارَ، / خ - ت/ بَخت، / خ - د/ مَخدوُم / هہ - گ / رَهگير.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### (11) گھڪيدار وينجن ۽ گھٽو وينجن:

هن قسم جي ميل وارا وينجن گھٽو ڪري ٻين ٻولين کان اُڌارا ورتل لفظن ۾ ملن ٿا: جيئن:

/ س - م / قسمَت، / ش - م / چَشمو، / غ - م / نَغمو، / ف - ن / دَفنائڻ، /ش - ن / چاشني، /هـ- م / برهما، /س - ن/حُسن، /ش - ن/ وِشنو، /ز-م/ بَزم، /خ-ن/ رُخنو، / هـ- ن/ ڪُهنو ۽ /ز-ن/ غَزنوي.

### (12) ٻن گھڪيدار وينجن جو گڏ اُچارجڻ:

هن قسم جو ميل فقط اُڌارن لفظن ۾ ئي نظر اچي ٿو. مثلاً:

/ف-س/ اَفسانو، /ف-ز/ لفظ، /ف - ش/ڪَفش، /ف-غ / اَفغان، /ج - س/ مُجسَمُو، /س-خ/ نُسخو، /ص - غ / تصغير، / ع - ز/ مُعزز، /ش - خ/ تشخيص، /خ-ف/ مَخفي، /خ-ص/ رُخصَت، /خ-ز/ مَخزن، /خ-ش/بخشِش، /غ - ض/ بغض، /ح-ش/وَحشي، /ح-ف/ تُحفو ۽ /ح-س / تَحسين.

### (13) گھڪيدار وينجن ۽ پاسيرو وينجن (ل):

/ف - ل/ اَفلاطون، /خ-ل/ اَخلاق، / س - ل/ اِسلام، /ب-ل/ تَبليغ، /خ - ل / تخليق، /ظ-ل/ مظلوم ۽ /ح-ل/ تَحليل.

### (14) گھڪيدار وينجن ۽ ڦڙڪي وارو ۽ ڦرٽو وينجن:

/س-ڙ/ لَسڙو، /س - ڙ/ گوسڙوُ / هـ-ڙ / وانَهڙُو.

اهڙيءَ طرح اُڌارن ورتل لفظن ۾ به هن قسم جي ميل وارا وينجن، گھٽا نظر اچن ٿا: جيئن:

/ف - ر/ نَفرَت، / ض - ر/ حَضرت، /ش - ر/ وِشرام،
/غ- ر/ مغرور، /س-ر/اِسرار، /خ-ر/ اخراج.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(15) گهڪيدار وينجن ۽ نيم —سر:

/س-ي/ ڪَسيون، ماسيون،

هن قسم جا ميل گهٽو ڪري اُڏارن ورتل لفظن ۾ نظر اچن ٿا؛ جيئن:

/ف-و/ اَفواهه،/س- و/هَسوار،/ز- و/ جُزوي، /ق-و/ اَقوالَ، / غ - ي / اَغيار ۽ /ح - و/ نَحوي.

(16) ڦڙڪٽو وينجن/ل/ ۽ پنيان ايندڙ وينجن:

/ل-پ/ ڪَلپَنا، / ل-ٿ/ پَلٿي، / ل- ٿ / بالٿي، / ل- س / تُلسي، /ل- ڪ/ هَلڪو، /ل- گ/ چَلگَت ۽ /ل- چ/ لالچي.

اهڙيءَ طرح ڪيترن ئي اُڏارن لفظن ۾ به هن قسم جا ميل نظر ايندا آهن؛ جيئن:

/ل- ب / بُلبُل، /ل- ت / اِلتَجا، / ل- د/ جَلدي، /ل- ڊ/ ڊالڊا، / ل - م / عِلم، /س - م / جسم، /ل- ڪ / مُلڪ، /ل- ف/ ڪُلف، / ل - خ/ تَلخ، /ل - و/ حَلوو.

(17) ڦرٽو وينجن /ر/ ۽ ڌماڪيدار وينجنن (ٿ، ڊ ۽ ڍ کان سواءِ) ٻيا سڀ:

/ر- چ / مِرچ، ورچ، / ر-ب / بُرج، /ر- پ/ چَرٻي، /ر-جهـ/ سرجهڻ، /ر- پ/ ڪَرپ، /ر-ٿ / اَرٿ، /ر-ڪ/ وَرڪا، /ر-ڏ/ اَرڏو، /ر-ڳ / نرڳ.

اهڙيءَ طرح ڪيترن ئي اُڏارن ورتل لفظن ۾ هن قسم جي تبديلي ڏني وئي آهي ؛ جيئن:

/ر-ق/ عَرق، / ر- د/ وَردي.

(18) ڦڙڪٽو وينجن /ڙ/۽ ڌماڪيدار ۽ چُوسٽا وينجن:

/ڙ-پ/ جَهڙپَ، /ڙ- ڦ/ تَڙڦڻ، / ڙ-پ/ پَڙ پانگ،/ڙ-چ/ ٻَڙچي ۽ /ڙ-ت/ڦڙت.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(19) ڦڙڪٽو وينجن /ڙ/ ۽ گهڪيدار وينجن:

/ڙ- س/ مُڙسيِ ۽ /ڙ- ھ/ پَڙھڻ.

(20) ڦرٽو وينجن /ر/ ۽ گهڪيدار وينجن:

هن قسم جا ميل گهٽو ڪري اُڌارن ورتل لفظن ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا: جيئن:

/ر-ف/ بَرف، /ر-خ/ نَرخ، / ر -س/ بَرسات، /ر-غ/ ترغيبَ، /ر-ض/ مَرض، ر-ز/ وَرزش ۽ /ر-ش/وَرش.

(21) اهڙيءَ طرح /ر/ ۽ /ل/ جي ميلاپ سان:

/ر-ل/ مُرلي.

(22) /ر/ ۽ /ڙ/ جي ميلاپ سان:

/ر-ڙ/ اَرڙھن ۽ شَرڙات.

(23) /ر/ ۽ نيم سرن /و ۽ ي/ جي ميلاپ سان:

/ر- ي/ آرياٽي ۽ /ر-و/ پَروانو.

(24) لفظن جي آخر ۾ ايندڙ وينجنن جا ميل:

ڊاڪٽر جيٽلي هن سلسلي ۾ لکي ٿو ته: ”جيئن ته سنڌي بوليءَ ۾ گهٽو ڪري لفظ، سُرَ ۾ پورا ٿين ٿا، انهيءَ ڪري لفظ جي آخر ۾ ٻن وينجنن جو ميل، سنڌي ٻوليءَ ۾ تمام ورلو نظر ايندو آهي: تنهن هوندي به ٻين ٻولين مان آيل ڪجھ لفظن ۾ اهڙو ميل ملي ٿو: جيئن:

/ب- ط/ ضبط، /س-ت/ چُست، /ن-ٽ/ فرنٽ (front)، /س- ٽ/ ٽيسٽ، /گ- ڪ/ ٽرنڪ (ٽرگڪ)، / ن-ڊ/ بئنڊ، / ن-س/ ڪانفرنس، /ل - و/والوِ (volve)، /گ-ي/ يوگيَہ[1]

(25) اهڙيءَ طرح ڊاڪٽر جيٽلي اهڙن ٽن ٽن وينجنن جا مثال به

1) مُرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر: سنڌي ڏوني، وگيان، حوالو اڳ ۾ ڏنو ويو آهي، ص. 195.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنا آهن، جيڪي لفظن جي وچ ۾ اُچاريا ويندا آهن: مثال طور:
/ن - هہ- ي/ سَنهيون، /ڪ- ت-ي/ شَڪتيون، /ر-ڳ-و/سرڳُواسي،
/ٺ-هہ-پ/وَڏ ماٺهپائي.

اهڙيءَ طرح جا ميل انگريزي ٻوليءَ مان اُڌارن ورتل لفظن ۾ بہ نظر اچن ٿا: مثال طور:

/ڱ-گ-ر/انگريزي، /ڪ - س- ڪ/ايڪس ڪرشن.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب ٻارهون

## سنڌي صوتياتي نظام ۾ شدّ (Gemination) جو استعمال

1- علم صوتيات جي اصولن موجب، ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾، لفظن اندر، ساڳين ساڳين وينجنن جي ٻٽي اُچار کي 'تشديد' (gemination) چئبو آهي. اهڙن ٻٽن اُچارن وارن آوازن جي نمائندگي ڪندڙ حرفن مٿان لکيل صورت ۾، ' ّ ' (شد) جو نشان ڏنو ويندو آهي. هيءُ نشان ڪنهن بہ ٻوليءَ جي علم صوتيات جي اپياس ڪندڙن کي اها ڄاڻ ڏئي ٿو تہ جنهن حرف مٿان، 'شد' جو نشان ڏنل هجي، اُن جو اُچار ٻٽو ڪيو ويندو آهي. مثال طور عربي ٻوليءَ جي 'نقّاش' ۽ 'سَتّار' لفظن ۾، 'ق' ۽ 'ت' حرفن مٿان، شد جو نشان ڏنل آهي، جنهن جي مراد آهي تہ انهن حرفن وارا آواز 'ٻٽا' (geminated) آهن.

2- ڏنو ويو آهي تہ سنڌي صورتخطيءَ ۾، سواءِ عربي زبان جي ڪن لفظن جي ، ٻين لفظن جي لکيل صورتن ۾، حرفن جي مٿان اهڙو نشان (يعني شد جو نشان) ڪونہ ڏبو آهي، جاڪاڻ تہ سنڌي زبان جي ويا ڪرڻ جا ڄاڻو سمجهن ٿا تہ سنڌي ٻوليءَ جي ديسي لفظن جي ذخيري ۾ اُنهن لفظن جي اُچار ۾، آوازن جو مشدد ٿيڻ ممڪن نہ آهي، جيتوڻيڪ سنڌي ٻوليءَ جي درسي ڪتابن ۾، سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي لکيل صورتن ۾، ڪن حرفن مٿان شد جو نشان ڏنو ويو آهي. اهڙن لفظن ۾، ڪن حرفن مٿان 'شد' جو ڏنل نشان ڏيکاري ٿو تہ، انهن ڪتابن جي لکندڙ سڄڻن کي، سنڌي صوتياتي نظام جي قانونن موجب، 'شد' واري نشان جي ڪم آڻڻ، يعني ٻٽن(geminated / مشدد) آوازن جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اصولن ۾ صوتياتي نظام ۾ تشديد جي ڄاڻ ڪانهي، مثال طور سنڌي درسي ڪتاب ۾، 'اَنَ' ۽ 'ڪَنَ' لفظن ۾ 'ن' حرف مٿان 'شَدَ' جو نشان ڪونہ ڏنو ويو آهي (ڏسو سنڌي پهريون ڪتاب ص 6)، پر ساڳئي ڪتاب ۾، اڳتي هلي صفحي 7 تي لکيل لفظ 'پَنَ' ۾، 'ن' حرف جي مٿان، 'شَدَ' جو نشان ڏيئي، اهو لفظ لکيو ويو آهي: 'پَنَّ'.

عام طور، سنڌي صورتخطيءَ ۾ لفظن جي لکيل صورتن ۾، حرفن جي مٿان 'شدّ' جو نشان ڪونہ ڏنو ويندو آهي، پر حقيقت ۾، سنڌي صوتياتي نظام موجب، سنڌي ٻوليءَ جي ڪن ٻن، ٽن ۽ چئن پدن وارن لفظن جي اُچارن ۾، ڪي آواز ضرور مشدد (geminated) ٿين ٿا. سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙن مشدد آوازن جي اُچار ڪرڻ لاءِ بہ ڪي اصول ۽ قانون موجود آهن، جن جو واسطو صوتيات جي علم سان آهي.

3- سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام موجب ڏنو ويو آهي تہ نہ فقط سنڌي ٻوليءَ ۾، پر ننڍي کنڊ جي ٻين ٻولين ۾ بہ، مشدد آوازن جي اُچار ڪرڻ لاءِ، لڳ ڀڳ ساڳيا اصول ۽ قانون آهن. اهي قانون سمجهڻ لاءِ هيٺ ڏنل لفظ ملاحظہ ڪريو:

| سنڌي لفظن جي عام لکت | لفظن جو اُچار |
|---|---|
| ٻُتِ | ٻُتّ |
| پَتَ | پَٽّ |
| پَڪَ | پَڪّ |
| سَٽ | سَٽّ |
| سَٿَ | سَٿّ |
| سُٿَ | سُٿّ |
| سِڪَ | سِڪّ |
| سُڪَ | سُڪّ |


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| سُکُ | سُکّ |
| سَچُ | سَچّ |
| سِجُ | سِجّ |
| اکَ | اکّ |
| اَنُ | اَنّ |
| اَنَ | اَنَّ |
| رِڏَ | رِڏّ |
| پَٽَرُ | پَٽّرُ |
| هَلٽَ | هَلّٽَ |

متي ڏنل لفظن جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ سنڌي ٻوليءَ جي ٻن پدن توڙي ٽن پدن وارن لفظن جي پهرئين پد ۾ جڏهن ڇوٽن سرن [اَ، اِ ۽ اُ] مان ڪوبہ هڪ سر ڪم ايندو آهي، تڏهن اُچار ڪرڻ مهل، پهرئين پد واري ڇوٽي سر کان پوءِ ايندڙ وينجن، يعني ٻئي پد جي مُنڍ وارو وينجن، مُشدد (geminated) يعني 'ٻٽو' ٿي ويندو آهي. مثال طور /ٻُت/لفظ جي پهرئين پد ۾ [اُ] سر ڪم آيو آهي. [اُ] سر کان پوءِ، ساڳئي لفظ جي ٻئي پد جي مُنڍ ۾ [ت] وينجن آيو آهي. قانون موجب، پهرئين پد ۾، ڇوٽي سُرَ [اُ] جي اچڻ ڪري، ٻئي پد جي مُنڍ واري وينجن [ت] جو اُچار، خود بخود مُشدد (geminated) يعني 'ٻٽو' ٿي ويندو آهي. اهڙيءَ طرح 'مَٺَ' لفظ جي پهرئين پد ۾، [اَ] سر جي اُچار ڪري، اُن جي فوراً پويان ايندڙ ٻئي پد جي مُنڍ ۾ آيل وينجن [ٺ]، مشدد يعني ٻٽو اُچاربو. ساڳيءَ طرح 'سِٺَ'، لفظ جي پهرئين پد ۾ [اِ] سر کان هڪدم پوءِ آيل وينجن [ٺ]، مشدد يعني 'ٻٽو' اُچاربو، پر جڏهن ڪنهن بہ لفظ جي پهرئين پد ۾ ڊگها سر [آ، اي، اَو، او وغيره] ڪم ايندا آهن، تڏهن انهن ڊگهن سرن کان فوراً پوءِ ايندڙ وينجن مشدد ڪونہ اُچاربا آهن؛ مثلاً:



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| پهرئين پد ۾ | لفظ جو | پهرئين پد ۾ | لفظ جو |
|---|---|---|---|
| چوٿو سر | اُچار | ڏگهو سر | اُچار |
| پَٽ | پَٽّ | پاٽ | پاٽ |
| سَٺَ | سَٺّ | سيٺَ | سيٺَ |
| اَڃَ | اَڃّ | آڃَ | آڃَ |
| پَڪو | پَڪّو | پيڪو | پيڪو |

انهيءَ لحاظ سان، سنڌي صورتخطيءَ ۾، صوتياتي مطالعي لاءِ 'شد' جي نشان جو استعمال ضروري آهي.

هت هيءُ نقطو بہ توجهہ گُهري ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ ۾، 'سَنڌيءَ' (assimilation) جي ڪيترن ئي مثالن ۾، وڏي عرصي گذرڻ سان گڏ، اهڙا مشدد وينجن بدلجي، چُوسٽا وينجن (implosive consonants) ٿي ويا آهن: مثال طور سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ لفظ آهي 'سڄڻ'. هيءُ لفظ دراصل ٻن مفرد لفظن، 'سَتَ + جَنَ' جي ميلاپ سان ٺهيو آهي. 'سَتجَنَ' لفظ جا انهيءَ ڪري ٻہ جُز ٿيا: هڪڙو 'ست' ۽ ٻيو 'جن' (ست + جَنَ). سنڌي ٻوليءَ ۾ 'سَنڌي' (assimilation) جي قانون موجب، 'ست + جَنَ' جزن مان، پهرئين جُز 'ست' جو پويون وينجن [ت]، ٻئي جز يعني 'جَنَ' جي پهرئين وينجن [ج] ، يعني سخت تارونءَ واري ڳري اوسرگ، ڏوڪٽي وينجن [ج] جي اثر ڪان بدلجي، سخت تارونءَ وارو ڳرو اوسرگ ڏوڪٽو وينجن [ج]، ٿهي پيو ۽ نئون لفظ ٺهيو 'س+ج+ج+ن' يعني 'سَجَّن،' جنهن ۾ [ج] جو اُچار ٻٽو يعني 'مشدد' ٿئي ٿو، پر اڳتي هلي، اهو مشدد يعني ٻٽو وينجن [ج] بدلجي، 'سخت تارونءَ وارو چوسٽو وينجن' (palatal Implosive) آواز [ڄ] ٿي ويو، ۽ [ن] بدلجي، مورڌني گهٽو وينجن [ ڻ] ٿي ويو ۽ نئون لفظ ٺهيو 'سڄڻ'.

هن موضوع تي اڃا بہ وڌيڪ تحقيق جي گهڻي ضرورت آهي.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## باب تيرهون

# وسرگ آوازن تي مشتمل لفظن جو صوتياتي اڀياس

مطالعي مان معلوم ٿيو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام موجب، ڪن لفظن ۾ جڏهن بہ ڪي وسرگ آواز گڏجي، هڪ ٻئي پنيان هڪ ئي لفظ جي پهرئين ۽ ٻئي پد جي شروع ۾ اُچاريا ويندا آهن، تڏهن اُنهن ٻنهي وسرگ آوازن جي اُچار ۽ لکت ۾ وڏو فرق محسوس ڪيو ويندو آهي. ڪيترائي ماڻهو، انهن آوازن کي ڏار ڏار نموني سان لکندا آهن. ايتري قدر جو، اهڙن لفظن جون جدا جدا صورتون، سنڌي ٻوليءَ جي نصابي ڪتابن (سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ طرفان ڇپايل) ۾ بہ نظر اينديون آهن. مثال طور هيٺيان لفظ، جن جي پهرئين ۽ ٻئي پد ۾ وسرگ آواز ڪم ايندا آهن، انهن کي ڏار ڏار نموني لکيو ويندو آهي، جيئن:

گُهگهي، گهگي ۽ گُگهي

جَهجهو، جهجو ۽ ججهو

ڀميور، ڀمبور ۽ ٻميور

ڀاڀي، ٻاڀي ۽ ڀاٻي

ڀَڀُ، ڀب ۽ ٻڀ

انهن مثالن ۾ [جهہ]، [گهہ] ۽ [ڀ] آواز، [ج] ، [گ] ۽ [ب] اوسرگ آوازن جون وسرگ صورتون آهن. ڏٺو ويو آهي تہ سنڌي صورتخطيءَ ۾، وسرگ آوازن جي لکڻ ۾ ، اهو مسئلو فقط [جهہ، گهہ ۽ ڀ] جي اُچارن ۾ ئي پيدا ٿيو آهي. هن سلسلي ۾ لسانيات جي هڪ ماهر، گراسمئن (Grassman)، هڪ قانون ناهي، هن مسئلي جو حل ڳولي ڪڍيو هو، پر جيئن تہ اسان کي گراسمئن جي ناهيل، انهيءَ قانون جي اڳ ۾ ڄاڻ ڪانہ هئي، انهيءَ ڪري اهو مسئلو، اسان وٽ مسئلو ئي رهيو آهي. گراسمئن فرمايو آهي تہ:



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”جڏهن ڪنهن بہ لفظ جي اُچارڻ مهل، اُن لفظ جي مُنڍ،
يعني اُن لفظ جي پهرئين پد جي مُنڍ ۾، ۽ اُن کان فوراً پوءِ اُن لفظ جي ٻئي پد جي مُنڍ ۾ (يعني اُن لفظ جي وچ ۽ ٻئي پد ۾) وسرگ آواز ڪم اچن تہ اُن لفظ جي اُچارڻ لاءِ پهرئين پد جي مُنڍ وارو وسرگ آواز، پنهنجي وسرگائي وڃائي، اَوسرگ ٿي ويندو.“

هن وصف جي آڌار تي ڏسبو تہ مثال طور هڪ لفظ جي اصلي صورت آهي ’گهگهي‘. اهو لفظ ٻن پدن وارو آهي: اُهي ٻہ پد آهن: [گهہ + اُ ۽ گهہ + اِي] . هاڻ گراسمئن جي قانون موجب، ’گُهگهي‘ لفظ جي پهرئين پد وارو [گهہ+ اُ] وسرگ آواز، اُچارڻ مهل، پنهنجي وسرگائي وڃائي، بدلجي اَوسرگ آواز [گُ] ٿي ويندو، پر ٻئي پد جي مُنڍ ۾ آيل [گهہ] وسرگ آواز قائم رهندو، ۽ اهڙيءَ طرح لفظ جو اُچار ٿيندو /گُگهي/. صوتيات جي عالم جا شاگرد، پنهنجن نوٽس ۾ اهو ضرور ڄاڻائيندا تہ اصل لفظ /گُهگهي/ آهي.

هاڻي گراسمئن جي ڄاڻايل قانون جي روشنيءَ ۾، اهڙن لفظن جي جدا جدا صورتن لاءِ ، هيٺ موجب، هڪ صورت لکڻ جي سفارش ڪجي ٿي:

| ڌار ڌار لفظن جون ڌار ڌار صورتون | هڪ مقرر صورت جي سفارش |
|---|---|
| گَهگهي ، گَهُگي ۽ گَگهي | گَگهي |
| جَهجهو، جَهجو ۽ جَجهو | جَجهو |
| جِهنجِهٽو، جِهنجٽو ۽ جِنجِهٽو | جِنجِهٽو |
| ڀميور، ڀنيور، ٻنيور، ٻميور | ٻنيور |
| ڀاڀي، ٻاڀي ۽ ڀاٻي | ٻاڀي |
| ڀيپ، ٻيپ ۽ ڀيٻ | ٻيپ |


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب چوڏهون

## سنڌي صوتياتي نظام موجب 'همزي' (ء) جو اڀياس

هر پڙهيل سنڌي ماڻهوءَ کي اها خبر آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي الف - ب جي پٽيءَ ۾، 'ء' کي، وينجن طور شامل ڪيو ويو آهي، پر ٻوليءَ جي ماهرن کي اها خبر آهي تہ 'ء' وينجن نہ آهي. حقيقت ۾، سنڌي صوتيات جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ 'ء' جو ڪارج وينجن وارو نہ، پر سُر وارو آهي، جنهن جي صحيح خبر تڏهن پوي ٿي جڏهن سنڌي صورتخطيءَ جو مطالعو ڪجي ٿو.

سنڌي ويا ڪرڻ جي شاگردن ۽ ماهرن کي اها خبر آهي تہ 'ء' ڪن لفظن ۾، ٻن يا ٽن سرن جي 'ميلاپ يا جوڙ' (sequence) جي حالت ۾، ٻوئين سر يا ٽوين سرن (second and third component) جي لکت ۾، نمائندگي ڪندو آهي. سرن ۽ وينجنن جي ميلاپ جي بيان واري باب ۾، سرن جي ميل جي باري ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي، پر هن موضوع تي، وضاحت سان هن باب ۾، روشني وڌي وئي آهي؛ جيئن:

(i) ٻن پدن وارن لفظن جي آخر ۾ آيل چوٿن سرن [اِ، اُ ۽ اَ] جي بدران 'ء' جو استعمال:

لاءِ = ل + آ — اِ ('اِ' جي بدران 'ءِ' ڪم آندو ويو آهي)

ماءُ = م + آ- اُ ('اُ' جي بدران 'ءُ'ڪم آندو ويو آهي)

ڏيءَ = ڏ+اِي-اَ (ٻئي پد جي منڍ ۾ ڪم آيل سر'اَ' جي بدران 'ءَ' ڪم آندو ويو آهي)

انهن، لفظن ۾، لفظن جي آخر ۾ آيل چوٿن سر [اِ، اُ ۽



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اَ] جي بدران ’ءِ‘ ، ’ءُ‘ ۽ ’ءَ‘ استعمال ڪيا ويا آهن.

(ii) ٽن پدن وارن لفظن جي وچ ۾ آيل چوٿن سرن] اَ، اِ ۽ اُ] جي بدران”ء“جو استعمال.

مُئَل = م + اُ – اَ+ ل+ اِ (وچئين سُر[ اَ] جي بدران ’ءَ‘ ڪم آندو ويو آهي)

سوُئَڙي = س + اوُ-اَ+ڙ+اِي (وچئين سُر[ اَ] جي بدران ’ءَ‘ڪم آندو ويو آهي)

ڳائِڻ = ڳ + آ- اِ+ڻ (وچئين سُر[اِ] جي بدران ’ءِ‘ڪم آندو ويو آهي)

پائُر = پ+ آ- اُ+ ر+ اَ (وچئين سُر[ اُ] جي بدران ’ءُ‘ڪم آندو ويو آهي)

(iii) ٻن پدن وارن لفظن جي آخر ۾ آيل ڊگهن سرن] اِي، او، آ ۽ اي ]جي بدران ’ء‘ جو استعمال:

ڪائِي = ڪ + آ- اِي (ٻئي پد جي مُنڍ ۾ ڪم آيل سُر’اِي‘ جي بدران ’ئي‘ڪم آندو ويو آهي)

مائِي = م + آ- اِي (ٻئي پد جي مُنڍ ۾ ڪم آيل سُر اي جي بدران ’ئي‘ڪم آندو ويو آهي)

هائو= ه+آ-او (ٻئي پد جي مُنڍ ۾ ڪم آيل سُر’او‘ جي بدران ’ئو‘ڪم آندو ويو آهي)

ڪائو= ڪ+آ-او (ٻئي پد جي مُنڍ ۾ ڪم آيل سُر’او‘ جي بدران ’ئو‘ڪم آندو ويو آهي)

ڪوُئا= ڪ+اُ-آ (ٻئي پد جي مُنڍ ۾ ڪم آيل سُر’آ‘ جي بدران ’ئا‘ڪم آندو ويو آهي)


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چئي = چ +اَ-اي (ٻئي پد جي مُنڍ ۾ ڪم آيل سُر 'اي' جي ٻدران 'ئي' ڪم آندو ويو آهي)

(iv) ٽن پدن وارن لفظن جي وچ ۾ آيل ڊگهن سرن [اِي ، آ، اي] جي ٻدران "ء" جو استعمال:

ڏِيئت = ڏ+اَ- اِي + ت + اِ (ٻئي پد جي مُنڍ ۾ ڪم آيل سُر اِي جي ٻدران 'ئِي' ڪم آندو ويو آهي)

جُوئاري = ج + اُو - آ+ ر + اِي (ٻئي پد جي مُنڍ ۾ ڪم آيل سُر 'اِي آ' جي ٻدران 'ئا' ڪم آندو ويو آهي)

وَئيلُ = و+اَ- اي + ل+ اُ (ٻئي پد جي مُنڍ ۾ ڪم آيل سُر 'اي' جي ٻدران 'ئي' ڪم آندو ويو آهي)

(v) اهڙيءَ طرح ڪيترن ئي سنڌي لفظن ۾، هڪ پدي ڏُهرن سرن (يڪيدا ڏُهرا سر) يعني diphthongs جهڙوڪ: اَي، اَو جي ٻدران ٻه 'ئَ' ءِ 'ؤ' لکيا ويندا آهن؛ جهڙوڪ:

پيسو جي ٻدران لکبو پَئسو
چوَ جي ٻدران لکبو چئو

هي موضوع ٻه هڪ ڌار تحقيق گهري ٿو.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## باب پندرهون

# علم صوتيات ۾ اِدغام/سنڌيءَ (assimilation) جو ڪارج

1- اڳ ۾ چيو ويو آهي تہ صوتيات جو علم، سنڌ تہ ڇا پر پوري پاڪستان ۾ اڃا تائين نئون آهي، ڇاڪاڻ تہ هن علم تي صحيح معنيٰ ۾، اسان جي ملڪ ۾، ڪنهن بہ محقق اڃا قلم ئي نہ کنيو آهي، هن سلسلي ۾، سنڌي وياڪرڻ جي ماهرن، آزاديءَ کان اڳ، سنڌي ٻوليءَ جي آوازن جي صوتياتي نظام، ڳالهائڻ جي عضون، آوازن جي مخرجن، يعني اُنهن جي نقطہ ادا (points of articulation) توڙي لفظن اندر آوازن جي 'بيهڪ' ۽ انهن جي 'ورهاست' جي بيان ۾، صفحن جا صفحا پري ڇڏيا هئا. ان ڏس ۾ پروفيسر ڀيرومل آڏواڻيءَ جي ڪتاب 'وڏو سنڌي وياڪرڻ' (1926ع)، مرزا قليچ بيگ جي ڪتاب 'سنڌي ويا ڪرڻ'، ڀاڱو ٽيون (1960ع)، ديوان وسناڻيءَ جو ڪتاب 'نئون سنڌي ويا ڪرڻ' (1892ع) ۽ ڊاڪٽر ٽرمپ جي ڪتاب 'A Grammar of Sindhi Language' (1872ع) مطالعو ڪري سگهجن ٿا.

سنڌي ويا ڪرڻ جي ماهرن، زير بحث موضوع لاءِ، 'ادغام' ۽ 'سنڌي' (assimilation)، يعني ٻئي لفظ ڪم آندا آهن. حقيقت ۾ انهن ٻنهي لفظن جو مفهوم بہ ساڳيو ئي آهي.

'سَنڌي' لفظ لاءِ ڪم ايندڙ انگريزي لفظ جو جڏهن، تاريخ جي روشنيءَ ۾ جائزو ونجي ٿو تڏهن معلوم ٿو ٿئي تہ اهو لفظ، قديم زماني کان، ننڍي کنڊ ۾ ڪم ايندڙ لفظ 'سَنڌيءَ' جو ترجمو آهي، جيڪو ممڪن آهي تہ سترهين يا ارڙهين صديءَ عيسويءَ ڌاري، انگريزي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو ويو هجي، ڇاڪاڻ تہ اهوئي زمانو هو جنهن ۾ برطانوي ۽ ٻين يورپي ماهرن،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لسانيات جي علم، خاص ڪري سنسڪرت جي مطالعي ڪي، پنهنجيءَ ڄاڻ ۽ علم لاءِ ضروري سمجهيو. هونئن به ته يورپي مشنرين، سورهين ۽ سترهين صديءَ عيسويءَ ڌاري، سنسڪرت جي وياڪرڻ جو علم، يورپ تائين پهچائي ڇڏيو هو، جنهن يورپ جي لسانيات جي عالمن جي سوچ ۽ فڪر ۾ هڪ عجيب انقلاب آڻي ڇڏيو. انهيءَ ڪري اهو دعويٰ سان چئي سگهجي ٿو ته ديسي لفظ، 'سنڌي'، انگريزي ادب ۾ استعمال ٿيڻ لڳو هو، ۽ پوءِ اُن لفظ جو ترجمو assimilation به ڪم اچڻ لڳو هو.

2- سنسڪرت وانگر، سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام، سنڌي ٻوليءَ جي رچنا ۽ ڍانچي ۾، 'سَنڌيءَ' (assimilation) ، اهم ڪردار ادا ڪيو آهي، پر سنڌي ٻوليءَ ۾، هن وقت تائين، علم صوتيات جي هن اهم موضوع يعني 'سَنڌيءَ' ڪي، صحيح ۽ علمي طريقي سان پيش ئي نه ڪيو ويو آهي. ممڪن آهي ته سنڌي ويا ڪرڻ جي ماهرن، علم صوتيات جي هن موضوع جي افاديت ۽ مفهوم کي يا ته اڃا تائين برابر سمجهيو ئي نه آهي، ۽ شايد اهوئي سبب آهي جو 'سَنڌيءَ' جهڙي اهم موضوع مان، عجيب و غريب نتيجا ڪڍيا ويا آهن.

لسانيات جي جديد توڙي پراڻن نظرين موجب، 'سَنڌيءَ' جي وصف، اُن جي استعمال ۽ مفهوم ۾، اڄ به ڪو ڦيرو يا تبديلي ڪانه آئي آهي، ۽ اڄ به يورپي ماهرن، اُن لفظ، يعني 'سنڌيءَ' (sandhi) کي هڪ ٽيڪنيڪل لفظ طور، انگريزي ۽ ٻين ٻولين ۾ استعمال ڪيو آهي. اُن لفظ ۾، ڪافي زماني کان، 'اِ' حرف علت جو، 'اَ' حرف علت ۾ بدلجڻ، ڪا وڏي ڳالهه ڪانهي. خود اسان وٽ به اُن جون ڪي صورتون، انهيءَ طريقي سان بدلجي چڪيون آهن. 'سَنڌي' لفظ جو ڌاتو آهي 'سَڌ' آهي جيڪو پوءِ بدلجي، 'سڌ' (سنسڪرت سينڌ) ٿيو جنهن جي معنيٰ


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي: وَهڻ، ڳنڍڻ، ڏڪ هڻڻ، آباد ٿيڻ ۽ محدود ٿيڻ وغيره. 'سَدَ' لفظ مان هڪ طرف 'سِندَ'، 'سَندو' ۽ 'سَندَ' لفظ نهيا، تہ ٻئي طرف 'سَنڌڻ'، 'سَنڌِ'، 'سنڌاڻ' ۽ 'سنڌو' وغيره لفظ بہ موجود آهن: پر مٿينءَ وصف جي پيٽ ۾، 'سَنڌي' ۽ 'سَنڌو' لفظن جي اپياس مان ثابت ٿو ٿئي تہ اهي لفظ الڳ الڳ ڌاتن سان واسطو رکن ٿا، جن سان 'سَنڌڻ' ۽ 'سنڌو' لفظن جو ڪو بہ واسطو ڪونهي.

ماهرن جي راءِ ۾ لفظ 'سَنڌي'، 'سَمڌا' ڌاتوءَ مان ڦٽي نڪتو آهي. 'سِنڌي' لفظ جي لغت واري معنيٰ، اُن جي افاديت ۽ صوتياتي ڪارج کي بلڪل واضح نٿي ڪري. اُن جي پيٽ ۾، لسانيات جي علمي ۽ فني لغت ۾، اُن لفظ (سَنڌيءَ) جي وصف ۽ معنيٰ، 'سَنڌيءَ' جي لسانياتي، ڪارج ۽ مفهوم جي صحيح نموني سان ترجماني ڪري ٿي. 'سَنڌي'، سنڌي ٻوليءَ جو اصلوڪو ۽ غير- آريائي لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي 'جوڙ' يا 'ڳنڍُ'. جڏهن بہ ڪنهن جملي يا مرڪب لفظ (compound word) ۾، بہ لفظ، يا ڪنهن مرتب لفظ (complex word) ۾ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ 'پَرَ - وَس' صورتون (bound forms)، هڪ ٻئي جي پويان يا اڳيان (مرتب لفظن ۾، اڳياڙين ۽ پڇاڙين جي ميلاپ واري طريقي ۾)، اهڙي نموني سان گڏبيون/ جڙنديون آهن جو جڏهن پهرئين لفظ يا صرفيہ (morpheme) جي پوئين /آخري (final) صوتيہ ۽ پوئين لفظ يا صرفيہ جي منڍ (initial) واري صوتيہ، هڪ ٻئي تي اثر ڪري، هڪ نئين آواز (صوتيہ) ۾ تبديل ٿينديون آهن، تڏهن صوتين جي اهڙيءَ تبديلي کي ماهرن، 'سَنڌي' (sandhi)سڏيو آهي.

ڊاڪٽر جيتلي، 'سَنڌي' لفظ جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو تہ:

"جڏهن بہ آواز (لکيت ۾ بہ حرف يا وَرَڻ)، هڪ ٻئي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ويجهو اچڻ سببان، پاڻ ۾ ملي تا وڃن، تڏهن اُنهن جي ميلاپ ڪري، پيدا ٿيندڙ تبديل کي ’سَنڌي‘ چئجي ٿو.“[1] علم صوتيات جي مشهور انگريز ماهر، ’ڊينيئل جونز‘ سَنڌيءَ جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو ته:

“Assimilation is defined as the process of replacing a sound by an other sound under the influence of a third sound which is new to it in the word or a sentence. The term may also be extended to include cases where a sequence of two sounds coalesces and give place to a single new sound different from either of the original sounds.

هن وصف مان چار نتيجا ٿا نڪرن:

(الف) ڪن لفظن يا فقرن اندر، صرفين جي ميل وارا مرڪب آواز، پاڻ ۾ سمائجي يا هڪ ٻئي تي اثر ڪري، هڪ نئين آواز ۾ تبديل ٿيندا آهن.

(ب) ڪن لفظن يا فقرن جي جوڙ يا ميلاپ جي حالتِ ۾، پهرئين لفظ جو پويون آواز، پوئين لفظ جي مُنڍ واري آواز جي اثر جي ڪري، وچان ئي هڪ ٽئين ۽ نئين آواز جي روپ يا صورت ۾ بدلبو آهي.

(ت) تاريخي ارتقا دوران، ڪنهن به لفظ ۾، هڪ آواز بدلجي ٻيو آواز ٿيندو آهي.

(ث) تاريخي ارتقا دوران، ڪنهن به لفظ ۾ هڪ آواز بلڪل گم يا حذف ٿي ويندو آهي.

جڏهن ڪن آوازن جي ’جوڙ‘ يا ’ميلاپ‘ ۾ ڪم ايندڙ ڪي به ٻه آواز، پاڻ ۾ سمائجي، ڪنهن ٽئين ۽ نئين آواز ۾ تبديل ٿيندا آهن، يا هڪ ٻئي تي اثر ڪري، ڪنهن ٽئين آواز ۾ اهڙيءَ طرح بدلبا آهن، جو اهو ٽيون آواز، انهن ٻنهي بنيادي

---

(1) جيٽلي، مرليڌر، ڊاڪٽر: 2000ع، سنڌي ڌوني – وگيان، دهلي: ص 119



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آوازن کان بلڪل نرالو ۽ مختلف هوندو آهي، تہ آوازن جي اهڙيءَ تبديليءَ کي ، لسانيات جي ماهرن، 'سنجوڳي- سنڌي' (coalescent assimilation) سڏيو آهي.

4. سَنڌيءَ جي موضوع کي، ٻن مکيہ ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو، اُهي ٻہ مکيہ ڀاڱا آهن:

(1) تاريخي سَنڌي (historical assimilation)

(2) نِسبتي سنڌي (contextual assimilation)

انهن ٻنهي قسمن جو تفصيلي ذڪر هيٺ ڪجي ٿو:

## 1_ تاريخي سنڌي (Historical assimilation):

'سَنڌيءَ' جو هيءُ قسم، ٻوليءَ جي ارتقا سان واسطو ٿو رکي، يعني ڪنهن بہ ٻوليءَ جي ارتقا دوران، ان ٻوليءَ ۾ جيئن جيئن ٻيون تبديليون رونما ٿينديون وينديون آهن، تيئن تيئن هن قسم واري 'سَنڌي' بہ، پنهنجا اثر ظاهر ڪندي ويندي آهي. هن قسم واريءَ 'سَنڌيءَ' جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ اُن ٻوليءَ جو ڪو بہ آواز، ڪنهن زماني ۾، ڪنهن خاص نموني سان اُچاريو ويندو هو، پر جيئن جيئن اُن ٻوليءَ ۾ ترقي ايندي وَئي، تيئن تيئن اهڙن آوازن جي اُچار ڪرڻ ۾ بہ فرق ايندو ويو. انهيءَ قسم جي فرق کي 'سَنڌيءَ' واري موضوع سان شامل ڪيو ويندو. هن قسم واريءَ سنڌيءَ جا، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي مثال ملن ٿا. مثال طور:

(الف) /ڪ، گهہ ۽ ٿ /صوتين جو/هہ/صوتيہ ۾ بدلجڻ:

(i) مُک > مُهہَ > مُنهن (ڪ > هہ)

(ii) ميگهہَ > ميهہ> مِينهُن (گهہ > هہ)

(iii) گاٿا > گاٿا > ڳاٿا > ڳاهہَ(ٿ > هہ)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ب) هيٺ ڏنل لفظن ۾ /د/ ۽ /ڇ/ صوتيہ بدلجي /ر/ صوتيو ٿيو، ۽ ساڳئي لفظ ۾ / ش / صوتيو، پهرين بدلجي/ س/ ٿيو ۽ پوءِ / س / صوتيہ بدلجي/هہ/صوتيہ ٿي؛ مثال طور:

(i) ايڪادَش > ايڪارَهہ >اي آر هہ > يارهن

(ii) دُوادَش > بارَسَ > بارَهہ > پارَهہ > ٻارنهن

(iii) تريودَشَ> تريودَسَ> تيئودَس> تيئورهہ> تيرَهہ> تيرهن

(iv) پَنچَدَشَ > پَنرَهہَ > پندرَهہ > پندرنهن > پندرهن

(ت) /ي/>/ج/

(i) يووَنَ > جوين لفظ ۾ ،/ي >ج)/ ۽ /و >ب/

(ii) يَوَ > جَوَلفظ ۾ /ي >ج/

(iii) يوترَ > جوٽو لفظ ۾ /ي >ج / ۽ ترَ> /ٽ/

(ث) /م/>/اوُن/

(i) گرامَ > گامَ > گائون

(ii) اَهمَ > اَهُون(گجراتي هون) > آءٌ (آئون). هن ۾ اَ> آ

(ج) لفظن اندر آوازن جي گم ٿي وڃڻ جا مثال:

(1) تاريخي سنڌيءَ جو ٻيو قسم هيءُ آهي تہ ڪنهن ٻہ ٻوليءَ جي ارتقا دوران، لفظن مان ڪي آواز، گم يا حذف ٿي ويندا آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ تہ اهڙا ڪيترائي مثال ملن ٿا جن ۾ لفظن مان ڪي آواز، آهستي آهستي گم يا حذف ٿي ويا آهن؛ مثال طور:/ ر/ آواز جو حذف ٿي وڃڻ:

سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙا ڪيترائي لفظ ملن ٿا، جن ۾ اڄ کان سو کن سال اڳ، [ر] آواز جو اُچار ڪيو ويندو هو، پر هاڻي انهن لفظن مان [ر] گم ٿي ويو آهي. اهڙن لفظن مان ڪي هيٺ ڏجن ٿا:

(i) گرام > گام (/ر/صوتيہ حذف ٿي وئي آهي)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ii) اَرڌ> اَڌُ    ايضاً

(iii) ارگھہ> اَگُھہ ايِضاً

(iv) اَرڪ> اَڪُ ايضاً

(v) سروي > سَوي > سِپي> سَپُ (پهرين/ر/صوتيہ حذف ٿي آهي ۽ پوءِ /و/>/پ/ ٿي آهي)

(vi) چَرم> چَمُ هن لفظ ۾ (/ر/حذف ڪيو ويو آهي)

(vii) ڪَرَن> ڪَن    ايضاً

(viii) ماترَ> ماءُ (پهرين/ر/ حذف ڪيو ويو ۽ پوءِ /ت/ڪي/اُ/ ۾ تبديل ڪيو ويو).

(x) پِراتا > پِرا (پنجابي پرا) > پا (پنجابي پا) > ڀاءُ

(xi) ڪَرم> ڪَمُ (/ر/ حذف ڪيو ويو.

(2) هت اهو بہ بيان ڪرڻ ضروري آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي پراڻن شاعرن جهڙوڪ: اسحاق آهنگر ۽ شاهہ عبدالڪريم بلڙائيءَ جي بيتن ۾ بہ 'ڪَرَنِ' يا 'ڪَريندي' لفظن (فعلن) ۾، [ر] آواز موجود آهي : مثال طور:

(i) اسحاق آهنگ جو هي سورٺو:

ٿيان مان جهرڪ، ويهان پرينءَ جي ڇڄ ٿي،
مانَ ڪَرَن ڏُرڪ، ٻولي ٻاجهاريءَ سين.

هن سورٺي ۾ 'ڪَرَن' لفظ، فعل طور ڪم آندل آهي جنهن جو هاڻوڪي معياري لهجي ۾ اُچار 'ڪَن' آهي، جيتوڻيڪ سنڌي ٻوليءَ جي اُترادي لهجي ۾ ڪي ماڻهو، 'ڪَرن' فعل، هن وقت بہ عام طور استعمال ڪندا آهن.

(ii) شاهہ عبدالڪريم بلڙائيءَ جو دوهو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چَندن چُور ڪريندي، رتو مُنهن ڪُهاڙ،
سَڄڻ ڏُڄڻ نہ ٿئي، رسي جي سوَ وار.

هن دوهي ۾، 'ڪريندي' فعل ڪم آندو ويو آهي، جنهن جو معياري لهجي موجب، هاٺوڪو اُچار 'ڪندي' (فعل) آهي، جيتوڻيڪ سنڌي ٻوليءَ جي ڪڇي لهجي ۾ اڄ بہ 'ڪَريندي' فعل عام جام استعمال ٿيندو آهي.

(3) [ر] کان سواءِ [م]، [س] ۽ [ش] صوتيہ بہ، ڪيترن لفظن مان هاڻ گم ٿي ويا آهن: مثال طور:

(i) [م] جي گم ٿيڻ جا مثال:

رَسمي> رسي ([م] گم ٿي ويو)

(ii) [س] جي گم ٿيڻ جا مثال:

سنيهہ> نيهہَ> نِيهہُ> نِينهُن ([س] گم ٿي ويو)

(iii) [ش] جي گم ٿيڻ جا مثال:

نِشتُر> نِتُرُ([شْتُ] ۾ /ش/۽/ٿ/صوتيہ پاڻ ۾ سمائجي [ٿ] ۾ تبديل ٿي ويا آهن.

(ح) تاريخي سنڌيءَ جو ٽيون قسم، 'تاريخي سنجوڳي قسم' واري سنڌي (Historical coalescent assimtation) آهي:

(1) سنڌي ٻوليءَ ۾، هن قسم واريءَ سنڌيءَ جا بيشمار مثال ملن ٿا. هن قسم واريءَ سنڌيءَ جي حالت ۾، لفظن اندر، آوازن جي جوڙ يا ميل وارا (پهرئين لفظ جو پوئيون آواز ۽ پوئين لفظ جو پهريون آواز، ڪي بہ ٻہ مختلف آواز، اُچارڻ مهل، پاڻ ۾ سمائجي يا هڪ ٻئي تي اثر ڪري، هڪ نئين آواز ۾ بدلبا آهن. اهو بدليل نئون آواز، بلڪل الڳ ۽ هڪ نئين قسم يا گروهہ وارن آوازن مان هوندو آهي. مثال طور:

(i) مرڪب آواز [گر] ۾ مليل جوڙ وارا [گ] ۽


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[ر] آواز، پاڻ ۾ سمائجي، بلڪل هڪ نئين ۽ الڳ گروهه وارو آواز [ڳ] ٺاهين ٿا؛ جيئن:

اَگرَ> اڳُ ([ گرَ] > [ڳ] )

(2) ڪن لفظن ۾ آوازن جي جوڙ /گيہ/ ۾،[گ] ۽ [ي] پاڻ ۾ سمائجي هڪ نئين آواز [ڳ] ۾ بدلجن ٿا؛ جيئن:

(i) ڀاگيہَ > ڀاڳُ ([گيہ] > [ڳ] )

(ii) يوگيہَ> جوڳُ ايضاً

(3) ڪن لفظن ۾ ٻن آوازن جهڙوڪ/تيہَ/ جي جوڙ ۾،[ ت] ۽ [ي] آواز، پاڻ ۾ سمائجي ، [چ] ۾ بدلجن ٿا؛ مثال طور:

(i) ويديہَ> ويڄُ

(ii) اَديہَ> اَڄُ

(4) اهڙيءَ طرح ڪن لفظن ۾ ، /ڏيَ/ آوازن جي ميل ۾، [ڏ] ۽ [ي]، پاڻ ۾ سمائجي، [جهہ] ۾ بدلبا آهن، ([ڏي] [>جهہ]) جيئن: سَنڌيا > سَنجها

(5) ساڳيءَ طرح ڪن لفظن ۾ /سَت/ جوڙ ۾، آوازن جي ميل ۾، [س] ۽ [ت] آواز، پاڻ ۾ سمائجي [ٿ] ۾ بدلبا آهن، جيئن:

(i) هَسَت> هَٿُ ([ست] > [ٿ])

(ii) ڪَستوري> ڪٿوري. هن لفظ ۾ [ڪ] > [ک] ٿيو آهي ۽ [س ۽ ت] پاڻ ۾ سمائجي [ٿ] ۾ بدليا آهن.

(iii) سُتون> ٿُونُڻ> ٿوڻي ([ست] > [ٿ])

(iv) سَتن> ٿڻ (ست> ٿ ۽ [ن > ڻ]



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(6) ڪن لفظن ۾ /ڪَش/ آوازن جي ميل ۾، [ڪ] ۽ [ش] آواز، پاڻ ۾ سمائجي، ڏار ڏار [ڪ] ۽ [چ] آوازن جي صورت وٺن ٿا: مثال طور:

(i) ڪَشيرِ > ڪيرُ ([ڪش] > [ڪ])

(ii) اَڪَشَرَ> اَڪَرَ ([ڪش] > [ڪ])

(iii) اَڪَش> اَڪُ ([ڪش] > [ڪ])

(iv) ڪَشار> ڪار يا چار ([ڪش] > [ڪ] ۽ [چ])

(v) لَڪَشميِ> لڪمي [ڪش] > [چ]

(vi) لَڪَشَڻ> لَڪڻ يا لَچَڻ ايضاً

(7) سنڌي ٻوليءَ جي ڪن لفظن ۾، /شَچ/ آوازن جي ميل ۾، گڏيل آواز [ش] ۽ [چ] ، پاڻ ۾ سمائجي [چ] آواز جي صورت وٺن ٿا: جيئن:

(i) پَشچم > پَچِم ([شچ] > [چ])

(8) ڪن آوازن ۾ ڪم ايندڙ ميل، /نيہ/ ۾، گڏ ايندڙ آواز [ن] ۽ [ي] پاڻ ۾ سمائجي [ج] آواز ناهين ٿا: جيئن:

(i) جَنَيہ> جَجَ ([نيہ] > [ج])

(ii) سُونَيہ> سُجَ ايضاً

(ب) مشهور ويدانتي شاعر ساميءَ، پنهنجي سلوڪن ۾ هڪ هنڌ فرمايو آهي:

جني مَنَيا پنهنجا، سي تيا چڪنا چُور

(ت) سامي، ٻئي هنڌ انهيءَ لفظ کي هن طرح ڪم آندو آهي:

چڙي لوڪ لڄا عاشق چڙهيا اَچَ تي
مَنيائون محبوب جي، سامي سپ رَجا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کوڙي کاموشيءَ ۾، وينا ڏيان ڏجا
ملي ڪن مجا، ستھ سُتَ سروپ جي.

اھو لفظ منيائون، ھاٺوڪي ٻوليءَ ۾، 'مجيائون' لفظ طور ڪم ايندو آھي.

(9) ڪن لفظن ۾ ، /ٽيَہ/ آوازن جي ميل ۾ ڪم ايندڙ گڏيل آواز [ٺ] ۽ [ي] ، پاڻ ۾ سمائجي [ج] ۾ بدلجن ٿا، جيئن:

(i) پٽيَہ> پجَ

(ii) ڏٽي + آٽي > ڏٽياٽي> ڏجاٽي [ٽيہ] > [ج]

(iii) واٽياٽي> واجاٽي

(10) ڪن لفظن ۾ /در/ آوازن جي ميل ۾، ڪم ايندڙ آواز [د] ۽ [ر]، پاڻ ۾ سمائجي [ڊ] ۽ [ڏ] آوازن ۾ بدلبا آھن، مثال طور:

(i) نِندَرَ> نندَ ([در] > [ڊ])

(ii) چَندُر> چنڊ ([در] > [ڍ])

(iii) دَروھہ> ڏوھہ ([ در] > [د] )

(iv) دھہ+ بل> در+بل> دُربل > ڏُبَل> ڏُبَرُ> ڏُبرو

(v) دُر+ جن> ڏُجَڻ ([در] > [ڏ])

اھڙيءَ طرح ھن قسم واريءَ سنڌيءَ جا ٻيا بہ ڪيترائي مثال ملن ٿا:

## 2- نسبتي سنڌي (Contextual assimilation):

ھن قسم واريءَ سنڌيءَ مان مراد، اُھا سنڌي آھي، جنھن ۾ جملن يا مرڪب لفظن ۾، ٻن مرڪب يا مرتب لفظن ۾ ڪم ايندڙ صاف صورتن يعني صرفين (morphemes) جي ميل واري ھنڌ وٽ، پھرئين لفظ يا صرفيہ جو پويون آواز، پوئين لفظ يا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صرفيہ جي پهرئين آواز کان متاثر ٿي، هڪ نئين يعني بلڪل نئين قسم واري آواز ۾ بدلبو آهي. هن قسم واري سنڌي، ٻن ڀاڱن تي مشتمل آهي. اُهي ٻہ ڀاڱا آهن:

(الف) سُرَ سَنڌي،

(ب) وينجن سَنڌي.

انهن مان هر هڪ قسم جو تفصيلوار ذڪر هيٺ ڪجي ٿو.

## (الف) سُر سنڌي:

(1) جڏهن ڪن ٻہ ٻن لفظن يا صرفين جي ميل يا گڏجڻ وقت، انهن ٻنهي لفظن مان پهرئين لفظ جو پويون آواز ۽ پوئين لفظ جو پهريون آواز، يعني ٻنهي لفظن ۾ ڇوٽو سر [اَ] استعمال ٿيل هوندو آهي تہ اهڙيءَ حالت ۾ [اَ+ اَ] يعني ٻئي سر بدلجي، هڪ ڊگهي سُرَ، يعني [آ] جي صورت وٺندا آهن؛ مثلاً:

(i) پَرَمَ + اَرٿ > پَرمارٿ

(ii) پَرَ+ اَرٿنا> پرارٿنا

ٻيا مثال هي آهن: ويد + اَنت > ويدانت، ايڪَ + انت > ايڪانت، هيڪَ + اَند> هڪاند.

(2) ڪن ٻہ ٻن ٻين وارن لفظن يا صرفين مان جڏهن پهرئين لفظ يا صرفيہ جي آخر ۾ ڇوٽو سُر [اَ] ڪم آيل هوندو آهي ۽ پوئين لفظ يا صرفيہ جي شروع ۾ ڊگهو سُر [آ] ڪم آيل هوندو آهي تہ اهڙيءَ حالت ۾، پهرئين لفظ يا صرفيہ جو آخري ڇوٽو سر [اَ]، گم ٿي ويندو آهي؛ جيئن:

(i) سَنگهہَ+ آسَڻ> سنگهاسَڻ

(ii) هِمَ +آلَيہَ> هِمالَيہ

(iii) پَرَمَ + آنند > پرمانند

(iv) لَجَ + آئٽو> لَڄائٽو

(v) ڪيڏَ + آري> ڪيڏاري



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(3) جڏهن بہ ڪن ٻن گڏيل لفظن يا صرفين مان پهرئين لفظ يا صرفيہ جي آخر ۾ ۽ پوئين لفظ يا صرفيہ جي شروع ۾، يعني ٻنهي حالتن ۾ ڊگهو سر [آ] ڪم ايندو آهي تڏهن اهڙيءَ صورت ۾، پهرئين لفظ يا صرفيہ ۾ ڪم آيل [آ] گم ٿي ويندو آهي؛ جيئن:

(i) مَها + آتما > مهاتما
(ii) وديا + آلَيہ > وديالَيہ
(iii) لَڄا + آرو > لَڄارو

(4) ڪن بہ ٻن، هڪ ٻئي پٺيان آيل ۽ پاڻ ۾ شامل لفظن يا فقرن مان، پهرئين لفظ يا فقري جي آخر ۽ پوئين لفظ يا فقري جي مُنڍ ۾، يعني ٻنهي حالتن ۾ ڇوٽو سر [اِ] يا ڊگهو سر [اِي] هوندو آهي تہ اهڙيءَ حالت ۾ اِهي ٻئي سر، هڪ ٻئي تي اثر ڪري، ڊگهي سر [اِي] ۾ مٽبا آهن؛ مثلاً:

(i) اَتِ + اِتِ > اَتيِتِ [اِ + اِ > اِيِ]
(ii) هَتِ + اِيڪو> هَتِيڪو [اِ + اِي > اِيِ]
(iii) وَسِ + اِيڪو> وَسِيڪو [اِ + اِي > اِيِ]
(iv) وَهِ + اِيٽو> وَهِيٽو [اِ + اِي > اِيِ]

(5) ڪن بہ ٻن پير وارن لفظن يا صرفين مان، پهرئين لفظ يا صرفيہ جي آخر ۾ آيل ڇوٽو سر [اِ]، پوئين لفظ يا صرفيہ جي شروع ۾ آيل ڊگهي سر [آ]جي اثر جي ڪري بدلجي، نيم سر [ي] ٿيندو آهي، مثال طور:

(i) و + اِ+آڪَرڻ> وياڪَرَڻ [اِ +آ > اي]
(ii) اَپِ + اِ+آس> اَپِياس [اِ + آ > اي]
(iii) ڪَر + اِ+آن > ڪريان [اِ +آ > اي]


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(iv)مار + آ+آن > ماريان [اِ +آ > اي]

(6) سنڌي ٻوليءَ جي مرتب لفظن جي ناهڻ لاءِ جڏهن ڪنهن بہ لفظ جي پويان اهڙي صرفيہ ملائبي آهي جنهن جي مُنڍ ۾ ڊگهو سر [آ] هوندو آهي، ۽ پهرئين لفظ يا صرفيہ جي آخر ۾ ڊگهو سر [اي]هوندو آهي، تہ اهڙيءَ حالت ۾ [آ] سر جي اڳيان ايندڙ [اِي] سُر، بدلجي نيم - سر [ي] تي ويندو آهي؛ مثال طور:

(i) شيدِي + آٽي >شيدياٽي [ اِي +آ > ] نيم سر [ي]
(ii) موتي + آئون>موتيائون [ اِي +آ > ] نيم سر [ي]
(iii)پاٽي + آنو >پاٽيانو [ اِي +آ > ] نيم سر [ي]
(iv)آني + آرو >آنيارو [ اِي +آ > ] نيم سر [ي]

(7) ساڳيءَ طرح، جڏهن ڪنهن بہ لفظ جي پويان [اِي] سر هوندو آهي، ۽ اُن لفظ يا صرفيہ کان فوراً پوءِ ملايل لفظ يا صرفيہ جي مُنڍ ۾ ڇوٽو سر، [اَ] هوندو آهي، تڏهن [اَ] سر جي اثر کان، [اِي] سر بدلجي، نيم سر [ي] تي ويندو آهي؛ جيئن:

(i) هارِي + اَپ> هاريَپ [ اِي +اَ > ] نيم سر [ي]
(ii) ڪانِي + اَر > ڪانيَر [ اِي +آ > ] نيم سر [ي]

(8) بلڪل ساڳيءَ طرح، ٻن لفظن يا صرفين جي ميل مان، پهرئين لفظ يا صرفيہ جي آخر ۾ آيل ڊگهو سر [او]، پوئين لفظ يا صرفيہ جي مُنڍ ۾ آيل ڊگهي سر [آ] جي اثر کان بدلجي، نيم سر [و] تي ويندو آهي؛ مثلاً:

(i) تئو + آ> تَوا [ او +آ > ] نيم سر [ و]
(ii) ٻائو + آ> ٻاوا [ او +آ > ] نيم سر [ و]
(iii)سائو + آ> ساوا [ او +آ > ] نيم سر [ و]


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(iv) پائو + آ > پاوا        [ او +آ > ] نيم سر [ و]

(9) اهڙيءَ طرح ٻن گڏ ايندڙ لفظن يا صرفين مان، پهرئين لفظ يا صرفيہ جي آخر ۾ آيل ڊگهو سر [اُو] ، پوئين صرفيہ جي مُنڍ ۾ ڪم آيل ڊگهي سر [آ] جي حالت ۾، ڊگهي سر [آ] جي اثر ڪان، ڊگهو سر [اُو] بدلجي نيم سر [و] ٿيندو آهي؛ جيئن:

(i) هندوُ + آٽي > هندواٽي    [ اُو +آ >]نيم سر[ و]
(ii) لاڏوُ + آن >لاڏوان    [ اُو +آ >]نيم سر[ و]
(iii) لاٽوُنُ+ آن > لاٽوُان    [ اُون +آ > ]نيم سر[ و]
(iv) لَڏوُن + آن > لَڏوان    [ اُون +آ > ]نيم سر[ و]
(v) واڏو+ آٽي > واڏواٽي    [او +آ > ]نيم سر[ و]

(10) بلڪل ساڳيءَ طرح ٻن گڏ استعمال ٿيل لفظن يا صرفين مان، پهرئين لفظ يا صرفيہ جي آخر ۾ آيل ڇوٽو سر [اُ]، لفظن جي ميل يا جوڙ ۾ پوئين لفظ يا صرفيہ جي مُنڍ ۾ آيل ڇوٽي سر [اَ]جي اثر ڪان بدلجي، نيم سر [و] ٿيندو آهي؛ جيئن:

(i) ٿانءُ + اَ >ٿانوَ    [ اُ +اَ >]نيم سر [و]
(ii) ياءُ (اگهہ) + اَ> ياوَ    [ اُ +اَ >]نيم سر [و]
(iii) ڪانءُ + اَ > ڪانوَ    [ اُ +اَ >]نيم سر[ و]
(iv) گهاءُ + اَ> گهاوَ    [ اُ +اَ >]نيم سر[ و]

## (2) وينجن سنڌي:

سنڌي ٻوليءَ ۾، جملن، مرڪب ۽ مرتب لفظن ۾ ڪي اهڙا لفظ بہ استعمال ڪيا ويندا آهن جن جي آخر ۾ نہ صرف سر، پر وينجن بہ هوندا آهن. اهڙا وينجن گهٽو ڪري، ٻين ٻولين مان ورتل اُڌاران لفظن (loan words) جي آخر ۾ عام طور



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملن ٿا. ماهرن جو رايو آهي تہ جڏهن بہ ڪنهن ٻوليءَ جا لفظ، ٻيءَ ٻوليءَ ۾ اُڌارا ورتا ويندا آهن، تڏهن اهڙن اُڌارن ورتل لفظن ۾ آيل تبديليءَ کي، تاريخي سنڌيءَ، واري قسم ۾ شامل ڪبو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾، انهيءَ قسم واريءَ سنڌيءَ جي اپڀاس دوران، اهڙا ڪيترائي مثال ملن ٿا، مثال طور:

(I) متي چيو ويو آهي تہ ڪن آوازن جي 'ميل' يا 'جوڙ' جي حالت ۾، ڪن لفظن جي آخر ۾ آيل وينجن، پوئين لفظ جي مُنڍ ۾ آيل وينجن کان متاثر ٿي، ڪنهن ٻئي گروهہ واري وينجن ۾ تبديل ٿيندا آهن؛ مثال طور:

نِس + مَل> نِرمَل [ س > ر]

(II) جڏهن بہ ٻن گڏ استعمال ٿيندڙ لفظن مان، پهرئين لفظ جي آخر ۾ [س] وينجن استعمال ٿيل هوندو آهي، ۽ لفظن جي ميل ۾ شامل پوئين لفظ جي شروع ۾ [ل] وينجن استعمال ٿيل هوندو آهي تہ اهڙيءَ حالت ۾ [ل] وينجن جي اثر کان، [س] وينجن بدلجي، ڪنهن ٻئي گروهہ وارو وينجن، يعني [ر] ٿيندو آهي؛ مثال طور:

نِس + لج > نرلج [ س > ر]

(III) اهڙيءَ طرح ٻن گڏ استعمال ٿيل لفظن ۾، پهرئين لفظ جي پويان آيل وينجن [ت]، لفظن جي ميل ۾ آيل پوئين لفظ جي شروع ۾ استعمال ٿيل وينجن [ڇ] کان متاثر ٿي، [ڇ] وينجن ۾ بدلبو آهي، اهڙيءَ حالت ۾ بہ دفعا گڏ آيل[ڇ] وينجن، اُچار ۾، مُشدد يعني ٻٽو ٿي ويندو آهي؛ مثال طور:

(i) اُت + چارڻ > اُڇچارڻ > اُچارڻ [ ت > ڇ]

(IV) جڏهن بہ ٻن لفظن جي ڪنهن بہ ميل جي پهرئين لفظ جي آخر ۾ [ت] وينجن ڪم ايندو آهي ۽ پوئين لفظ جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شروع ۾ [ج] وينجن ڪم ايندو آهي تہ اهڙيءَ حالت ۾ [ج] جي اثر ڪان [ت] وينجن بدلجي، [ج]وينجن ٿيندو آهي. اهڙي اُچار جي حالت ۾ بہ دفعا ڳڌوڳڌ استعمال ٿيل وينجن [ج]، پهرين مشدد يعني ٻٽو ٿيندو آهي، پر سنڌي ٻوليءَ ۾ اهو مشدد ويجن [ج]، 'چوسٽي آواز' [ڄ] ۾ تبديل ٿي ويندو آهي؛ جيئن:

(i) سَت + جَن > سَججن > سڄڻ [ ت > ج > ڄ ]

(V) اهڙيءَ طرح هيٺ ڏنل لفظن جي ميلاپ ۾، پهرئين لفظ جي آخر ۾ آيل [هہ] آواز، پوئين لفظ جي مُنڍ ۾ آيل [ج] آواز جي اثر ڪان بدلجي، [ر] ٿئي ٿو، جيئن:

(i) نِهہ + جَل > نِرجَل [هہ > ر]

(ii) نِهہ + بَل >نربل > نرٻل > نِٻَل [ هہ] > [ر] ۽ پوءِ [ر] گم ٿي ويو.

(iii) نِهہ+ ڌَن > نِرڌَن [هہ> ر]

(iv) دُهہ+ بَل > دُربَل > دُرٻَل > ڏُٻَل [هہ> ر، پوءِ در> ڏ]

(VI) ساڳيءَ طرح [چ] جي اثر ڪري، [هہ] بدلجي [ش] ٿيندو آهي؛ جيئن:

(i) نِهہ + چَل > نِشچَل [هہ> ش]

(VII) بلڪل ساڳيءَ طرح [ڦ] جي اثر ڪان [هہ] بدلجي [ش] ٿئي ٿو؛ مثال طور:

(i) نِهہ + ڦَل > نشڦل [هہ> ش]

(VIII) سنڌي ٻوليءَ جي جملن ۾ بہ جڏهن ڪي لفظ ڳنڍي اُچاريا آهن تڏهن ڪي سر آواز، سَنڌيءَ جي اصولن موجب حذف ٿي ويندا آهن؛ مثال طور: 'ڪا نہ آهي' جملي ۾ 'ڪانہ' ۽ 'آهي' لفظن کي ڳنڍي اُچارڻ سان، پوئين لفظ جي مُنڍ ۾ آيل [آ]



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر، حذف ڪيو ويندو آهي: جيئن:

(i) ڪانَ + آهي > ڪانهي — [اَ ۽ آ] حذف ٿي ويا.

(ii) ڪونَ + آهي > ڪونهي — ايضاً

(iii) چا + آهي > چاهي — پوئين لفظ جو ڊگهو سر [ آ] حذف ٿي ويو.

(iv) چا+ نہ + آهي> چا ناهي — آخري لفظ جي مُنڍ وارو ڊگهو سر [آ] حذف ڪيو ويو.

(v) ويو + س > وِيُس — پهرئين لفظ جي آخر ۾ آيل ڊگهو سر [او] بدلجي چوٽوسر [اُ] ٿيو آهي.

(vi) ٿيو+ س > ٿِيُس — ايضاً

(vii) ڪيو+ م > ڪَيُم — ايضاً

(viii) لکيو+ م > لِکيُم — ايضاً

مٿي ڏنل پهرين ٻن مثالن جي مطالعي مان اهو بہ واضح ٿئي ٿو تہ نہ فقط /نَ/ لفظ ۾ شامل آخري چوٽوسر [اَ] گم ٿي وڃي ٿو پر 'ڪانهي' ۽ 'ڪونهي' لفظن ۾ بہ، 'نَ' صوتيہ، وسرگ آواز [نھ] ۾ بدلجي وئي آهي، يعني [ن] اَوسرگ آواز، 'سنجوڳي نسبتي سنڌيءَ' جي اصولن موجب بدلجي، وسرگ آواز [نھ] ٿي ويو آهي.

(IX)اهڙيءَ طرح بين جملن ۾ ساندهہ آيل لفظن ۾، 'سنڌيءَ' جا مثال ملاحظ ڪريو:

(i) ماني ڪاڏي ا ٿن > ماني ڪاڏي ٿن > ماني ڪاڏِن

(ii) هنن چيو آهي > چيو اٿن > چيوٿن > چَين

انهن مثالن مان واضح ٿئي ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ جي نحوي سناء موجب فاعل - فعل واريءَ ترتيب ۾، جملي ۾


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گڏجي ڪمِ ايندڙ لفظن ۾، ’ترميم واريءَ خصوصيت‘ (modification) جو، سَنڌيءَ جي قانونن موجب اڀياس ڪرڻ گهرجي. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ جملن اندر ڪم ايندڙ لفظن ۾، لفظن جا مُخفف روپ، سنڌيءَ جي قانونن/اصولن سان واسطو رکن ٿا. مثال طور ’ترميم‘ (modification) واري اصول موجب، ڪنهن بہ گفتار ۾ ’فاعل‘ ۽ ’حرف جر‘ ۾ جوڙ/ميلاپ (juncture) واريءَ حالت ۾، صوتي تبديل واقع ٿيندي آهي، پر جيڪڏهن فاعل ۽ فعل ٻئي الڳ الڳ يا ڌار ڌار ڪري ۽ جهلي جهلي ڳالهائبا تہ پوءِ انهن لفظن ۾ ڪنهن بہ صوتي تبديليءَ جو امڪان ڪونہ ٿيندو، پر ڪنهن بہ عام گفتار ۾، لفظن جو الڳ الڳ ڳالهائجڻ، رواجي طور، يعني عام ( normal) حالت ۾، ممڪن ڪونهي، انهيءَ ڪري عام گفتار موجب ڳالهائڻ سان، لفظن جي ميلاپ واريءَ حالت ۾، صوتي تبديلي ضرور ٿيندي آهي. هن سلسلي ۾، هيٺيان مثال ملاحظ ڪريو:

| | لفظن جو الڳ الڳ استعمال | عام رواجي گفتار موجب صوتي تبديليءَ سان استعمال |
|---|---|---|
| (i) | هنن اسان جي مدد ڪئي آهي. | اسان جي مدد ڪَئِيَن |
| (ii) | هُو مدد ڪندو اٿن. | مدد ڪندو ٿن > مدد ڪندن |
| (iii) | هُو ڪتاب ڏيندو اٿن. | ڪتاب ڏيِندو ٿن> ڪتاب ڏيندن. |
| (iv) | هن کي چيو اٿن. | هن کي چيوٿن> چَئين |
| (v) | الله تو آهار. | اَلاتوهار > الاتوار |

هن سڄي بَحث تي غور ڪرڻ کان پوءِ، اهو چئي سگهجي ٿو تہ ’سَنڌيءَ جو مطالعو‘، هر ٻوليءَ جي صوتياتي نظام ۽ اُن ٻوليءَ جي تاريخي ارتقا جي مطالعي ۾، اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. ’سَنڌيءَ‘



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي مطالعي مان اها بہ خبر پوي ٿي تہ ٻوليءَ جي آوازن، صوتين، صرفين ۽ لفظن ۾، ٻوليءَ جي ارتقا سان گڏ، ڪهڙي ڪهڙي تبديلي آئي آهي؟ ٻولين ۾ ڪيترائي اهڙا لفظ بہ آهن، جن جي اصلي ذاتُن جي خبر تڏهن پئجي سگهندي آهي، جڏهن 'سَنڌيءَ'جي مطالعي جي مدد سان، انهن لفظن کي پڙجي، يعني اُنهن جو ڇيد ڪري، منجهن ڪم آيل آوازن ۽ صوتين ۾ آيل تبديلين جو جائزو وٺي، اصلوڪن آوازن ۽ صوتين کي سامهون رکبو.

انهيءَ ڪري چئبو تہ ڪنهن بہ ٻوليءَ جي تاريخي ارتقا جي مطالعي لاءِ، 'سنڌيءَ' جو مطالعو نهايت ئي ضروري آهي.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هن ڪتاب ۾ آيل فني لفظن جي فهرست

ڪتاب جي متن ۾ مٿي جيڪي فني لفظ ڪم آندا ويا آهن، اُنهن جي فهرست هيٺ ڏجي ٿي:

| | | |
|---|---|---|
| 1. | •Acoustic | آواز جي گونجَ |
| 2. | •Affricate sounds | بندشي- گسڻا آواز |
| 3. | •Affinity | هڪ جهڙائي، اشتراڪ |
| 4. | •Allophone | صوتيه- ياتِي، صوتيه پيچي |
| 5. | •Alveolum or teeth-ridge | مهارَ، کَهُري مهارَ |
| 6. | •Alveolar sounds | مهار وان آواز، مهارَ وارا آواز |
| 7. | •Appex or Tip of the tongue | جيڀ جي نوڪ، جيڀ جي چوٽي |
| 8. | •Articulation | اَچار |
| 9. | •Articulator | آواز اَچاريندڙ عضوو، آواز ادا ڪندڙ حصو،آواز ادا ڪندڙ عضوو |
| 10. | •Aspiration | وسرگائي |
| 11. | •Aspirated sounds | وسرگ آواز |
| 12. | •Assimilation | سَنڌي، ادغام |
| 13. | •Back of the tongue | جيڀ جو پوچڙ |

---

نوٽ: جن لفظن جي مٿان° نشان ڏنل آهي، انهن سيني انگريزي لفظن جا نعم البدل هن ڪتاب جي مصنف طرفان، سنڌي ٻوليءَ ۾ پاڻ نوان جوڙي پيش ڪيا آهن. اهي سڀ نوان لفظ آهن جيڪي مصنف پهريون دفعو ٺاهي پيش ڪيا آهن.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| 14. | •Bilabial sounds | ٻچپوان آواز، ٻن چپن وارا آواز |
| 15. | •Back vowels | پوچڙ وارا سُرَ |
| 16. | •Blade of the tongue | ڄڀ جو ڦارُ |
| 17. | •Consonants | وِيَنجنَ |
| 18. | •Consonantal letter | حرف صحيح |
| 19. | •Comparative method | تقابلي طريقو |
| 20. | •Comparative study of languages | ٻولين جو تقابلي مطالعو |
| 21. | •Compression | داٻ |
| 22. | •Colloquial | روز مره واري ٻولي |
| 23. | •Clustered sounds | ڳنڍيل آواز، مرڪب آواز |
| 24. | •Close vowels | گهٽيل سُرَ |
| 25. | •Central vowels | وچترا سُرَ |
| 26. | •Dental sounds | ڏندن وارا آواز، ڏندانوا آواز |
| 27. | •Distribution | تقسيم |
| 28. | •Diphthongs | يڪپدا ڌُهرا سُرَ |
| 29. | •Dialect | لهجو، اَپڀاشا |
| 30. | Diagram | خاڪو، تصوير |
| 31. | •Diaphragm | پيٽ ڇهه |
| 32. | •Dialectology | لهجن جو اپڀاس |
| 33. | •Descriptive Linguistics | تشريحي لسانيات |
| 34. | •Duration | ڊيگهه، عرصو |
| 35. | •Ear training | ڪنن کي تربيت ڏيڻ |
| 36. | •Element | جزو |
| 37. | •Epiglottis | نڙگهٽ جي منهن واري ڍڪڻي، ساهه واريءَ نليءَ جي ڍڪڻي |

• هي لفظ ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ ٺاهيو هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| 38. | •Elision | تخفيف، آواز کي ڪيرائڻ، آواز کي حذف ڪرڻ |
| 39. | •Flapped sounds | ڦڙڪڻا آواز، ڦڙڪي (جڀ جي) وارا آواز |
| 40. | •Final position | آخري صورت، پڇاڙيءَ واري يا پوئين صورت |
| 41. | •Front of the tongue | جڀ جو مُهَڙ |
| 42. | •Fricative sounds | گسڻا آواز |
| 43. | •Frictionless-continuants | بنا گهڪي وارا، روان آواز |
| 44. | •Front vowels | مُهڙ وارا سُرَ |
| 45. | •Glottis | نڙگهٽ يا گلو، نڙيءَ جو مُنهن |
| 46. | •Glottal sounds | گلي وارا آواز |
| 47. | •Glide | گهَڪو |
| 48. | •Gliding sounds | گهڪي وارا آواز |
| 49. | •Gemination | تشديد، آوازن جي ٻٽائي |
| 50. | •Hard-palate | سخت تارون |
| 51. | •Half –close vowels | اڌ گهٽيل سُرَ |
| 52. | •Historical linguistics | تاريخي لسانيات |
| 53. | •Historical Development | تاريخي ارتقا |
| 54. | •Implosives, Glottalic suction stops | چوُسڻا آواز |
| 55. | •Idiolect | محاورو |
| 56. | •International Alphabetic Chart | بين الاقوامي صوتياتي چارٽ |
| 57. | •Intonation | جهيل، جهِيلار، ڍار |



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| 58. | •Internal change | اندرين تبديل، اندروني تبديل |
| 59. | •Initial position | مُنڍَ واري صورت، ابتدائي صورت |
| 60. | •Junctunre | جوڙ، ميل، سَنڌ |
| 61. | •Lateral sounds | پاسيرا (چپ جي پاسن وارا) آواز |
| 62. | •Labio-dental sounds | چپ-ڏندن گاڏئون آواز |
| 63. | •Larynx | نڙگهَٽُ |
| 64. | •Length | آوازن جي ڊيگهه يا لامَ |
| 65. | •Manner of articulation | آواز جي اُچارڻ جو ڍنگ |
| 66. | •Mechanism of speech | ڳالهائڻ جو طريقو |
| 67. | •Morpheme | صرفيه |
| 68. | •Morphology | علم صرف |
| 69. | •Morpho-phonemic change | صرفي – صوتي تبديل |
| 70. | •Medial Postion | وچين صورت |
| 71. | •Nasal Sounds | گهڻا آواز، نَڪوان آواز، انوناسڪ |
| 72. | •Nasal vowels | گهڻا سُر، اَنوُناسِڪَ سر |
| 73. | •Nasalised vowels | اَنو سُوارَ سُرَ، گهڻهائڻا سُرَ |
| 74. | •Nasal Cavity | نڪ وارو ڪوپو |
| 75. | •Organs of Speech | ڳالهائڻ جا عضوا |
| 76. | •Oral Cavity | وات وارو ڪوپو |
| 77. | •Open vowels | کُليلَ سُرَ |
| 78. | •Orthography | صورتخطي، لپي |
| 79. | •Palatal sounds | سخت تارونءَ وارا آواز |
| 80. | •Pharynx | نڙي |
| 81. | •Pharyngal sounds | نڙيءَ وارا آواز |
| 82. | •Phone | صوت يا آواز |


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| 83. | •Phoneme | صوتيہ |
| 84. | •Phonetician | علم صوتيات جو ڄاڻو |
| 85. | •Phonetic | صوتياتي |
| 86. | •Phonetics | صوتيات |
| 87. | •Phonetic Science | علم صوتيات |
| 88. | •Phonetic laws | صوتياتي قانونَ |
| 89. | •Phonology, Phonemics | علم الاصوات |
| 90. | •Point of articulation | مخرج، نقط ادا، اَچار جي جاءِ يا هنڌ |
| 91. | •Phonetic Orthography | صوتياتي صورتخطي |
| 92. | •Plosives, Explosives | ڌوڪڻا آواز، ڌماڪيدار آواز |
| 93. | •Post-velar sounds | نرم تارونءَ کان پونير آواز |
| 94. | •Puff of breath | هوا جي ڦوڪ |
| 95. | •Pure vowels, non-nasal vowels | سادا سُرَ، صاف سر |
| 96. | •Retroflex sounds | مُورڌني آواز |
| 97. | •Roof of the mouth | وات جي ڇت |
| 98. | •Rolled sounds | ڦرڻا آواز، گول آواز، لرزشدار آواز |
| 99. | •Sandhi | سنڌي، ادغام |
| 100. | •Sequences of Sounds | آوازن جا ميل |
| 101. | •Semi-vowels | نيم - سُرَ |
| 102. | •Sets of Sounds | آوازن جا ايڪا، آوازن جا جوڙ |
| 103. | •Speech therapy | ڳالهائڻ جي ورزش |
| 104. | •Speech Sounds | ڳالهائڻ جا آواز |
| 105. | •Spoken Sounds | ڳالهائڻ جا آواز |
| 106. | •Spoken Language | ڳالهائڻ واري بولي، روزمره واري بولي |


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| 107. •Spread | پکڙيل |
| 108. •Short-hand | مختصر خط، ڇوٽو خط، لَنڊو خط، اڌ اکري |
| 109. •Soft-palate, velum | نرم تارون |
| 110. •Standard Dialect | معياري لهجو |
| 111. •Stress | زور |
| 112. •Tip of the Tongue | ڄڀ جي نوڪ |
| 113. •Track or region of sounds | آوازن جو پڙ |
| 114. •Succession of sounds | آوازن جو تسلسل |
| 115. •Tongue | ڄڀ |
| 116. •Tongue training | ڄڀ جي تربيت |
| 117. •un rounded | اڻگول |
| 118. •Uvula | ڪاڪڙو، حَلق |
| 119. •Uvular sounds | ڪاڪڙي وارا آواز |
| 120. •Voiced sounds | ڳرا آواز |
| 121. •Voiceless sounds | هلڪا آواز |
| 122. •Vowels | سُرَ |
| 123. •Vowel letter | حرف علت |
| 124. •Velar sounds | نرم تارُونءَ وارا آواز |
| 125. •Vocal Cards | آوازي تندون، آوازي ڦڙڪا |
| 126. •Writing system | رسم الخط |


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مددي ڪتاب ۽ رسالا

### سنڌي ڪتاب


1. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 1993ع، سنڌي صورتخطي، ڇاپو ڇوٿون، حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
2. ايضاً: 2004ع، سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد، ڇاپو ٻيون، ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي
3. آڏواڻي، ڀيرو مل: 1926ع، وڏو سنڌي ويا ڪرڻ، ڀاڱو ٻيون، ڪراچي، هندو پريس.
4. ڪلياڻ آڏواڻي: 1953ع، سامي، بمبئي 1: چرچ گيٽ
5. ايضاً: 1956ع، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ
6. سراج: 1963ع، سنڌي ٻولي، حيدرآباد: عظيم پبليڪيشن
7. عبدالڪريم سنديلو، ڊاڪٽر: 1955ع، تحقيق لغات سنڌي، لاڙڪاڻو
8. مرزا قليچ بيگ: 1960ع سنڌي ويا ڪرڻ ڀاڱو ٽيون، حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ
9. مُرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر: 2000ع، سنڌي ڌوني- وگيان (سنڌي صوتيات) دهلي، فوٽو آف سيٽ پرنٽرس 2446، برادري باليمرن
10. مولانا محمد اشرف ٿانوي: جمال القرآن، ڪراچي:
11. نبي بخش خان، بلوچ، ڊاڪٽر: 1960ع، جامع سنڌي لغات، جلد پهريون، حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ
12. ايضاً: 1962ع، سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ، حيدرآباد
13. وسناڻي، ن – ج: 1892ع، نئون سنڌي وياڪرڻ (A New Grammar of Sindhi Language) ڪراچي: گورنمينٽ سينٽرل بڪ ڊيپو
14. ايضاً، وَئُتپتي ڪوش، حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ
15. واحد بخش شيخ: 1956ع سنڌي صرف ونحو، حيدرآباد: آر- ايچ- احمد ائنڊ برادرس




sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## English Books


1. Allana Ghulam Ali, 1963, The Arabic Element in Sindhi, M.A. Thesis, submitted to the University of London, Lahore: Maktabah Danishwaran
2. Allen, W.S., 1953, Phonetics of Ancient India, Geoggery Cumberege, London: Oxford University Press
3. Ibid. 1957, An article Some Phonological Characteristics of Rajasthani, B.S.O.A.S
4. Bartil Malmberg, Publication 1963, Phonetics, Dover Publication INC, New Yark:
5. Benarsidas Jain, 1934, A Phonology of Punjabi and Ludhiani Phonetic Reader, Ph.D. Thesis, Submitted to the University of London, Lahore: Published by the University of Punjab
6. Bloch, B., and Trager, L., 1942, Outline of Linguistic Analysis, Linguistic Society of America, Baltimore:
7. Bloomfield, L., 1961, Language, London: Georage Allen Unwin Ltd.
8. Chatterji, S.K., 1942, Indo-Aryan and Hindi, Ahmedabad: Gujrat Vernacular Society
9. Cowell, E.B. '1962' The Prakratapra Kasa Of Vararuchi, Calcutta 4: Punthi Pustak
10. Firth, J.R. 1957, Papers in Linguistics, 1934-51, London: Oxford University Press
11. Glimson , A.C., 1964, An Introduction to the Pronuciation of English, London: Edward Arnold Publisher Ltd
12. Hocket, C.F., 1960, A Course in Modern Linguistics New Yourk: The Macmillan Company
13. Jhamatmal Wasnani, 1892, New Sindhi Grammar, Karachi: Government Central Book Department
14. Jones, D., 1962, An Outline of English Phonetics, W. Heffer Sons, Ltd.
15. Khalil I. Suleman, 1963, Arabic Phonetics, Translation of Ibn Sina's Risalah, Lahore: Shaikh Muhammad Ashraf, Kashmiri Bazar




sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

16. Khubchandani, L.R., 1961, The Phonology and Morphophonemics of Sindhi, M.A. Thesis, Pensylvaina, University
17. Macdonell, A.A. (1893) Sanskrit- English Dictionary, London:
18. Mario Peiand Frank Gaynor 1954, Dictionary of Linguistics, Philosophical Library, New York:
19. Mitchell, T.F., 1949, Teach Yourself Arabic, London: The Principles of International Phonetie Association
20. Monier Williams, Sir, (1956) A Sanskrit Dictionary, Oxford:
21. Pei Mario and Frank Geynor (1954) Dictionary of Linginstics, New York: Philosophical Library
22. Scholberg, H.C., 1955, Concise Grammar of Hindi Language, Geoffrey Cumberlege: Oxford University Press
23. Ward, C., 1962, The Phonetic of English, W. Heffer and sons Ltd., Cambridge: England
24. Whiteny, W.D., 1950, Sanskrit Grammar, Geoffrey Cumberlege, London:



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ISBN 978-9-6962512-0-0

sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com